ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 29 جنوري 2026ع 09 شعبان المعظم 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (167)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

اي سي سي پاران پاسڪو جي 5 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ جي ذخيرن کي چٽاپيٽي بوليءَ ذريعي وڪرو ڪرڻ جي منظوري

اقتصادي رابطا ڪميٽيءَ جو اجلاس ڪالهه ناڻي وزارت ۾ وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو، جنهن ۾ اهم معاشي، مالي ۽ شعبي جاتي معاملن جو جائزو ورتو ويو.

اجلاس ۾ ڪيترن ئي وزارتن ۽ ڊويزنن لاءِ فني ضمني گرانٽس جي به منظوري ڏني وئي، اجلاس جو مقصد معيشت جي استحڪام کي يقيني بڻائڻ، صارفين جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ، سماجي خدمتن کي مضبوط بڻائڻ ۽ اهم سرڪاري ادارن جي آپريشنل ضرورتن کي پورو ڪرڻ هو

انهن قدمن جو مقصد وڌندڙ ذخيرن جو مؤثر انتظام، ذخيرو ڪرڻ ۽ سارسنڀال جي خرچن ۾ گهٽتائي، ملڪي ڪڻڪ مارڪيٽ ۾ قيمتن جي استحڪام کي يقيني بڻائڻ ۽ غذائي تحفظ يقيني بڻائڻ آهي: اي سي سي

پاڪستان پوسٽ آفيس ڊپارٽمينٽ جي نُمي يوٽيلٽي ڪمپنين جي بقايائن جي ادائگيءَ لاءِ گهربل فنڊز جو جائزو ورتو ويو، بقايائن جي ادائگيءَ لاءِ 10.98 ارب رپين جي فني ضمني گرانٽ جاري ڪرڻ جي منظوري

اجلاس ۾ فيڊرل بورڊ آف ريوينيو طرفان ضبط ٿيل سولر پينلز کي گلگت بلتستان ۾ ورهائڻ جي منظوري، ڏني وئي جنهن سان گلوگلاڻ انهن جي رسد ۽ ورهاست جي منصوبي جي پڻ منظوري ڏني وئي

اسلام آباد (اي پي پي) ڪابينه جي اقتصادي رابطا ڪميٽي (اي سي سي) پاسڪو جي 5 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ جي ذخيرن کي چٽاپيٽي واڪ ذريعي وڪري جي منظوري ڏني وئي چڪي آهي اجلاس ۾ ڪيترن ئي وزارتن ۽ ڊويزنن لاءِ فني ضمني گرانٽس جي به منظوري ڏني وئي اقتصادي رابطا ڪميٽيءَ جو اجلاس ڪالهه ناڻي وزارت ۾ وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب جي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۾ شديد برفاني طوفان سبب فوتگين جو انگ وڌي 42 ٿي ويو

ڪجهه علائقن ۾ اٽڪل 40 سينٽي ميٽر تائين برفباري رڪارڊ ڪئي وئي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا ۾ شديد برفاني طوفان سبب فوتگين جو انگ وڌي 42 ٿي ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

روس جي هڪ گهر ۾ باهه لڳڻ سبب ٽن ٻارن سميت پنج ڄڻا اجل جو شڪار

ماسڪو (اي پي پي) روس جي علائقي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

نيوزيلينڊ ۾ هيلي ڪاپٽر ڪري تباهه، ٻه ڄڻا فوت

ويلنگٽن (اي پي پي) نيوزيلينڊ جي گادي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير راڻا تنوير جي صدارت ۾ خوراڪ کاتي جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ڌمڪين سان ڳالهيون نٿيون ٿي سگهن، ڳالهيون ان وقت ممڪن آهن، جڏهن غيرمعمولي مطالبا ختم ٿيندا: ايران

ايران منهنجي وارننگ کي نظرانداز ڪيو ته آمريڪا جي خطرناڪ حملي لاءِ تيار رهي: صدر ٽرمپ جي ڌمڪي

تهران وارننگ نظرانداز ڪئي ته پهرين کان وڌيڪ نتيجو ڀوڳيندو، ان کان اڳ ايران کي منهنجي وارننگ کي نظرانداز ڪرڻ جو نتيجو آپريشن مڊنائٽ هيمر جي صورت ۾ ڀوڳڻو پيو هو

ايران لاءِ وقت تيزي سان نڪري رهيو آهي ۽ ان کي ڊيل مهلت ختم ٿيڻ جو ويجهو آهي، ايران فوري طور تي جوهري معاهدي لاءِ ڳالهين جي ميز تي واپس اچي: آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ

تازو گذريل ڏينهن ۾ منهنجو آمريڪي نمائندي اسٽيو وٽڪوف سان ڪو رابطو ناهي ٿيو، تنهن هوندي به ٽياڪڙي وارن ملڪن ذريعي مشاورت جاري آهي: ايران جو پرڏيهي وزير عباس عراقچي

جيڪڏهن ايران اسرائيل تي حملو ڪيو ته اسان کي هڪ اهڙي طاقت کي منهن ڏيڻو پوندو جيڪا ان کان پهرين ڪڏهن به نه ڏٺي هوندي: اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ٽرمپ ڌمڪي ڏيندي چيو آهي ته ايران هاڻي منهنجي وارننگ نظرانداز ڪئي ته پهرين کان وڌيڪ نتيجو ڀوڳيندو ان کان اڳ ايران کي منهنجي وارننگ کي نظرانداز ڪرڻ جو نتيجو آپريشن مڊنائٽ هيمر جي صورت ۾ ڀوڳڻو پيو هو صدر ٽرمپ خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ايران اسان جي وارننگ کي نظرانداز ڪيو ته پوءِ خطرناڪ حملي لاءِ تيار

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

حج 2026ع جي خرچن ۾ بچت ٿي ته رليف حاجي سڳورن کي منتقل ڪنداسين: وفاقي حڪومت جو اعلان

طبي بنياد تي يا هارڊشپ ڪرڻا ۾ ڪامياب نه ٿيندڙ پانڌيئڙن کي پوري رقم جي واپسي يقيني

حج 2025ع جي بهترين انتظامن تي سعودي حڪومت پاڪستان کي ايڪسيلينس ايوارڊ سان نوازيو، جيڪو وڏو اعزاز آهي

عمري ۽ زيارت لاءِ نوان ضابطا تيار ڪيا ويا آهن ته جيئن زيارتين کي نجي آپريٽرز هٿان استحصال کان بچائي سگهجي

اسلام آباد (اي پي پي) مذهبي معاملن ۽ بين المذاهب هم آهنگي واري وفاقي وزير سردار محمد يوسف چيو آهي ته حج 2026ع جي خرچن ۾ ڪنهن به مد ۾ بچت ٿي ته اها رليف سڌيءَ ريت حاجي سڳورن کي منتقل ڪنداسين طبي بنياد تي يا هارڊشپ ڪرڻا ۾ ڪامياب نه ٿيندڙ پانڌيئڙن کي پوري رقم جي واپسي يقيني بڻائينداسين حج لاءِ ڪنهن جي ڪوٽا ناهي، نه ئي پارليامينٽ جي ميمبرن کي مفت ۾ حج ڪرائڻ جي ڪا تجويز غور هيٺ آهي هو ڪالهه پي ٽي وي هيڊ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ايران، آمريڪا سان ڳالهين جي درخواست جي ترديد ڪري ڇڏي

ويجهڙ ۾ آمريڪا سان ڪنهن به قسم جي ڳالهين جي درخواست ناهي ڪئي: عراقچي

تهران (اي پي پي) ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي واضح ڪيو آهي ته ايران ويجهڙ ۾ آمريڪا سان ڪنهن به قسم جي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ نيب پاران مختلف علائقن مان واپس حاصل ڪيل سرڪاري ملڪيتون حڪومت حوالي

وڏي وزير سان نيب چيئرمين ملاقات ڪري سرڪاري زمينن جي بحالي بابت تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي

ڪربين رپين جي ماليت واري زمين جي بحالي سنڌ جي عوام لاءِ وڏي ڪاميابي آهي: مراد علي شاهه

سنڌ حڪومت ۽ نيب پاران سرڪاري زمينن جي فراڊ خلاف گڏيل ڪارروائي جاري رکڻ جو عزم

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ قومي احتساب بيورو (نيب) جي چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل (ر) نذير احمد سنڌ ۾ سرڪاري زمينن جي فراڊ خلاف گڏيل ڪارروائي جاري رکڻ جي عزم جو ٻيهر اظهار ڪيو آهي هي ملاقات وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿي جنهن ۾ ٻنهي پاسن کان اعليٰ سطحي وفد شرڪت ڪئي سنڌ حڪومت طرفان چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، ايڊووڪيٽ جنرل، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، سينيئر

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ زلزلي جا لوڏا، ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس

زلزلي کان پوءِ ڪنهن به قسم جي مالي يا جاني نقصان جا اطلاع نه مليا

اسلام آباد (اي پي پي) بلوچستان جي قلعه سيف الله ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن ۾ گذريل ڏينهن زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي جي حڪومت جو مڪمل ڌيان ڪراچي جي ترقي تي آهي: شرجيل ميمڻ

ڪوشش آهي ته هتي جي شهرين لاءِ جديد ۽ اسٽيٽ آف دي آرٽ منصوبا آندا وڃن

سپ کان بهترين منصوبو، شاهراهه ڀٽو مڪمل ڪيو آهي، جيڪو شهر لاءِ اهم گيٽ وي آهي

گل پلازا سانحي بابت رپورٽ ملڻ کان پوءِ ان جي روشني ۾ ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ريڊ لائين بي آر ٽي منصوبي جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ جاري ترقياتي ڪمن

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪوئيٽا: برفباري بعد حنا ڍنڍ ۽ ڀرپاسي ۾ سفيد چادر وڇايل آهي، ٻئي طرف ماڻهو برفباري جو مزو وٺي رهيا آهن

خيبرپختونخوا جي عوام جي خوشحالي انهن جو بنيادي حق آهي: عطاءُ الله تارڙ

بدقسمتي سان ڪير به سنجيدگي سان صوبي جي ترقي لاءِ نه سوچي رهيو آهي: وفاقي وزير اطلاعات

خيبرپختونخواهه ۾ بي پناهه پوٽينشل موجود آهي، اتي قيمتي جيمز اسٽونز ۽ ماربل اربين ڊالر ماليت جا آهن

اڄ سيف سٽي منصوبو عوام جي تحفظ ۽ وقت سر ڪارروائي جي لاءِ موثر ثابت ٿي رهيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته خيبرپختونخواهه جي عوام جي خوشحالي انهن جو بنيادي حق آهي. بدقسمتي سان ڪير به سنجيدگي سان صوبي جي ترقي لاءِ نه سوچي رهيو آهي، خيبرپختونخواهه ۾ بي پناهه پوٽينشل موجود آهي اتي قيمتي جيمز اسٽونز ۽

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سون جي قيمتن ۾ ٻيهر وڏو اضافو في تولو 5 لک 51 هزار 662 رپيا ٿي ويو

ڪراچي جي مقامي مارڪيٽ ۾ في تولو سون ۾ 21 هزار 100 رپين جو اضافو ٿي ويو

چانديءَ جي قيمت في تولو 271 رپين جي اضافي سان 11 هزار 911 رپيا ٿي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سون ۽ چانديءَ جي قيمتن ۾ ٻيهر وڏو اضافو ٿيو آهي جنهن ڪري مقامي مارڪيٽ ۾ قيمتون نئين بلند ترين سطح تي پهچي ويون آهن، مقامي مارڪيٽ ۾ في تولو سون ۾ 21

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ: روس جو سفير سيالڪوٽ چيمبر آف ڪامرس ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ جي اوقاف کاتي ۾ مختلف شهرن جي مئنيجرن جون مقررين ۽ بدليون، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اوقاف کاتي ۾ مقررين بدليون ڪيون ويون آهن، جاري ٿيل نوٽيفڪيشن موجب گريڊ 16 جو اسسٽنٽ سيد اعجاز علي شاهه بدلي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

لاهور: بسنت تهوار کان اڳ حفاظتي اپائن تحت موٽرسائيڪلن اڳ راڊون لڳايون پيون وڃن

گل پلازه ۾ هڪ ڀيرو جي هٿان فلاور شاپ ۾ باهه لڳي، حتمي جاچ رپورٽ تيار

لڳندڙ باهه ايئر ڪنڊيشنر جي ڊڪٽس ذريعي عمارت جي ٻين حصن تائين تيزي سان پکڙجي وئي

باهه لڳڻ سبب مجموعي طور 79 ماڻهو فوت ٿيا، گهڻيون فوتگيون ميزنائن فلور تي ٿيون

حتمي رپورٽ جي روشني ۾ وڌيڪ قانوني ۽ انتظامي ڪارروائي جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي: ذريعا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازه سانحي بابت حتمي جاچ رپورٽ تيار ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب هي حتمي رپورٽ ڪمشنر ڪراچي ۽ ايڊيشنل آءِ جي تي مشتمل ڪميٽي تيار ڪئي آهي، جيڪا ڪمشنر ڪراچي طرفان وزيراعليٰ سنڌ مراد

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

اين اي ڊي يونيورسٽي ۾ بي ايڇ ڊي جي شاگرد جي داخلا رد ڪرڻ خلاف درخواست تي ڌرين کي نوٽيس جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ايم ڪيو ايم اڳواڻ سيڪيورٽي واپس وٺڻ بابت ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن: سعديه جاويد

ڪراچي کي وفاق حوالي واري مطالبي تي قومي اسيمبليءَ ۾ قرارداد آڻڻ گهرجي

گل پلازه سانحي جي جاچ بابت بليڪ ميلنگ ذريعي عدالتي ڪميشن نه ٺهندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد جو چوڻ آهي ته ايم ڪيو ايم چاهي ٿي ته ڪراچي کي وفاق حوالي ڪيو وڃي، پوءِ قومي اسيمبليءَ ۾ قرارداد آڻيو سنڌ حڪومت جي ترجمان

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي بار جون چونڊون نه ڪرائڻ بابت هلندڙ افواهون بي بنياد آهن: وائيس چيئرمين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ بار ڪائونسل

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سيوهڻ ۾ سوئي گيس اٽلپ، گهريلو صارفين پريشان، ڪاٺيون ٻارڻ تي مجبور

گذريل ٻن مهينن کان گيس نه هجڻ جي ڪري سڄي شهري زندگي سخت متاثر ٿي وئي

عورتون رڌ پچاءَ لاءِ ڪاٺيون، ڪوئلو استعمال ڪرڻ تي مجبور، رهواسين پاران احتجاج جو ڏڻاءُ

سيوهڻ (نج) سيوهڻ ۾ سوئي گيس اٽلپ ٿي وڃڻ سان گهريلو صارفين سخت پريشان ڪاٺيون ٻارڻ تي مجبور سخت احتجاجي تحريڪ جو ڏڻاءُ تفصيل موجب قلندر جي نگري سيوهڻ ۾ گذريل ٻن مهينن ڊسمبر ۽

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: هڪ ڪاريگر کٽ واڻي رهيو آهي

ڪراچي ۾ ناميارو صحافي زلف پيرزادو جي ٻي ورسي، خدمتن تي ڀيٽا پيش

پائو زلف پيرزادو نظرياتي صحافي جي حيثيت ۾ جمهوريت دوست هو: ڊاڪٽر جبار خٽڪ

زلف جي شخصيت جو اندازو سندس گهر جي عورتن کي ڏنل تعليم تربيت مان ظاهر آهي: شيما ڪرماڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) روزاني عوامي آواز جي ڊپٽي ايڊيٽر، ليکڪ، شاعر ۽ ايم آر ڊي جي قيدي امام بخش المعروف زلف پيرزادو (پائو) جي ٻي ورسي ڪراچي پريس ڪلب طرفان ڪلب جي ابراهيم جيلس هال

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

سنڌ ورڪرز ويلفيئر بورڊ ۾ اربين رپين جون مالي بيضابطگيون ٿيڻ جو انڪشاف، جاچ شروع

نيب پاران سنڌ حڪومت کي خط لکي اربين رپين جا ٺيڪا من پسند ماڻهن کي جاري ڪرڻ جو انڪشاف ڪيو

ڪرپشن ۾ پورهئي کاتي جي وزير شاهد ٿهيم، اڳوڻو سيڪريٽري پورهيو رفيق قريشي ۽ ٻيا ملوث قرار

مزدورن جي گهرن ۽ اسڪولن جي تعمير ۽ مرمت لاءِ ساڍا پنج ارب جو جعلي ٽينڊر جاري ڪيو ويو: خط جو متن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي پورهئي کاتي واري اداري ورڪرز ويلفيئر بورڊ ۾ اربين رپين جون مالي بيضابطگيون، نيب جو سنڌ حڪومت کي خط نيب جي خط موجب اڳوڻي ليبر وزير شاهد ٿهيم، اڳوڻو

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان گيٽس فائونڊيشن جو صدر ڊاڪٽر ڪرس الياز ۽ ٻيا ملاقات ڪري رهيا آهن

پوليو جي خاتمي لاءِ قدم جاري رکنداسين: وزيراعظم

حڪومت پوليو جي خاتمي جي لاءِ جامع حڪمت عملي کڻي رهي آهي

ڪرس ايلياس وزيراعظم کي بل گيٽس جو نيڪ خواهشن جو پيغام پهچايو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پوليو جي خاتمي لاءِ حصيدارن جي تعاون سان قدم جاري رکڻ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پاڪ چين لاڳاپا نون بلندين تائين پهچي رهيا آهن: علي پرويز ملڪ

پاڪستان ۽ چين وچ ۾ حصيداري اعتماد ۽ ڏکي مُدي جي تعاون جي علامت آهن

پائيدار ڪاروباري ماحول جي اصل علامت مقامي سيڙپڪارن جو اعتماد هوندو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ چيو آهي ته پاڪ چين حصيداري اعتماد ۽ ڏکي مُدي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪوئيٽا ۾ ڏوهن جي شرح 70 سيڪڙو تائين گهٽجي وئي آهي: سرفراز بگٽي

شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي مان فائدو کنيو وڃي

حڪومت صوبي ۾ پائيدار امن جي قيام تائين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مڪمل سرپرستي جاري رکندي

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي چيو آهي، ته صوبائي حڪومت جي اترائتي حڪمت عملي ۽

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس جو اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ رول ماڊل بڻيل آهي: آءِ جي

سمورن چئلينجز جي باوجود کاتي جي مڪمل ذميواري نڀائڻ ضروري آهي

آءِ جي آزاد خان ايس ايس يو هيڊڪوارٽرز جو دورو ڪري انتظامي معاملن جو جائزو ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (ايس ايس يو) هيڊڪوارٽرز جو دورو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

Closing Ceremony
Kashmir.
See
اسلام آباد: سينيٽر مشاهد حسين سيد سي پيڪ بابت تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ پوليس جي فارنزڪ يونٽ ۽ پنجاب اداري پاران گڏيل جاچ جو فيصلو

پنجاب جي اربن سرچ اينڊ ريسرچ فورس ۽ سنڌ پوليس فارنزڪ يونٽ جي ماهرن وچ ۾ تعارفي اجلاس پڻ ٿيو

عمارت جي انهن حصن مان نمونا گڏ ڪيا پيا وڃن جيڪي باهه کان محفوظ رهيا هئا

جاچ دوران ٿوري وقت ۾ ايتري وڏي عمارت کي باهه جي لپيٽ ۾ آڻڻ جا اصل سبب معلوم ڪيا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم اي جناح روڊ تي واقع گل پلازه ۾ لڳل باهه واري واقعي بابت جاچ ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي. ذريعن موجب گل پلازه آتشزدگي ڪيس جي جاچ لاءِ سنڌ پوليس جي فارنزڪ يونٽ ۽ پنجاب جي اربن سرچ اينڊ ريسرچ فورس گڏيل طور تي تحقيق ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته سنڌ پوليس جي فارنزڪ ٽيم گل پلازه جو دورو پڻ ڪيس جي شواهد گڏ ڪيا ويا. ان سلسلي ۾ اربن سرچ اينڊ ريسرچ فورس

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

مختلف مذهبن، ثقافتن ۽ ٻولين جو احترام ئي پُرامن سماج جي بنياد آهي: مراد علي شاهه

گڏيل قومن جي اصولن مطابق امن ۽ انصاف تي ٻڌل سماج اسان جي ترجيح آهي

سنڌ ڌرتي صدين کان رواداري، برداشت ۽ هم آهنگيءَ جي علامت رهي آهي: پيغام ۾ اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پُرامن بقاءِ باهميءَ واري عالمي ڏهاڙي جي موقع تي سندس بيان ۾

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

گل پلازه سانحي ۾ فوت ٿيل وڌيڪ ٻن ڄڻن جي سڃاڻپ، لاش وارثن حوالي

دهلي ڪالوني جي رهواسين ٻه فوتين جي سڃاڻپ ڊي اين اي ذريعي ٿي وئي آهي

ڪوثر پروين ۽ اشرف جون جون ميتون ايڌي سرد خاني مان وارثن حوالي ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سانحي گل پلازه ۾ دهلي ڪالوني ڪراچي جي هڪ خاندان جا 6 رهاڪو شاپنگ لاءِ آيل هئا، جن سان

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عليم خان اين ايڇ اي بابت اعليٰ سطحي گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

سنڌ ۾ وزيراعظم يوٿ ليپ ٽاپ اسڪيم جو باقاعده آغاز ڪيو پيو وڃي: نهال هاشمي

هي پروگرام نوجوانن جي تعليم، مهارتن ۽ روشن مستقبل لاءِ شروع ڪيو ويو آهي

پروگرام تحت صوبي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ 20 هزار ليپ ٽاپس ورهايا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعظم يوٿ ليپ ٽاپ اسڪيم تحت سنڌ ۾ نوجوان شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ ليپ ٽاپس جي ورهاست

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ انتهاپسندي جي خاتمي لاءِ نئون مرڪز قائم ڪيو ويو آهي: ضياءُ لنجار

صوبائي مرڪز قومي پاليسي ۽ نظرثاني ٿيل نيشنل ايڪشن پلان تحت ڪم ڪندو

نوجوانن، عورتن، عالمن ۽ اقليتي برادرين لاءِ امن، رواداري ۽ مڪالمي تي ٻڌل پروگرام شروع ڪيا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ سينٽر فار

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

لاهور: پاڪستاني ٽي 20 ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪپتان سلمان علي ۽ آسٽريلوي ٽيم جو ڪپتان مچل مارش ٽرافي سان گڏ بيٺل آهن

معاشي استحڪام، مالي پائيداري ۽ ملڪي ترقي لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون: ناڻي وزير

ٽيڪس سميت ڪيترن ئي شعبن ۾ ڍانچي جاتي سڌارن جي پروگرام تي عملدرآمد ٿي رهيو آهي

سينيٽر محمد اورنگزيب سان جرمنيءَ جي سفير جي ملاقات، معاشي لاڳاپن جي مجموعي صورتحال جو جائزو ورتو ويو

سڌارا شفافيت ۽ انصاف کي هٿي وٺرائڻ، معاشي بگاڙ کي گهٽ ڪرڻ ۽ سمورن معاشي ڌرين لاءِ هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ جوڙيو ويو آهي: ناڻي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته حڪومت معيشت جي استحڪام، مالي پائيداري ۽ چٽاڀيٽيءَ تي ٻڌل ترقي ۽ اوسر لاءِ قدم کڻي رهي آهي، ٽيڪس سميت

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وقتي صدر سان گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي جي ملاقات

ملڪ جي مجموعي سياسي صورتحال ۽ خيبرپختونخوا ۾ امن امان تي ڳالهيون

سينيٽ ۾ سمورن صوبن کي هڪ جهڙي نمائندگي حاصل آهي: سيد يوسف رضا گيلاني

اسلام آباد (اي پي پي) وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني سان خيبرپختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي سندس

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت بلوچستان اسيمبلي جي ٿڪ پي بي -21 جي چونڊ عذرداري ڪيس تي ٻڌڻي اڄ تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

آڊيٽر جنرل جي آڊٽ مشاهدي تي نجي ادارن خلاف سيلز ٽيڪس نوٽيس ناقابل قبول قرار

سپريم ڪورٽ ڪمشنر اِن لينڊ روينيو (پشاور زون) جي اپيل منظور ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

آڊيٽر جنرل جا اختيار ۽ فرض آئين ۽ 2001ع جي آرڊيننس تحت صرف وفاق يا صوبي جي قائم ڪيل ادارن تائين محدود آهن: فيصلو

آڊيٽر جنرل جي مشاهدن جي بنياد تي ڪنهن نجي اداري خلاف ٽيڪس وصولي جا قدم نٿا کڻي سگهجن: جسٽس منيب اختر ۽ جسٽس مسرت هلالي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان فيصلو ڏنو آهي ته آڊيٽر جنرل آف پاڪستان جي آڊٽ مشاهدي جي بنياد تي نجي شعبي جي ادارن خلاف سيلز ٽيڪس جا نوٽيس جاري ڪرڻ قانوني طور

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽريفڪ پوليس اهلڪار تي هٿيار تاڻي مارڻ جون ڌمڪيون ڏيندڙ جوابدار تي ڪيس داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽريفڪ پوليس جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هنگامي واري ڪيس ۾ لياقت محسود جي عبوري ضمانت منظور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسداد دهشتگردي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: خيبرپختونخواهه جو گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني سان ملاقات ڪري رهيو آهي

يونيورسٽي آف ميرپورخاص پاران ٽيڪنالاجي ۽ پائيدار ترقي تي پهرين عالمي ڪانفرنس شروع

ڪانفرنس ۾ 400 کان وڌيڪ محقق، وائيس چانسلر، تعليمي ماهر ۽ بين الاقوامي وفد شريڪ ٿيا

تحقيقي مقالا پيش، گروپ ڊسڪشن، پوسٽر پريزنٽيشن ۽ انٽرايڪٽو سيشن ذريعي شاگردن کي جديد ٽيڪنالاجي، انٽرپرينيورشپ ۽ تعليمي طريقن تي آگاهي

هي عالمي ڪانفرنس نوجوانن کي عالمي تعليمي معيار سان ڳنڍڻ لاءِ بهترين قدم آهي: پروفيسر ڊاڪٽر رفيق احمد ميمڻ

ميرپورخاص: يونيورسٽي آف ميرپورخاص طرفان ٽيڪنالاجي، پائيدار ترقي، انٽرپرينيورشپ ۽ تعليم جي موضوع تي ٻن ڏينهن واري پهرين عالمي ڪانفرنس شروع ٿي چڪي آهي. پهرين ڏينهن تي مجموعي طور 8 سيشن منعقد ڪيا ويا، پهرين سيشن ۾ افتتاحي تقريب بعد عالمي ۽ ملڪي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

OPENING CEREMONY
1st International Conference on Sustainability, Techn
Entrepreneurship and Education (ICSTEE 2026
28th Jan 2026
ميرپورخاص: يونيورسٽي آف ميرپورخاص ۾ ٿيل ڪانفرنس ۾ مهمان اسٽيج تي ويٺل آهن

حب ريزروائر ۽ حب ڪينال جي بحالي ڪراچي لاءِ انتهائي ضروري هئي: مرتضيٰ وهاب

رمضان کان اڳ انهن ريزروائرز جي مڪمل صفائي ۽ بحالي جو عمل مڪمل ڪيو ويندو: نواز علي بروهي

پيپلز پارٽي رڳو دعوائن بدران عملي خدمت تي يقين رکي ٿي: دوري دوران ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

پرامن گڏيل بقا هڪ مهذب ۽ ترقي يافته سماج جي بنياد آهي: گورنر

هي ڏينهن رواداري، برداشت ۽ باهمي احترام کي هٿي ڏيڻ جو پيغام ڏئي ٿو

رنگ ۽ نسل جي امتياز کان سواءِ هڪ قوم بڻجڻ پاڪستان جي اصل طاقت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پرامن گڏيل بقا جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير يوسف شيخ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

گل پلازا سانحي ڪانپوءِ ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ متاثر ملازمن جو مظاهرو

واقعي ڪانپوءِ مڪمل طور بي روزگار ٿي ويا آهيون، گهرن جا چُلا ٻرڻ بند ٿي ويا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي گل

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهر تي هٿياربند ڌاڙو، سمورا ڀاتي يرغمال، ايتري ڪروڙن کان وڌيڪ ڦرلٽ

پاڪ ڪالوني ٻڙا بورڊ ويجهو جوابدارن گهر ۾ داخل ٿي ڀاتين کي هڪ ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو

جوابدار الماڙي مان 45 تولا سون زيور ۽ 10 لک رپيا روڪ ۽ قيمتي گهڙيون کڻي فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي ڪرائم سين يونٽ فنگر پرنٽس ۽ ثبوت وٺي واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي پاڪ ڪالوني ٻڙا بورڊ علائقي ويجهو وڏي ڦرلٽ ٿي آهي، هٿياربند جوابدارن ڪروڙين رپين جو سون، نقد ۽ گهڙيون چوري ڪيون متاثر جي خاندان موجب ڦرلٽ جي ڪل قيمت

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هٿيارٻندن هٿان پيٽرول پمپ جو ڪيشئر يرغمال، 33 لک رپيا ڦر

ڪورنگي سنگر چوڪ ڀرسان موٽر سائيڪل سوار ٽن هٿيارٻندن ڪيشيئر کي يرغمال بڻايو

جوابدار 33 لک رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا، پوليس ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ايسٽ زون ڊسٽرڪٽ ڪورنگي ۾ سنگر چوڪ ڀرسان ڦر جي وڏي واردات پيش آئي آهي، جتي موٽر سائيڪل سوار ٽن هٿيارٻند ڦورن پيٽرول پمپ جي ڪيشئر کان 33 لک رپيا

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي کي وفاقي حڪومت حوالي ڪرڻ وارن بيئرز خلاف ڪارروائي، ٻه ڄڻا گرفتار، ايم ڪيو ايم جو احتجاج

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي کي وفاقي حڪومت جي حوالي ڪرڻ جو مطالبو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت گل پلازه سانحي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي پئي: سعيد غني

هن المناڪ سانحي ۾ فوت ٿيلن جي خاندانن کي هر ممڪن مدد فراهم ڪئي ويندي

صوبائي وزير گل پلازه سانحي ۾ فوت ٿيلن جي گهر وڃي سندن وارثن سان ڏک ونڊيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سعيد غني چيو آهي ته سانحي گل پلازه ۾ فوت ٿيل سيني ماڻهن جي وارثن سان دلي همدردي جو اظهار ڪيون ٿا ۽ انهن کي يقين ڏياريو

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شهزور ٽرڪ 7 سالن جي ٻارڙي کي چيپاٽي ڇڏيو، فرار ٿيل ڊرائيور جو ڀاءُ گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ڪورنگي انڊسٽريل ايريا واري علائقي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سڄي دنيا ۾ ڊسمبر جي مهيني ۾ توانائي جي قيمتن ۾ مجموعي طور 1.3 سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ

ان جو وڏو سبب يورپ ۾ قدرتي گيس جي قيمتن ۾ 9 سيڪڙو ۽ آسٽريليا ۾ ڪوئلي جي قيمتن ۾ 4.4 سيڪڙو جي گهٽتائي قرار

ان مجموعي گهٽتائيءَ کي جزوي طور آمريڪا ۾ قدرتي گيس جي قيمتن ۾ 12.1 سيڪڙو واڌ متوازن ڪيو

خوراڪ جون قيمتون مستحڪم رهيون، شرين جي قيمتن ۾ 3.8 سيڪڙو نمايان گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي: عالمي بئنڪ

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي بئنڪ چيو آهي ته سڄي دنيا ۾ ڊسمبر جي مهيني ۾ توانائي جي قيمتن ۾ مجموعي طور 1.3 سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي اها ڳالهه عالمي بئنڪ طرفان جاري ڪيل

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 | 42 ٿي ويا

آمريڪا ۾ آيل شديد برفاني طوفان سبب 42 ماڻهو فوت ٿي ويا آهن گڏيل طور تي فوت ٿي ويلن جو تعلق نيويارڪ، آرڪنساس، لوزيانا، ميساچوسٽس، مسي سپي، نيوجرسي، اوهائيو، پنسلوانيا، ٽيڪساس ۽ ڏکڻ ڪيرولائنا جا سان آهي. خراب موسم سبب اٽڪل 20 ڪروڙ آمريڪي متاثر ٿيا، جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ اٽڪل 40 سينٽي ميٽر تائين برفباري رڪارڊ ڪئي وئي آهي اٽڪل 20 هزار اڏامون ملتوي ٿيون. پاور آئيج پورٽل مطابق 4 لک 48 هزار کان وڌيڪ صارفين هن وقت تائين بجلي کان محروم آهن آمريڪا جي موسميات کاتي مطابق شديد ٿڌ سبب متاثر ٿيل ڪجهه علائقن ۾ ڪيترن ئي ڏهاڪن کانپوءِ ايتري وڏي پيماني تي برفباري رڪارڊ ڪئي وئي آهي.

بقايا 2 | ڌمڪي

رهي ايران لاءِ وقت تيزي سان نڪري رهيو آهي ۽ ان کي ڏنل مهلت ختم ٿيڻ جو ويجهو آهي ايران فوري طور تي جوهري معاهدي لاءِ ڳالهين جي ميز تي واپس اچي. صدر ٽرمپ ايران تي زور ڀريو ته هن ڀيري ايران اهڙو معاهدو ڪري، جنهن ۾ جوهري هٿيار نه هجن ٻئي طرف ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو آهي ته ڌمڪين جي ماحول ۾ ڳالهيون نٿيون ٿي سگهن. ڳالهيون ان وقت ممڪن آهن جڏهن ڌمڪيون ۽ غيرمعمولي مطالبا ختم ٿيندا. تازو گذريل ڏينهن ۾ منهنجو آمريڪي نمائندي اسٽيو وٽڪوف سان ڪو رابطو ناهي ٿيو. تنهن هوندي به ڪيترائي وارڻ ملڪن ذريعي مشاورت جاري آهي هوڏانهن اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو خبردار ڪري چڪو آهي ته جيڪڏهن ايران اسرائيل تي حملو ڪيو ته اسان کي هڪ اهڙي طاقت کي منهن ڏيڻو پوندو جيڪا ان کان بهترين ڪڏهن به نه ڏٺي هوندي.

بقايا 3 | ناڻي وزير

ڪيترن ئي شعبن ۾ ڍانچ جاتي سڌارن جي پروگرام تي عملدرآمد ٿي رهيو آهي هن اها ڳالهه ڪالهه جرمنيءَ جي سفير اناليپيل سان ملاقات ۾ چئي ملاقات ۾ پاڪستان ۽ جرمني وچ ۾ معاشي لاڳاپن جي مجموعي صورتحال جو جائزو ورتو ويو ۽ واپار، سيڙپڪاري سميت ترقيءَ جي شعبن ۾ ٻه طرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ مسلسل رابطن جي اهميت تي زور ڀريو ويو ڌرين معاشي رابطن کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ ۽ ڊگهي مدي جي ترقيءَ لاءِ معاون مستحڪم ۽ اثرائتي ڪاروباري ماحول کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پنهنجي گڏيل عزم کي ورجايو ناڻي واري وزير حڪومت جي مجموعي معاشي ويڙن ۽ سڌارن بابت ترجيحن کان آگاهه ڪندي ڪلي معيشت جي استحڪام، مالي پائيداري ۽ چٽائيءَ تي ٻڌل ترقي جي اهميت کي اجاگر ڪيو هن معاشي بحالي جي حمايت، روانگي واپار جي صلاحيت ۾ واڌ ۽ پرڏيهي جهٽڪن جي مقابلي ۾ معيشت جي مضبوطيءَ لاءِ جاري قدمن تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي جامع ۽ پائيدار ترقيءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڍانچ جاتي سڌارن جي رفتار برقرار رکڻ تي به زور ڀريو ملاقات ۾ حڪومت جي محصولن ۽ ٽيڪس سڌارن جي ايجنڊا تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي جنهن ۾ ٽيڪس نيٽ کي هٿي ڏيڻ ٽيڪس تعميل بهتر بڻائڻ ۽ ٽيڪنالاجي ۽ ڊيٽا تي ٻڌل نظام ذريعي ڪارڪردگيءَ ۾ واڌ تي زور ڀريو ويو ناڻي واري وزير واضح ڪيو ته هي سڌارا شفافيت ۽ انصاف کي هٿي وٺرائڻ معاشي بگاڙ کي گهٽ ڪرڻ ۽ سمورن معاشي ڌرين لاءِ هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ جوڙيو ويو آهي گڏوگڏ سيڙپڪاري ۽ دستاويزي معيشت جي حوصلا افزائي به ان جو اهم مقصد آهي جرمن سفير جاري سڌارا جاتي قدمن جي آجيان ڪئي ۽ ڪاروباري برادري سان ٿيل ملاقات جي روشنيءَ ۾ مشاهدن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي جن ۾ پاليسين جي وضاحت، تسلسل ۽ حصيدارن سميت سرڪاري ادارن وچ ۾ مؤثر ڳالهين جي اهميت تي زور ڀريو ويو ڌرين ان ڳالهه تي به اتفاق ڪيو ته پاليسي هدفن جي بهتر تفهيم ۽ مؤثر عملدرآمد، معاشي ترقي ۽ سيڙپڪارن جي اعتماد لاءِ مسلسل رابطا نهايت ضروري آهن وفاقي وزير ٽيڪس انتظاميه کي مضبوط بڻائڻ، خدمتن جي فراهمي بهتر ڪرڻ ۽ شفافيت ۾ واڌ لاءِ جاري انتظامي ۽ ادارا جاتي قدمن تي روشني وڌي ڳالهين ۾ ٽيڪس تعميل ۾ آساني ۽ ڪاروباري سرگرمين ۾ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پائيدار طريقيڪار ۽ معاملن جي وقت سر حل سميت نظامن جي مسلسل جديد ڪاري جي اهميت کي اجاگر ڪيو ملاقات ۾ علائقائي ۽ عالمي معاشي ماحول تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي جنهن ۾ عالمي غير يقيني واري صورتحال سبب پيدا ٿيل گڏيل چئلينجز ۽ موقعن کي تسليم ڪيو ويو ڌرين ان حالتن ۾ تعاون، پاليسيءَ ۾ تسلسل ۽ گڏيل فهم ۽ ادراڪ جي اهميت تي زور ڀريو ته جيئن پائيدار معاشي نتيجا حاصل ڪري سگهجن ڌرين پاڪستان ۽ جرمني وچ ۾ مضبوط ۽ پراڻي حصيداريءَ کي ورجايو ۽ معاشي سڌارن، سيڙپڪاريءَ کي هٿي وٺرائڻ گڏيل مفادن تي ٻڌل تعاون لاءِ ويجها رابطا ۽ تعميري ڳالهين کي برقرار رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو.

بقايا 4 | ٻڌڻي ملتوي

عدالت، بلوچستان اسيمبلي جي ٽڪ پي بي-21 سان لاڳاپيل چونڊ عذرداري ڪيس تي ٻڌڻي (اڄ) 29 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي ڪيس تي ٻڌڻي گذريل ڏينهن چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ڪئي جنهن ۾ جسٽس علي باقر نجفي ۽ جسٽس سيد ارشد حسين شاهه به شامل هئا بعد ۾ عدالت ڪيس تي ٻڌڻي خميس 29 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 5 | فيصل ڪريم ڪنڊي

رهائشگاهه تي ملاقات ڪئي ملاقات دوران ملڪ جي مجموعي سياسي صورتحال، خيبرپختونخواهه ۾ امن امان، گڊ گورننس ۽ صوبي جي مجموعي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ڪالهه اربع ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته پاڪستان جو سينيٽ جنهن ۾ سمورن صوبن کي هڪ جهڙي نمائندگي حاصل آهي ملڪ جي سمورن صوبن جي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ موثر ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن چيو ته سينيٽ ۾ پاڪستان جي سمورن صوبن سان تعلق رکندڙ پارليامينٽيرين پنهنجي پنهنجي علائقن جو موثر آواز آهن ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور انداز ۾ ڪم ڪري رهيا آهن هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته سمورن صوبن جي ترقي ۽ خوشحالي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ بهتر ۽ جامع حڪمت عملي اختيار ڪئي ويندي وقتي صدر دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ خيبرپختونخواهه جي عوام جي بي مثال بهادري، قربانين ۽ حوصلي کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته صوبي ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ ئي ترقي ۽ خوشحالي جو بنياد آهي.

بقايا 6 | ناقابل قبول قرار

صحيح ناهي عدالت ڪمشنر ان لينڊ روينيو (پشاور زون) جي اپيل منظور ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو رپورٽنگ لاءِ منظور ٿيل لکت واري تفصيلي فيصلي موجب جسٽس منيب اختر ۽ جسٽس مسرت هلالي تي ٻڌل بينچ چيو ته آڊيٽر جنرل جا اختيار ۽ فرض آئين ۽ 2001ع جي آرڊيننس تحت صرف وفاق يا صوبي جي قائم ڪيل ادارن تائين محدود آهن ۽ نجي ڪمپنين تي اهي لاڳو نٿا ٿين عدالت وڌيڪ چيو ته آڊيٽر جنرل جي مشاهدن جي بنياد تي ڪنهن نجي اداري خلاف ٽيڪس وصولي جا قدم نٿا کڻي سگهجن عدالت موجب سيلز ٽيڪس ايڪٽ 1990ع جي شق 25 ۾ بيان ڪيل ٻيو پروويزو نجي شعبي جي ادارن تي لاڳو نٿو ٿئي پر اهو صرف ان پبلڪ سيڪٽرن تي لاڳو ٿئي ٿو جن جا اڪائونٽس آڊيٽر جنرل تحت ايندا آهن ان جي ابتڙ نجي ڪمپنين جي حساب جو آڊٽ صرف لاڳاپيل ٽيڪس عملدار ڪري سگهن ٿا ۽ آڊيٽر جنرل جي مشاهدي جي بنياد تي ڪارروائي ڪرڻ غير قانوني آهي عدالت وضاحت ڪئي ته جهڙيءَ طرح آڊيٽر جنرل جو دائره ڪار ۽ اختيار پبلڪ سيڪٽر ادارن لاءِ مخصوص آهي اهڙيءَ طرح ٽيڪس عملدارن جا اختيار به مختلف ۽ محدود آهن جيڪو ڪم سڌيءَ ريت نٿو ڪري سگهجي ان کي اڻسڌيءَ ريت به نٿو ڪري سگهجي. عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو آهي ته اڳ کان ان قسم جي ڪيسن ۾ هي اصول قائم ٿي چڪو آهي ۽ نجي ادارن خلاف آڊيٽر جنرل جي مشاهدن تي ڪنهن به ڪارروائيءَ جي قانوني جوازيت ناهي ان حڪم سان ئي ڪمشنر ان لينڊ روينيو طرفان داخل سي پي ايل اي نمبر 2025/663 پي جي درخواست خارج ڪئي وئي.

بقايا 7 | ڪيس داخل

اهلڪار تي اسلحو تاڻي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ واري واقعي ۾ ملوث جوابدار خوشحال خان خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب جوابدار خوشحال خان پاڻ کي اڳوڻي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي ۽ اڳوڻي صوبائي وزير مرحوم آغا سراج دراني جو ڀائيجو ظاهر ڪيو. ايف آءِ آر موجب واقعي دوران جوابدار ٽريفڪ پوليس اهلڪار سان بدتميزي ڪئي سرڪاري ڪم ۾ رڪاوٽ وڌي ۽ هٿيار ڏيکاري جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون. پوليس طرفان واقعي جو نوٽيس وٺندي قانون موجب ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته قانون سڀني لاءِ برابر آهي ڪنهن به شخص کي ڀلي هو ڪيترو به بااثر ڇو نه هجي، قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته جوابدار خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي پئي وڃي.

بقايا 8 | ضمانت منظور

عدالت ۾ گارڊن واري علائقي ۾ ڊمپر جي ٽڪر سبب نوجوان جي فوت ٿيڻ کانپوءِ ٿيل هنگامي آرائي واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. عدالت آڏو ملزم لياقت محسود کي پيش ڪيو ويو جنهن جي سنڌس عبوري ضمانت منظور ڪئي وئي پوليس موجب ملزم لياقت محسود خلاف گارڊن ٿاڻي تي به ڪيس داخل آهن سيشن عدالت جي هدايت تي هنگامي آرائي واري ڪيس ۾ دهشتگردي جون دفعات به شامل ڪيون ويون انسداد دهشتگردي عدالت بنهي ڪيسن ۾ ملزم جي عبوري ضمانت جي توثيق ڪري ڇڏي عدالت هنگامي آرائي واري ڪيس ۾ هڪ لک رپين جي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪئي جڏهن ته هٿيارن واري ڪيس ۾ 50 هزار رپين جي ضمانت ڏني وئي. وڌيڪ قانوني ڪارروائي ايندڙ ٻڌڻي دوران ڪئي ويندي.

بقايا 9 | ڪانفرنس شروع

سطح جي محققن پنهنجا مقالا پيش ڪيا، عالمي گڏيل بحث مباحثا پڻ ٿي گذريا، ڪانفرنس ۾ ملڪ جي مختلف يونيورسٽين جي وائيس چانسلر سميت تحقيقي مقالا پيش ڪندڙ 400 کان وڌيڪ محققن، بين الاقوامي وفد سميت يونيورسٽي آف ميرپورخاص جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر رفيق احمد ميمڻ، مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طلحه حسين علي،داؤد انجنيئرنگ يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر سمرين حسين، جي سي يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر معظم علي خان ايگري ڪلچر يونيورسٽي آف ٽنڊو ڄام جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف سيال رجسٽرار ميرپورخاص يونيورسٽي ڊاڪٽر پير سهيل احمد سرهندي، پروفيسر ڊاڪٽر عجب علي لاشاري سميت ڪيترن يونيورسٽي کان استاد، تعليمي ماهر پاليسي ٺاهيندڙ محقق شريڪ ٿيا، عالمي ڪانفرنس ۾ تحقيقي مقالن جي پيشڪش قومي ۽ بين الاقوامي ماهر خطاب انٽرايڪٽيو سيشن گروپ ڊسڪيشن پوسٽر پرزينٽيشن تحت لاڳاپيل موضوع تي شاگردن جو ڌيان ڇڪايو ويو ماهرين مطابق هي عالمي ڪانفرنس ميرپورخاص جي شاگردن لاءِ بهترين موقعو ثابت ٿيندي جنهن سان هتان جون شاگرد عالمي طرز تعليمي ميار ۽ موقعن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهندو ٻن ڏينهن واري ڪانفرنس ۾ يونيورسٽي آف ميرپورخاص جي شاگردن شاگردياڻين سان گڏ ملڪ جي مختلف 31 يونيورسٽين جا اسڪالر پڻ شريڪ ٿيا، عالمي ماهر محقق تعليمي ماهرن پنهنجي تحقيقي ڪوشش نون خيالن علمي تجربن سان پائيدار ترقي جديد ٽيڪنالاجي انٽرپرنيوشپ ۽ جديد تعليمي طريقن بابت شاگردن کي آگاهي فراهم ڪئي وئي، وائيس چانسلر ميرپورخاص يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر رفيق احمد ميمڻ چيو ته اجوڪي عالمي ڪانفرنس ميرپورخاص جي نوجوانن لاءِ تعليمي ميدان ۾ بهترين قدم آهي اسان سنڌ جي شاگرد کي عالمي تعليمي ميار سان ڳنڍڻ لاءِ مختلف يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن توڙي ماهرن سان خيالن جي ڏي وٺ چاهيون ٿا، دنيا اندر آئيڊياز تي ڪم ٿي رهيو آهي اسان جو نوجوان به عالمي محققن اسڪالرن سان جڙي پنهنجي آئيڊياز تي ڪم ڪري جيئن اسان پاڻ مڃائي سگهون نوجوان پنهنجون تخليقي ۽ ماهرانا صلاحيت کي استعمال ڪري خيال پيش ڪندي جنهن بعد تعليمي ماهر پاليسي ساز ادار ۽ حڪومت سنڌس آئيڊياز کي سهڪار ڏيندي، اسين چاهيون ٿا ته اسان جو بار اي آئي جديد ٽيڪنالاجي پائيدار ترقي ۾ دنيا سان گڏ هلي، ڪانفرنس جي مهمان خاص وائيس چانسلر داؤد يونيورسٽي ڊاڪٽر سمرين حسين چيو ته ميرپورخاص يونيورسٽي پلي نئين يونيورسٽي آهي پر هتان جو جذبو قابل تحسين آهي سنڌ تحقيقي ڪم هتان جي شاگرد لاءِ بهتر قدم ثابت ٿيندي يونيورسٽي اهڙي طريقي سان ڪم ۽ محنت جاري رکي ته هتان جو شاگرد ٻاهر جي دنيا ڳانڍاپو حاصل ڪري سگهندو اسلام آباد يونيورسٽي آف ٽن حسين مليشا جي دين ڊاڪٽر سراڳا چيو ته منهنجي لاءِ فخر جهڙي ڳالهه آهي ته ميرپورخاص يونيورسٽي سونڪي هن ڪانفرنس ۾ گهرايو آهي هتان جا شاگرد تمام ذهين ۽ سمجهدار آهن هو مثبت خيال جا آهن مان هنن سان تمام گهڻو متاثر ٿي آهيان هن ٻڌايو ته هن جنريشن آهي اجوڪي جنريشن اي آئي لاءِ سرگرم آهي پر الميو اهيو آهي ته ملائيشيا جا نوجوان هن اي آئي جو وڌيڪ استعمال ڪري رهيو آهي.

بقايا 10 | مرتضيٰ وهاب

مرتضيٰ وهاب ۽ چيئرمين منگهوپير ٽائون حاجي نواز علي بروهي حب ريزروائر جو تفصيلي دورو ڪيو جتي حب ريزروائر جي بحالي ۽ ڪراچي کي پاڻي جي فراهمي ۾ واڌ واري منصوبي کي هڪ تاريخي ۽ عوامي فلاح جو وڏو قدم قرار ڏنو ويو. ان موقعي تي چيو ويو ته هي اهو منصوبو آهي، جيڪو گذريل چاليهن سالن تائين مسلسل نظرانداز ٿيندو رهيو جنهن جي نتيجي ۾ منگهوپير اورنگي مومن آباد ۽ پرپاسي وارن علائقن جي رهواسين کي پاڻي جي شديد کوٽ کي منهن ڏيڻو پيو. چيئرمين منگهوپير ٽائون حاجي نواز علي بروهي چيو ته اڄ ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب جي قيادت ۾ انهن پراڻن مسئلن کي عملي طور حل ڪيو پيو وڃي ۽ سنڌن پاڻ ميدان ۾ موجود ٿي ڪم جي نگراني ڪرڻ ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي رڳو دعوائن بدران عملي خدمت تي يقين رکي ٿي. هن ٻڌايو ته حب ريزروائر جي مجموعي 15 ايم جي ڊي گنجائش ۾ شامل ساڍا ست، ساڍا ست ايم جي ڊي وارا ٻئي ٽينڪ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان مٽي ۽ گدلاڻ سبب پنهنجي اصل صلاحيت وڃائي ويٺا هئا، جنهن جو سڌو اثر ڪراچي جي اولهندي علائقن خاص طور منگهوپير ٽائون تي پئجي رهيو هو. حاجي نواز علي بروهي ان عزم جو اظهار ڪيو ته رمضان المبارڪ کان اڳ انهن ريزروائرز جي مڪمل صفائي ۽ بحالي جو عمل مڪمل ڪيو ويندو جيئن عوام کي بهتر مسلسل ۽ باعزت نموني پاڻي جي فراهمي ممڪن بڻائي سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته هن منصوبي سان مومن آباد، اورنگي منگهوپير بلديه ٽائون، سائٽ ۽ ڊسٽرڪٽ سينٽرل جي ڪيترن ئي علائقن جا رهواسي سڌي طرح فائدو حاصل ڪندا ۽ ڪيترن سالن کان جاري پاڻي جي مسئلي مان حقيقي رليف ملندو. هن ماضي جي صورتحال تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته شهر ڳاهڻ جا دعوائون ته گهڻا ڪيا ويا، پر اهڙن بنيادي ۽ عوامي فلاح وارن منصوبن ڏانهن ڪنهن به ڌيان نه ڏنو جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت بنا ڪنهن فرق جي خدمت واري ويزن تحت انهن علائقن ۾ به ڪم ڪري رهي آهي، جتي ماضي ۾ ڪڏهن به ترقياتي ڪم نه ٿيا. ان موقعي تي ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته حب ريزروائر ۽ حب ڪينال جي بحالي ڪراچي لاءِ انتهائي ضروري هئي ۽ هن منصوبي کي ڊگهي عرصي تائين نظرانداز ڪرڻ شهر سان ناانصافي جي برابر هو. هن واضح ڪيو ته موجوده بلدياتي قيادت جو مقصد پاڻي جهڙي بنيادي مسئلي تي سياست ڪرڻ نه، پر عملي قدمن ذريعي شهرين کي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي. ميئر ڪراچي زور ڏنو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت ۽ بلدياتي ادارا گڏجي ڪراچي جي مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ سنجيدگي سان ڪم ڪري رهيا آهن ۽ حب ريزروائر جي بحالي ان عزم جي هڪ چٽي مثال آهي جنهن جا مثبت نتيجا جلد ئي عوام جي سامهون ايندا.

بقايا 11 | گورنر

عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته پرامن گڏيل بقا هڪ مهذب ۽ ترقي يافته سماج جي بنياد آهي. هن چيو ته هي ڏينهن رواداري، برداشت ۽ باهمي احترام کي هٿي ڏيڻ جو پيغام ڏئي ٿو. سنڌ جي گورنر چيو ته سنڌ صدين کان امن محبت ۽ بين المذاهب هم آهنگي جي علامت رهي آهي، جتي مختلف مذهبن ۽ ثقافتن سان تعلق رکندڙ ماڻهو باهمي احترام سان رهندا آيا آهن هن چيو ته رنگ ۽ نسل جي امتياز کان سواءِ هڪ قوم بڻجڻ پاڪستان جي اصل طاقت آهي ڪامران خان ٽيسوري وڌيڪ چيو ته گورنر هائوس عوام لاءِ کليل آهي ۽ سماجي هم آهنگي جو عملي مرڪز بڻجي چڪو آهي هن زور ڏنو ته امن کان سواءِ ترقي ممڪن ناهي ۽ ڳالهه ٻولهه ئي سڀني مسئلن جو واحد اثرائتو حل آهي.

بقايا 12 | ڦرلٽ

اڍائي ڪروڙ رپين کان وڌيڪ هٿي اهو واقعو اربع ڏينهن صبح 5 وڳي گهر ۾ پيش آيو جوابدار گهر ۾ داخل ٿيا ۽ خاندان کي هڪ ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو متاثر خاندان جو چوڻ آهي ته انهن گهر جي هر الماڙي ۽ جاءِ جي ڦولا ڪئي ۽ الماڙي مان 45 تولا سون ۽ 10 لک رپيا نقد ڦري ويا. خاندان جي ميمبر جون 20 قيمتي گهڙيون به لٽيون ويون گهڙين ۾ 1 روليڪس هئي ۽ باقي ٻين مهانگي برانڊن جون هيون پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته جوابدارن جي وڃڻ کان پوءِ متاثر جي خاندان پوليس کي فون ڪيو جنهن کان پوءِ ڪرائم سين يونٽ فنگر پرنٽس ۽ ثبوت ورتا ۽ جلد ڪيس داخل ڪيو ويندو ٻئي طرف ڪراچي جي ڪورنگي سنگر چورنگي علائقي جي ويجهو هڪ پيٽرول پمپ تي ڦورن ڦر ڪئي پوليس جو چوڻ آهي ته ڦورن پيٽرول پمپ مان 33 لک رپيا چوري ڪري فرار ٿي ويا. واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پوليس موجب ڪيشيئر پئسا جمع ڪرائڻ لاءِ بينڪ ويو هو ۽ ان سان گڏ سيڪيورٽي گارڊ نه هو.

بقايا 13 | ڦر

ڦر ڪري فرار ٿي ويا. پوليس موجب ڪيشيئر رقم بينڪ ۾ جمع ڪرائڻ لاءِ وڃي رهيو هو ته رستي ۾ ملزمان ڪيس روڪي هٿيارن جي زور تي رقم کسي ورتي. واقعي وقت ڪيشيئر سان ڪو به سيڪيورٽي گارڊ موجود نه هو جنهن جو فائدو وٺندي ملزمان آساني سان واردات ڪري فرار ٿي ويا. متاثر ڪيشيئر بيان ڏنو ته هو پيٽرول پمپ تان رقم کڻي بينڪ وڃي رهيو هو ته ٽن هٿياربند ماڻهن ڪيس روڪي 33 لک رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا. پوليس واقعي جو ڪيس عوامي ڪالوني ٿاڻي ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته ملزمان جي ڳولا لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. پوليس موجب سي سي ٽي وي فوٽيج ۽ ٻين شاهدين جي مدد سان ملزمان جي سڃاڻپ جو عمل جاري آهي.

بقايا 14 | سعيد غني

ٿا ته سنڌ حڪومت هن المناڪ سانحي جي صاف، شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي رهي آهي جڏهن ته سانحي جا سمورا حقيقتون عوام آڏو آنديون وينديون. هن چيو ته سنڌ حڪومت سانحي ۾ فوت ٿيلن جي خاندانن سان گڏ بيٺل آهي ۽ کين هر ممڪن مدد فراهم ڪئي ويندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن سانحي گل پلازه ۾ هيل تائين لاپتا ٽن ڀينرن جي گهر وڃي سنڌن وارثن سان ڏک ونڊيندي ڪيو. ان موقعي تي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر علي احمد جان، ٽائون چيئرمين علي اڪبر جان، پاڪستان پيپلز پارٽي ڊسٽرڪٽ ڏکڻ جي صدر جاويد ناگوري سميت ٻيا به ساٿس گڏ موجود هئا. ان موقعي تي صوبائي وزير سعيد غني منگهوپير ۾ سانحي دوران فوت ٿيل محمد عارف جي والد محمد رفيق جي رهائشگاهه تي وڃي تعزيت ڪئي ۽ فاتحه خواني ڪئي. ان کان پوءِ هن ميٽرول سائيٽ ايريا ۾ سانحي دوران فوت ٿيل محمد عثمان جي والد گل فيض خان سان پڻ تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا ڪئي. ان کان علاوه صوبائي وزير سعيد غني ميٽرول جي رهواسي ٽن ڀينرن راحيل، شائسته ۽ ڪائنات جيڪي سانحي گل پلازه کان پوءِ هن محل تائين لاپته آهن. انهن جي رهائشگاهه پهچي سنڌن والد ۽ ٻين وارثن سان تعزيت ڪئي. هن کين يقين ڏياريو ته جيڪڏهن ڪئي ڀينرن هن سانحي ۾ فوت ٿي چڪيون آهن ته ڊي اين اي ٽيسٽن جي تصديق کان پوءِ سنڌن جسد خاڪي ايندڙ هڪ يا ٻن ڏينهن اندر وارثن حوالي ڪيا ويندا. صوبائي وزير سعيد غني ڏکڻ ضلعي جي رهواسي نوجوان محمد شيز ولد محمد هارون جي گهر وڃي سنڌس والدين ۽ ٻين وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي. سنڌ حڪومت پاران سانحي گل پلازه جي متاثر خاندانن سان مڪمل سهڪار ۽ انصاف جي يقين دهاني ڪرائي.

بقايا 15 | احتجاج

ڪنڊ بينرز جي خلاف پوليس ڪارروائين تي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڪارڪن سراپا احتجاج ڪرڻ لڳا. گلشن اقبال ۾ مسڪن چورنگي تي عوام ۽ ايم ڪيو ايم جا ڪارڪن "ڪراچي کي وفاقي حڪومت جي حوالي ڪريو" جا بينر لڳائي رهيا هئا ته ساڳئي وقت گلشن اقبال جي ٻن پوليس موبائيلن ۾ سوار وردي پهريل پوليس اهلڪارن بينر هٽائي ڇڏيا ۽ ايم ڪيو ايم جي ٻن ڪارڪنن طارق ۽ عمير کي گرفتار ڪري انهن کي کڻي ويا. واقعي جي اطلاع ملندي ئي صوبائي اسيمبلي ميمبر فرحان انصاري، جوائنٽ ٽائون آرگنائيزر عادل خان ۽ ٻيا عهديدار ۽ ڪارڪن گلشن اقبال پوليس ٿاڻي پهچي ويا. ايم پي اي فرحان انصاري الزام لڳايو ته جڏهن اهي پوليس ٿاڻي پهتا ته ٻئي حراست ۾ ورتل ڪارڪن پراسرار طور تي غائب ڪيا ويا. ايم پي اي فرحان انصاري گلشن پوليس ٿاڻي ۾ سنڌ پوليس خلاف سخت احتجاج ڪيو جڏهن ته گلشن اقبال کان پوءِ ايم ڪيو ايم پاڪستان جا ڪارڪن به شاهه فيصل علائقي ۾ شاهه فيصل پوليس ٿاڻي ٻاهران احتجاج ڪندي نظر آيا. ايم ڪيو ايم اڳواڻن پوليس جي ڪارروائي جي سخت مذمت ڪئي آهي ۽ مطالبو ڪيو آهي ته گرفتار ڪارڪنن کي فوري طور تي منظر عام تي آندو وڃي ۽ ذميوار عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 16 | گرفتار

مهراڻ ٽائون چيترا هوٽل جي ويجهو هڪ ٽريفڪ حادثو پيش آيو آهي شهزور ٽرڪ 7 سالن جي ٻارڙي ذيشان کي چيڀاڙي ڇڏيو حادثو مهراڻ ٽائون سيڪٽر 6 بي ۾ پيش آيو ريسڪيو اختيارين موجب حادثي جو شڪار ٿيندڙ ٻار کي ڊرائيور گاڏي سميت فرار ٿي ويو واقعي واري هنڌ تي پهچندڙ ڊرائيور جي ڀاءُ کي پوليس حراست ۾ وٺي ڇڏيو پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته حراست ۾ ورتل ڀاءُ ناصر موجب گاڏي جاويد هلائي رهيو هو جڏهن علائقي جي رهواسين ويڙهو ڏاهڻ شروع ڪئي ته جوابدار فرار ٿي ويو وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي پئي وڃي ان کان اڳ ڪراچي ۾ گلستان جوهر منور چورنگي ويجهو به هڪ ٽريفڪ حادثو پيش آيو هو جتي واٽهڙو عورت ڪار جي ٽڪر سان فوت ٿي وئي هئي ريسڪيو اختيارين موجب حادثي ۾ 35 سالن جي عورت فوت ٿي وئي لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته ڪار هلائيندڙ شخص ۽ سنڌس گاڏي کي تحويل ۾ ورتو ويو آهي واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 17 | گهٽتائي رڪارڊ

پنڪ شيٽ رپورٽ ۾ چٽي وئي آهي رپورٽ موجب سڄي دنيا ۾ توانائي جي قيمتن ۾ 13 سيڪڙو جي گهٽتائي ٿي آهي جنهن جو وڏو سبب يورپ ۾ قدرتي گيس جي قيمتن ۾ 9 سيڪڙو ۽ آسٽريليا ۾ ڪوئلي جي قيمتن ۾ 44 سيڪڙو جي گهٽتائي آهي جڏهن ته ان مجموعي گهٽتائيءَ کي جزوي طور آمريڪا ۾ قدرتي گيس جي قيمتن ۾ 12.1 سيڪڙو واڌ متوازن ڪيو رپورٽ موجب توانائي جي شعبي جي ابتڙ نان انرجي پرائيس انڊيڪس ۾ 1.3 سيڪڙو اضافو ڏسڻ ۾ آيو زرعي قيمتن جو مجموعي انڊيڪس ڊسمبر ۾ 0.4 سيڪڙو گهٽ ٿيو آهي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته خوراڪ جون قيمتون تقريبن مستحڪم رهيون ۽ انهن ۾ 0.5 سيڪڙو اضافو ٿيو جڏهن ته شربتن جي قيمتن ۾ 3.8 سيڪڙو نمايان گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي ان دوران ڪچي مال جي قيمتن ۾ تقريبن هڪ سيڪڙو واڌ ۽ ڀاڻ جي قيمت ۾ 5.5 سيڪڙو گهٽتائي رپورٽ ڪئي وئي رپورٽ موجب عالمي مارڪيٽ ۾ ڌاتن جي قيمتن ۾ 5.7 سيڪڙو اضافو ٿيو ڪن جي قيمتن ۾ 11.5 ۽ ٽامي جي قيمتن ۾ 9 سيڪڙو واڌارو ٿيو.

بقايا 18 | ضياءِ لنجار

ايڪسيلنس آن ڪائونٽرنگ وائلنٽ ايڪسٽريمزم جي بورڊ آف گورنرز جو پهريو اجلاس گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءِ الحسن لنجار جي صدارت ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ صوبي اندر پرتشدد انتهاپسندي جي روڪٿام ۽ تجويز ڪيل قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار ٻڌايو ته سنڌ ۾ انتهاپسندي جي خاتمي لاءِ ٺوس صوبائي مرڪز قائم ڪيو ويو آهي جيڪو پرتشدد انتهاپسندي جي روڪٿام واري قومي پاليسي ۽ نظرثاني ٿيل نيشنل ايڪشن پلان تحت ڪم ڪندو اجلاس دوران پاليسي سازي، سنڌ جي مخصوص سي وي اي (CVE) قدمن ۽ ادارتي حڪمت عملي بابت بريفنگ ڏني وئي گهرو وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته پرتشدد انتهاپسندي جي سببن جي تحقيق، ثبوتن تي ٻڌل تجزيي ۽ ڊيٽا ڊرون اپروچ جي اوليت ڏني ويندي جڏهن ته پوليس، لاڳاپيل ادارن ۽ ڪميونٽي اسٽيڪ هولڊرز جي خاص تربيت ۽ صلاحيتن ۾ اضافي کي به مرڪز جي اهم ذميوارين ۾ شامل ڪيو ويو آهي اجلاس ۾ نوجوانن عورتن عالمن ۽ اقليتي برادرين لاءِ امن، رواداري ۽ مڪالمي تي ٻڌل پروگرامن جي شروعات، انتهاپسندي کان متاثر ماڻهن جي بحالي ۽ کين بهتر معاشري جو ڪارائتو حصو بڻائڻ بابت قدمن تي به غور ڪيو ويو ان سان گڏوگڏ مانيٽرنگ جي اثرائتي نظام، ڊجيٽل ڊيش بورڊ ۽ باقاعده جائزي جي ميڪنزم جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو ٻڌايو ويو ته هي مرڪز ٻن ونگزن تي مشتمل هوندو جن ۾ ريسرچ اينڊ ڪميونٽي انگيجمينٽ ونگ ۽ فنانس اينڊ آءِ ٽي ونگ شامل آهن پهرين مرحلي ۾ مرڪز جي سرگرمين جو آغاز سنڌ جي ڪجهه چونڊيل ضلعن مان ڪيو ويندو جڏهن ته بعد ۾ انهن پروگرامن جو دائرو پوري صوبي تائين وڌايو ويندو اجلاس ۾ مرڪز لاءِ پنجن سالن جي اسٽريٽجڪ روڊ ميپ جي منظوري پڻ ڏني وئي جنهن تحت شروعاتي مرحلي ۾ منصوبابندي، ان کانپوءِ توسيعي قدم ۽ آخري مرحلي ۾ مڪمل ادارتي انضمام کي يقيني بڻايو ويندو سنڌ جي گهرو وزير قومي ترجيحن سان سلهاڙيل گڏيل قدمن جي عزم جو ورجاءُ پڻ ڪيو اجلاس ۾ سنڌ سينٽر فار ايڪسيلنس آن ڪائونٽرنگ وائلنٽ ايڪسٽريمزم جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ۽ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري گهرو اقبال ميمڻ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سيڪريٽري فنانس فياض جتوئي سيڪريٽري لا پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ علي احمد بلوچ، پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ منتظر مهدي، سليمان ايس مهدي جي سول سوسائٽي جي نمائندن سميت ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 19 | نهال هاشمي

جو باقاعده آغاز ڪيو ويو وڃي ان سلسلي ۾ پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي سينيئر اڳواڻن مسلم ليگ هائوس ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي پريس ڪانفرنس ۾ سينيٽر نهال هاشمي ۽ وزيراعظم يوٿ پروگرام سنڌ جي ڪوآرڊينيٽر فهد شفيق ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هي پروگرام خاص طور نوجوانن جي تعليمي مهارتن ۽ روشن مستقبل لاءِ شروع ڪيو ويو آهي سينيٽر نهال هاشمي چيو ته هو اڄ نوجوان بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا آهن هن چيو ته جڏهن به مسلم ليگ (ن) کي موقعو مليو آهي پارٽي هميشه اڳتي وڌي ڪري عوام ۽ خاص طور نوجوانن لاءِ ڪم ڪيو آهي هن چيو ته ڪيس ياد آهي ته ماضي ۾ ڪراچي جي مختلف يونيورسٽين ۾ ليپ ٽاپس ورهايا ويا هئا، پر ٽن سالن تائين هي اسڪيم بند رهي جڏهن پي ٽي آءِ حڪومت هئي نهال هاشمي موجب هاڻي ٻيهر هن پروگرام کي بحال ڪيو ويو آهي ۽ سڀاڻي کان اين اي ڊي يونيورسٽي مان ليپ ٽاپ ورهاست جو آغاز ڪيو ويو ان موقعي تي فهد شفيق چيو ته وزيراعظم يوٿ پروگرام تحت سنڌ جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ 20 هزار ليپ ٽاپس ورهايا ويندا هن چيو ته سنڌ جي مختلف يونيورسٽين ۾ هي پروگرام شروع ڪيو ويو آهي ۽ ليپ ٽاپس مڪمل طور ميرٽ جي بنياد تي ڏنا ويندا فهد شفيق وڌيڪ چيو ته ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ ليپ ٽاپس جي ورهاست ٿيندي جڏهن ته 33 يونيورسٽين مان ميرٽ جي بنياد تي شاگردن جي چونڊ ڪئي وئي آهي اين اي ڊي يونيورسٽي کان پوءِ سنڌ جناح يونيورسٽي، حيدرآباد، نواب شاهه، ٽنڊو ڄام، جامشورو ۽ خيرپور جي يونيورسٽين ۾ به ليپ ٽاپس ورهايا ويندا هن ٻڌايو ته يوٿ پروگرام تحت 75 لک رپين تائين جو قرض پڻ ڏنو پيو وڃي جڏهن ته ووڪيشنل ٽريننگ، انٽرن شپس ۽ اسڪالرشپس به پروگرام جو حصو آهن هن چيو ته 18 کان 30 ورهين تائين جا نوجوان آسان ليپ ٽاپ اسڪيم تحت آسان قسطن ۾ ليپ ٽاپ حاصل ڪري سگهن ٿا. فهد شفيق موجب يوٿ پروگرام رانديين جي سرگرمين ۾ به سرگرم آهي ۽ "ٽيلنٽ هنٽ" ذريعي نوجوان اسپورٽس ۾ اڳتي اچي رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته وزيراعظم شهباز شريف به جلد ڪراچي جو دورو ڪندا، جتي هو پاڻ مزار قائد تي نوجوانن ۾ ليپ ٽاپس ورهائيندا. پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي نهال هاشمي چيو ته مسلم ليگ (ن) هميشه ماڻهن کي رليف ڏيڻ لاءِ ڪم ڪيو آهي هن چيو ته مريم نواز شريف پنهنجي مثال پاڻ آهي ۽ پارٽي عوامي مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي هن چيو ته جڏهن به سنڌ کي وفاق جي ضرورت پئي آهي وفاق ڪڏهن به پوئتي ناهي هٽيو ۽ صوبي جي هر مثبت ڪم ۾ ساٿ ڏنو ويو آهي آخر ۾ فهد شفيق چيو ته وزيراعظم پاران نيشنل يوٿ ڪائونسل قائم ڪئي وئي آهي جيڪا اسڪولن ۽ ڪاليجن جي نوجوانن جي مسئلن کي اجاگر ڪندي جيئن انهن جي حل لاءِ آواز اٿاريندي.

بقايا 20 | وارثن حوالي

وڌيڪ ۾ فوتين جي سڃاڻپ ڊي اين اي ذريعي ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب، ڪوثر پروين ۽ اشرف جون جون ميتون ايڌي سرد خاني مان وارثن حوالي ڪيون ويون آهن. ان کان اڳ، مصباح پروين، مريم نمبره ۽ محمد سعد جون ميتون 25 جنوري تي وارثن جي منتقل ڪيون ويون هيون. جڏهن ته ٻين فوتين جي سڃاڻپ لاءِ جاچ ۽ شاهدين گڏ ڪرڻ جو عمل جاري آهي.

بقايا 21 | مراد علي شاهه

چيو آهي ته امن رڳو جنگ جي غير موجودگي ناهي پر هڪٻئي جي عزت سان زندگي گذارڻ آهي وڏي وزير چيو ته مختلف مذهبن ثقافتن ۽ ٻولين جو احترام ئي پرامن سماج جي بنياد آهي ۽ سنڌ صدين کان رواداري، برداشت ۽ هم آهنگي جي علامت رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته پرامن بقاءِ باهميءَ کي هٿي ڏيڻ ۾ تعليم ۽ ڪردار تمام گهڻي اهميت رکي ٿو ۽ محفوظ ۽ گڏيل دنيا لاءِ سڀني کي سنڌن ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي سيد مراد علي شاهه چيو ته گڏيل قومن جي اصولن مطابق امن ۽ انصاف تي ٻڌل سماج اسان جي ترجيح آهي ۽ عالمي ٽڪرائن جي هن دور ۾ برداشت ۽ ڳالهه ٻولهه اڳ کان وڌيڪ ضروري آهي.

بقايا 22 | جاچ فيصلو

۽ سنڌ پوليس فارنزڪ يونٽ جي ماهرن وچ ۾ ڊي سي سائوٿ آفيس ۾ تعارفي اجلاس پڻ منعقد ٿيو. ذريعن موجب اربن سرچ اينڊ ريسرچ فورس ڊيجيٽل ٽيڪنالاجي جي مدد سان جاچ ڪري رهي آهي. جنهن تحت عمارت جي انهن حصن مان نمونا گڏ ڪيا ويا وڃن جيڪي باهه کان محفوظ رهيا هئا. سنڌ پوليس فارنزڪ يونٽ جي ٽيم پنجاب جي فارنزڪ ماهرن سان گڏجي جاچ واري عمل ۾ معاونت ڪندي. جاچ دوران اها ڪوشش ڪئي ويندي ته ڪهڙي وقت ۾ ڪيئن ۽ عمارت جي باهه جي ليپيٽ ۾ آئي جا اصل سبب معلوم ڪيا وڃن. ذريعن موجب گڏيل جاچ دوران باهه لڳڻ جي شروعاتي هنڌ ۽ ان جي اصل سبب جو به تعين ڪيو ويندو.

بقايا 23 | آءِ جي

ڪيو جتي ڊي آءِ جي سيڪيورٽي ڊاڪٽر مقصود احمد سنڌس آجيان ڪيو. ايس ايس يو هيڊڪوارٽرز پهچڻ تي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي گارڊ آف آنر پڻ پيش ڪيو ويو. دوري دوران ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان ايس ايس يو جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو ۽ آپريشنل توڙي انتظامي معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو. هن ايس ايس يو جي مؤثر انتظامي نظم ۽ نسق، پيشهوراڻي معيار ۽ ڪارڪردگي جي واکاڻ ڪئي. ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ايس ايس يو جي ڪانفرنس هال ۾ اجلاس جي صدارت پڻ ڪئي. جنهن دوران ڊي آءِ جي سيڪيورٽي ڊاڪٽر مقصود احمد سيڪيورٽي ڊويزن هيٺ ڪم ڪندڙ يونٽن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. بريفنگ ۾ يونٽن جي تنظيم خاص صلاحيتن، تربيت ۽ آپريشنل تياري تي روشني وڌي وئي. ان موقعي تي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي چيو ته سيڪيورٽي ڊويزن مضبوط ۽ قابل هٿن ۾ آهي جڏهن ته اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ سنڌ پوليس جي ٻين يونٽن لاءِ رول ماڊل بڻيل آهي. هن وڌيڪ چيو ته سمورن چئلينجز جي باوجود کاتي جي مڪمل ذميواري نڀائڻ ضروري آهي. اجلاس ۾ سيڪيورٽي ڊويزن جا سمورا سينيئر آفيسر شريڪ ٿيا، جڏهن ته سيڪيورٽي ڊويزن جي سڀني ايس پيز پنهنجي پنهنجي يونٽن بابت بريفنگ ڏني.

بقايا 24 | سرفراز بگٽي

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي سخت ڪوشش سبب ڪوئيٽا شهر ۾ امن امان جي صورتحال ۾ نمايان بهتري آئي آهي ۽ ڏوهن جي شرح ۾ واضح گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي سماجي رابطن واري سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ وڏي وزير چيو ته گذريل ٻن مهينن دوران ڪوئيٽا شهر ۾ ڏوهن جي شرح ۾ 70 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي جيڪا ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته حڪومت پاران ڪيل قدم درست رخ تي گامزن آهن شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي سان فائدو حاصل ڪيو پيو وڃي هن چيو ته بلوچستان ۾ امن امان جي صورتحال کي پائيدار بنياد تي بهتر بڻائڻ لاءِ اثرائتا قدم جاري آهن وزيراعليٰ ان عزم جو به ورجاءُ ڪيو ته حڪومت صوبي ۾ پائيدار امن جي قيام، تائين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مڪمل سرپرستي جاري رکندي ۽ شهرين کي هڪ محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ سمورا دستياب وسيلا استعمال ڪيو ويندو.

بقايا 25 | علي پرويز ملڪ

جي تعاون جي علامت آهي سي پيڪ تحت چيني سيڙپڪاري پاڪستان جي توانائي جي شعبي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو کاڻين جي شعبي ۾ چين جي تعاون سان ترقيءَ ۽ چين جي نون راهون ڪنديون بنهي ملڪن جا لاڳاپا نون بلندين کي ڇهي رهيا آهن گڏيل مائينگ منصوبن سان توانائي تحفظ ۽ روزگار جا موقعا پيدا ٿيا. پاڪستان ۽ چين وچ ۾ معدني شعبي ۾ تعاون وڏي اهميت رکي ٿو اهڙو اظهار هن ڪالهه پاڪ چين منرلز تعاون فورم کي خطاب ڪندي ڪيو وفاقي وزير چيو ته پاڪ چين سفارتي لاڳاپن جي 75هين سالگرهه جي موقعي تي ان فورم ۾ شرڪت منهنجي لاءِ اعزاز آهي ٻنهي ملڪن گذريل ڪجهه ڏهاڪن دوران دوراندیشي، گڏيل اعتماد ۽ ڊگهي مدي جي تعاون تي ٻڌل مضبوط ۽ مستحڪم حصيداري قائم ڪئي آهي جنهن جي نتيجي ۾ خاص ڪري هائيڊرو سالن پاڪستان جي معيشت جي ڪيترن ئي شعبن ۾ ٺوس ۽ نمايان اثر سامهون آيا وفاقي وزير چيو ته سي پيڪ تحت چيني سيڙپڪاري توانائيءَ جي جدت جي منصوبن ذريعي پاڪستان جي بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ۾ تيزيءَ سان واڌ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جنهن سان پاڪستان کي معاشي ترقيءَ ۾ درپيش پراڻن مسئلن خاص ڪري توانائي جي کوٽ جي ضابطو آڻڻ ماس ٽرانزٽ سلوشن جديد روڊ نيٽ ورڪ ۽ اليڪٽرڪ موبيلٽي قدمن ۾ ڀرپور مدد ملي جنهن جي نتيجي ۾ نه صرف پاڪستان جي پيداواري صلاحيت ۾ واڌارو آيو پر روزگار جا وسيع موقعا پڻ پيدا ٿيا.

بقايا 26 | وزيراعظم

جي عزم جو اظهار ڪندي چيو آهي ته حڪومت پوليو جي خاتمي جي لاءِ جامع حڪمت عملي ۽ موثر ٽيم سان گڏ عملي قدم کڻي رهي آهي وزيراعظم اهڙن خيالن جو اظهار گيٽس فائونڊيشن عالمي ترقي بابت صدر ڪرس ايلياس سان ڳالهائيندي ڪيو جنهن ڪالهه اربع ڏينهن وفد سان گڏ وزيراعظم سان ملاقات ڪئي وفد ۾ گيٽس فائونڊيشن جي عالمي ترقي بابت صدر ڪرس ايلياس، ڊائريڪٽر پوليو ڊاڪٽر ڪيٽي نيوزيل ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر پوليو مائيڪل گالوي شامل هئا جڏهن ته منصوبابندي ۽ ترقي واري وفاقي وزير احسن اقبال، صحت واري وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال، وزيراعظم جي پوليو جي خاتمي بابت فوڪل پرسن عائشه رضا فاروق ۽ ٻين سرڪاري عهديدار پڻ ملاقات ۾ موجود هئا وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۾ پوليو جي مڪمل خاتمي تائين بل گيٽس فائونڊيشن جهڙي قابل اعتماد حصيدارن جي تعاون سان قدم جاري رکيا ويندا هن پاڪستان مان پوليو جي خاتمي جي لاءِ بل گيٽس جي قابل قدر خدمتن جي ساراهيندي پاڪستان مان پوليو جي خاتمي جي لاءِ بل گيٽس ۽ سعودي عرب سميت برادر مسلمان ملڪن جي تعاون تي ٿورا ادا ڪيا وزيراعظم چيو ته جامع حڪمت عملي ۽ موثر ٽيم سان گڏ عملي قدم کڻي رهي آهي ۽ پوليو جي مڪمل خاتمي جي لاءِ پرعزم آهي هن چيو ته ان بيماري جي خلاف جاري جنگ ۾ خاطرخواهه ڪاميابي جي باوجود هنگامي بنيادن تي وڌيڪ قدم لازمي آهن وزيراعظم چيو ته وفاقي حڪومت موثر حڪمت عملي تحت ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پوليو ٽيمن جي پهچ ممڪن بڻائڻ جي لاءِ صوبن سان مڪمل هم آهنگيءَ سان ڪم ڪري رهي آهي. ملڪ ۾ پوليو جي خاتمي جي مهم جي پبلڪ سيڪٽر ڊيولپمينٽ پروگرام تحت لاڳاپيل منصوبا جاري رکيا ويندا.

بقايا 27 | منظوري

صدارت هيٺ منعقد ٿيو جنهن ۾ اهم معاشي، مالي ۽ شعبي جاتي معاملن جو جائزو ورتو ويو اجلاس جو مقصد معيشت جي استحڪام کي يقيني بڻائڻ صارفين جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ، سماجي خدمتن کي مضبوط بڻائڻ ۽ اهم سرڪاري ادارن جي آپريشنل ضرورتن کي پورو ڪرڻ هو اجلاس ۾ قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وفاقي وزير رانا تنوير حسين ۽ سيڙپڪاري بورڊ واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ کان علاوه لاڳاپيل وزارتن ڊويزن ريگيوليٽري ادارن جي وفاقي سيڪريٽريز ۽ سينيئر عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ پاسڪو جي 5 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ جي ذخيرن کي چٽاپيٽي واڪ ذريعي وڪري جي منظوري ڏني وئي، ان قدمن جو مقصد واڌو ذخيرن جو مؤثر انتظام، ذخيرو ڪرڻ ۽ سارسنڀال جي خرچن ۾ گهٽتائي ملڪي ڪڻڪ مارڪيٽ ۾ قيمتن ۾ استحڪام کي يقيني بڻائڻ ۽ غذائي تحفظ جي گهرجن جو تحفظ ڪرڻ آهي ان سلسلي ۾ ڪميٽي پنجاب حڪومت جي خوراڪ ۽ صارفين جي تحفظ کي پاسڪو جي 3 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ فراهم ڪرڻ جي منظوري به ڏني ته جيئن اٽو ملز لاءِ مناسب ڪڻڪ جي فراهمي برقرار رکي ۽ قيمتن ۾ استحڪام کي يقيني بڻائي. صارفين کي اٽي جي بنا رڪاوٽ دستيابي يقيني بڻائي سگهجي اجلاس ۾ پاڪستان پوسٽ آفيس ڊپارٽمينٽ جي ذمي يوٽيلٽي ڪمپنين جي بقاياڻن جي ادائگيءَ لاءِ گهربل فنڊز جو جائزو ورتو ويو ۽ ڪيترن ئي سالن کان جمع ٿيل بقاياڻن جي ادائگيءَ لاءِ 10.98 ارب رپين جي فني ضمني گرانٽ جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي اجلاس ۾ قومي صحت واري وزارت خدمتن ضابطن تحت وفاقي ڊائريڪٽوريٽ آف امينوائزيشن لاءِ 29.663 ارب رپين جي فني ضمني گرانٽ جي منظوري ڏني ته جيئن حفاظتي ٽڪن واري توسيع پروگرام تحت ويڪسين ۽ سرنجن جي بنا رڪاوٽ خريداريءَ کي يقيني بڻائي سگهجي ان قدمن جو مقصد سڄي ملڪ ۾ معمول جي حفاظتي ٽڪن جي ڪوريج کي برقرار رکڻ ويڪسين سان بچاءَ جي قابل بيمارين جي پکيڙ روڪڻ ۽ صحت جي حوالي سان پاڪستان جي عالمي ذميوارين کي پورو ڪرڻ آهي اجلاس ۾ اپار واري وزارت جي درخواست تي درآمدي يوريا تي ڏني ويندڙ سبسڊي کي وفاقي حڪومت ۽ صوبائي حڪومتن وچ ۾ برابريءَ جي بنياد تي ورهائڻ جي پڻ منظوري ڏني وئي جنهن لاءِ 23.42 ارب رپين جي فني ضمني گرانٽ جي منظوري ڏني وئي ان سان 15 ارب رپيا ناڻي واري وزارت طرفان جاري ڪيا ويندا.

بقايا 28 | شڪار

ياڪوتيا ۾ هڪ گهر ۾ باهه لڳڻ سبب 3 ٻارن سميت پنج ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق هنگامي حالتن واري وزارت جي علائقائي آفيس ٻڌايو آهي ته باهه عمارت کي نقصان پهچايو جڏهن ته باهه وسائڻ لاءِ 10 فائير فائٽرز مقرر ڪيون ويون هيون ياڪوتيا جي پراسيڪيوٽر آفيس ٻڌايو ته شروعاتي معلومات مطابق باهه جي نتيجي ۾ ٽن ٻارن سميت پنج ماڻهو حياتيون وڃائي ويٺا آهن جڏهن ته هڪ ٻار سميت 2 ماڻهن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي باهه لڳڻ جو سبب شارٽ سرڪٽ ٻڌايو پيو وڃي.

بقايا 29 | فوت

واري شهر ويلنگٽن ۾ هڪ هيلي ڪاپٽر ڪري تباهه ٿيڻ سبب ٻه ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب پوليس ٻڌايو ته هڪ خودڪار ڪريش الرٽ ذريعي حادثي جو اطلاع مليو فوت ٿيل ويل پائلٽ ۽ هيلي ڪاپٽر سوار هڪ مسافر شامل آهن لاشن کي ٻاهر ڪڍيو ويو آهي حادثي جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ جو عمل جاري آهي.

بقايا 30 | وفاقي حڪومت اعلان

ڪوارٽرز ۾ مذهبي معاملن واري سيڪريٽريءَ سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو هو وفاقي وزير سردار محمد يوسف سال 2025ع جي ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪندي ٻڌايو ته وزارت حج ۽ عمري جي شعبي ۾ رڪارڊ سڌارا متعارف ڪرايا آهن هن انڪشاف ڪيو ته حج 2025ع جي بهترين انتظامن تي سعودي حڪومت پاڪستان کي ايڪسيلينس ايوارڊ سان نوازيو جيڪو قومي سطح تي هڪ وڏو اعزاز آهي پاڪستانين جي سهولت لاءِ حج 2025ع دوران مجموعي طور 3.5 ارب رپيا فنڊ ڪيا ويا جنهن سان في حاجي 12 هزار کان هڪ لک 10 هزار تائين بچت حاصل ڪئي وفاقي وزير وڌيڪ ٻڌايو ته حج 2026ع لاءِ هڪ لک 79 هزار حج پانڌيئڙن جي رجسٽريشن مڪمل ٿي چڪي آهي جڏهن ته پاڪ حج ايپ ۽ روڊ ٽو مڪه ڪي ڪراچيءَ تائين واڌ سان حج پانڌيئڙن جي تڪليفن ۾ گهٽتائي آئي آهي عمري ۽ زيارت لاءِ نوان ضابطا تيار ڪيا ويا آهن.

بقايا 31 | ترديد

ڳالهين جي درخواست ناهي ڪئي ۽ نه ئي آمريڪي خصوصي ايلچي اسٽيو وٽڪوف سان ڪو رابطو ٿيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق عباس عراقچي ان ڳالهه کي رد ڪندي چيو ته ايران تي دٻاءُ ۽ ڌمڪين جي ماحول ۾ ڳالهيون ممڪن ناهن ايران جي پرڏيهي وزير جو بيان هڪ اهڙي وقت ۾ سامهون آيو آهي جڏهن آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ، دعويٰ ڪئي هئي ته آمريڪا جو هڪ ٻيو بحري جهاز ايران طرف وڌي رهيو آهي ۽ آمريڪا ايران سان ڪنهن معاهدي جي اميد رکي ٿو.

بقايا 32 | حڪومت حوالي

ميمبر بورڊ آف ريوينيو خالد حيدر شاهه، چيئرمين سي اير انسپيڪشن بلال ميمڻ ۽ چيئرمين اينٽي ڪرپشن ذوالفقار شاهه شامل هئا جڏهن ته نيب طرفان ڊي جي آپريشنز نيب هيڊڪوارٽر امجد مجيد اولڪ، ڊي جي نيب ڪراچي شڪيل احمد دراني، ڊائريڪٽر (لينڊ) نيب ڪراچي سيد محمد آفاق ۽ ڊائريڪٽر لينڊ ڊائريڪٽوريٽ نيب هيڊڪوارٽر ليفٽيننٽ ڪرنل (ر) حمزه ممتاز شرڪت ڪئي ملاقات دوران نيب صوبي جي مختلف علائقن مان واپس حاصل ڪيل سرڪاري ملڪيتون سنڌ حڪومت حوالي ڪيون. چيئرمين نيب سرڪاري زمينن جي بحالي بابت تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي جنهن موجب نيب هن وقت 188 ڪيسن (154 ايڪڙن ۽ 34 ڇاچون) تي ڪم ڪري رهيو آهي.

بقايا 33 | خوف ۽ هراس

ويا جن جي ريڪٽر اسڪيل تي شدت 3.1 محسوس ڪئي وئي جنهن کان پوءِ ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ۽ اهي گهرن مان ٻاهر نڪري آيا. ميڊيا رپورٽن موجب زلزلي کان پوءِ ڪنهن به قسم جي مالي يا جاني نقصان جا اطلاع نه مليا آهن زلزلي جي پيمائش ڪندڙ قومي اداري موجب زلزلي جو مرڪز مسلم باغ واري علائقي کان 100 ڪلو ميٽر پري 16 ميٽر جي گهرائي ۾ هو.

بقايا 34 | شرجيل ميمڻ

۽ جائزو ورتو دوري دوران عملدارن ڪيس منصوبي جي اڳڀرائي بابت بريفنگ ڏني ان موقعي تي سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن ۽ سي اي او ٽرانس ڪراچي فواد غفار سومرو به ساٿس گڏ هئا سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ منصوبي جي وقت سر تڪميل ۽ معيار برقرار رکڻ جي هدايت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت جي ڪوشش آهي ته ڪراچي جي شهرين لاءِ جديد ۽ اسٽيٽ آف دي آرٽ منصوبا آندا وڃن، جنهن جو هي شهر حقدار آهي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت جو مڪمل ڌيان ڪراچي جي ترقي تي آهي. ڇاڪاڻ ته هي شهر پاڪستان جو معاشي حب آهي.

بقايا 35 | عطاءُ الله تارڙ

ماربل اربين ڊالر ماليت جا آهن پر انهن وسيلن کي ريگيوليٽ ڪرڻ جي لاءِ ڪو موثر نظام موجود نه آهي محمد نواز شريف جي قيادت ۾ مسلم ليگ (ن) ترقياتي منصوبن جو ڄار وڇايو ترقي کي گهٽين ۽ پاڙن تائين پهچايو ليپ ٽاپ اسڪيم ۽ دانش اسڪولز جي ذريعي ميرٽ جي بنياد تعليم ۽ تربيت فراهم ڪئي وئي انهن ئي ليپ ٽاپس جي ڪري ڪورونا وبا جي دوران ورڪ فرام هوم ۽ آن لائين تعليم ممڪن ٿي، دانش اسڪولز مان فارغ ٿيندڙ شاگرد اڄ مختلف شعبن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن اڄ سيف سٽي منصوبو عوام جي تحفظ ۽ وقت سر ڪارروائي جي لاءِ موثر ثابت ٿي رهيو آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه اربع ڏينهن وزيراعظم جي خيبرپختونخواهه بابت اطلاعات واري ڪوآرڊينيٽر اختيار ولي خان سان گڏ خيبرپختونخواهه يوٿ اسيمبلي سان ڳالهائيندي ڪيو.

بقايا 36 | ٿي ويو

هزار 100 رپين جو اضافو ٿيو جنهن سان في تولو سون جي قيمت 5 لک 51 هزار 662 رپيا ٿي وئي. 10 گرام سون جي قيمت ۾ 18 هزار 90 رپيا جو اضافو ٿيو ۽ هاڻي اها 4 لک 72 هزار 961 رپيا تي پهچي وئي آهي. عالمي مارڪيٽ ۾ پڻ سون جي قيمت وڌي، جتي في اونس سون 5,293 ڊالرز تي پهچي وئي.

بقايا 37 | نوٽيفڪيشن جاري

مئنيجر اوقاف سرڪل ون حيدرآباد مقرر سيد ارشاد علي شاهه مئنيجر اوقاف سيوهڻ بدلي مئنيجر اوقاف سرڪل ٽو ڪراچي مقرر منير احمد چنا مئنيجر اوقاف سرڪل ٽو ڪراچي بدلي، سيوهڻ جو مئنيجر مقرر اوقاف پٽ شاهه جي مئنيجر سيد محمد علي شاهه کي مئنيجر اوقاف سرڪل ٽو حيدرآباد جي اضافي چارج حوالي ڪئي وئي.

بقايا 38 | رپورٽ تيار

علي شاهه کي پيش ڪئي ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته رپورٽ ۾ باهه لڳڻ جا سبب، باهه وسائڻ ۽ ريسڪيو آپريشن لاڳاپيل تفصيل شامل ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه متاثر ماڻهن عيني شاهدن ۽ ريسڪيو عملي کان حاصل ڪيل ڄاڻ به رپورٽ جو حصو آهي. ذريعن موجب رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته گل پلازه جي گرائونڊ فلور تي موجود هڪ ٻار جي هٽڙي فلاور شاپ ۾ باهه لڳي جيڪا ٿوري وقت ۾ تيزي سان پکڙجي وئي.

بقايا 39 | نوٽيس جاري

اين اي ڊي يونيورسٽي ۾ پي ايڇ ڊي جي شاگرد جو داخلا منسوخ ڪرڻ خلاف داخل ڪيل درخواست تي لاڳاپيل ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته ايندڙ ٻڌڻي تي ڌرين کان لکت ۾ جواب طلب ڪيو ويو آهي. درخواست پي ايڇ ڊي جي شاگرد سيد محمد عباس زيدي طرفان وڪيل عثمان فاروق معرفت داخل ڪئي وئي آهي.

بقايا 40 | وائيس چيئرمين

جي وائيس چيئرمين اشتياق احمد ميمڻ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو آهي ته ڪراچي بار جون چونڊون نه ڪرائڻ بابت هلندڙ افواهون بي بنياد آهن ۽ انهن ۾ ڪا به صداقت ناهي. هن چيو ته سنڌ بار ڪائونسل طرفان ڪراچي بار لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙي وئي آهي جيڪا اتي جي معاملن جو جائزو وٺي رهي آهي. ووٽرن جون اڌ کان وڌيڪ لسٽون تيار ٿي چڪيون آهن جڏهن ته ڪجهه لسٽون رهيل آهن جيڪي جلد مڪمل ڪيون وينديون. اشتياق احمد ميمڻ موجب ووٽرن لسٽون مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ڪراچي بار جون چونڊون مقرر تاريخ مطابق 14 فيبروري تي ڪرايون وينديون.

بقايا 41 | سعديه جاويد

سعديه جاويد بختاور سويرا سان ڳالهه ٻولهه ۾ چيو ته ايم ڪيو ايم اڳواڻن کان سيڪيورٽي واپس وٺڻ جي خبرن ۾ ڪا به سچائي ناهي سنڌ جي اطلاعات واري وزير به پريس ڪانفرنس ڪري ان جي ترديد ڪئي آهي ايم ڪيو ايم اڳواڻ سيڪيورٽي واپس وٺڻ بابت ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن ڪنهن جي به سيڪيورٽي واپس نه ورتي وئي آهي سنڌ حڪومت جي ترجمان جو چوڻ آهي ته پنجاب فارنسڪ ليب کان جيڪا به مدد جي ضرورت هئي پنجاب فارنسڪ ٽيم معائنو ڪري رهي آهي هڪ صوبو ٻئي صوبي جي مدد ڪندو ئي آهي. ٻارهن ڏينهن کان پوءِ پنجاب جي وڏي وزير جي مدد جي آڇ جو شڪريو ادا ڪن ٿا سعديه جاويد چيو ته سنڌ فارنسڪ ليب جي قيام تي تيزي سان ڪم ٿي رهيو آهي.

بقايا 42 | مجبور

جنوري کان هن مهل تائين گهريلو صارفين لاءِ سوئي گيس اڻلڀ ٿي وئي آهي جنهن سبب شهري زندگي سخت متاثر ٿي وئي آهي مليل ڄاڻ موجب شهر جي مختلف علائقن ۾ ٻن مهينن کان سوئي گيس جي فراهمي معطل هجڻ ڪري روزمره جا ڪم ڪار بري طرح متاثر ٿي ويا آهن جڏهن ته گيس نه هجڻ سبب عورتون رڌ پچاءَ لاءِ ڪاٺيون، ڪوئلو ۽ ٻيا روايتي ذريعا استعمال ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن.

بقايا 43 | ڀيٽا پيش

۾ منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي روزاني عوامي آواز جي چيف ايڊيٽر ڊاڪٽر جبار خٽڪ چيو ته ڀائو ذلف پيرزادو نظرياتي صحافي جي حيثيت ۾ جمهوريت دوست هو ۽ جمهوري روايتن جي پيروي ڪندي پنهنجي گهر ۾ جمهوري ڪلچر لاڳو ڪري گهر ۽ سياست ۾ زال ۽ اولاد کي پنهنجي اظهار جي لاءِ برابري جو حق ڏنو هن چيو ته روزاني عوامي آواز پنهنجي جنم دوران حق سچ سيڪيولر ۽ عوام دوست استحصالي طبقن خلاف پاليسي جوڙي هئي ان تي اڄ به قائم آهي ۽ ان عوامي مفادن واري پاليسي ڪري پنهنجي سخت قيمت به ادا ڪري رهي آهي ذلف پيرزادو معاشي سماجي ترقي جو سائنسي رستو وٺي پنهنجي وڇوڙي بعد به پنهنجي ونءِ، ڌيئرن جي تعليم ۽ تربيت جي صورت ۾ زنده رهڻ جو حق ادا ڪري رهيو آهي هن جي گهر ۾ شام غريبان نه آهي صحافت ۾ ذلف جهڙن صحافين جو انگ گهٽجي ويو آهي ڪراچي پريس ڪلب جي صدر ۽ نامور شاعر فاضل جميلي چيو ته ذلف پيرزادو جي خمير ۾ سياست، صحافت، ادب جو سنگم هو هو شاهه لطيف جو پارکو هي پائو خوشنصيب آهي جو اڄ به سڀني کي ياد آهي عام طور صحافي جي وفات بعد بهرين تعزيتي اجلاس بعد ڪير وساري ڇڏيندا آهيون.

بقايا 44 | جاچ شروع

سيڪريٽري پورهيو رفيق قريشي ۽ ٻين خلاف 2 شڪايتون مليون آهن خط جي متن موجب ورڪرز ويلفيئر بورڊ ۾ اربين رپين جا ٺيڪا ضابطن جي برعڪس من پسند ماڻهن کي جاري ڪيا ويا، ٽيپ موجب مزدورن جي گهرن ۽ اسڪولن جي تعمير ۽ مرمت لاءِ ساڍا پنج ارب جو جعلي ٽينڊر جاري ڪيو ويو خط ۾ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي جي ويب سائيٽ تي ٽينڊر جاري نه ڪيو ويو.

بقايا 45 | مظاهرو

پلازا ۾ پيش آيل افسوسناڪ سانحي ڪانپوءِ ڪم ڪندڙ متاثر ملازمن ڊي سي سائوٿ جي آفيس ٻاهران سخت احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙ ملازمن جو چوڻ هو ته هو روزاني اجرت تي ڪم ڪندڙ غريب ماڻهو آهن جن جو ڪو به سهارو يا پرسان حال ناهي مظاهرين ٻڌايو ته گل پلازا جي واقعي ڪانپوءِ هو مڪمل طور بي روزگار ٿي ويا آهن سنڌن گهرن جا چلها ٻرڻ بند ٿي ويا آهن ۽ سنڌن ٻارن جي روزاني ضرورتون پوريون ڪرڻ به مشڪل ٿي پيو آهي هنن سوال اٿاريو ته جڏهن دڪانن جا مالڪ متبادل دڪان يا معاوضو حاصل ڪندا، تڏهن اسان جيڪي ملازم هئاسين، اسان جو مستقبل ڇا ٿيندو؟ متاثر ملازمن جو چوڻ هو ته هو ڪنهن سان فرياد ڪن، ڪير سنڌن آواز ٻڌڻ وارو آهي؟ حڪومت سميت لاڳاپيل ادارن هن وقت تائين اسان سان ڪو رابطو ناهي ڪيو ۽ نه ئي ڪا مدد مهيا ڪئي وئي آهي جيڪا انتهائي افسوسناڪ ڳالهه آهي احتجاج ڪندڙن سنڌ حڪومت، ضلعي انتظاميه ۽ مخير حضرات کان پرزور اپيل ڪئي ته هو انسانيت جي بنياد تي اڳتي اچي متاثر ملازمن جي مالي مدد ڪن جيئن هو پنهنجن گهرن جو گذارو ڪري سگهن هنن مطالبو ڪيو ته حڪومت فوري طور خاص پيڪيج جو اعلان ڪري، جنهن تحت متاثر ملازمن کي مالي امداد، روزگار جا متبادل ذريعا ۽ سماجي تحفظ فراهم ڪيو وڃي مظاهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سنڌن جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته هو پنهنجو احتجاج جاري رکندا، چيو ته هنن وٽ احتجاج ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستو ناهي بچيو.

حيدرآباد واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن

چيف آپريٽنگ آفيسر جي عهدي تي ڀرتي لاءِ ڀيهر اشتهار

حيدرآباد واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (HW&SC)، حيدرآباد سنڌ، هڪ معروف يوٽيلٽي فراهم ڪندڙ آهي جيڪو حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي دائري اختيار ۾ رهندڙن جي خدمت ڪري ٿو. سيوريج سروسز پهچائڻ ۽ پيئڻ جي محفوظ پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جي ذميوار، HW&SC آپريشنل استحڪام کي وڌائڻ، سروس پهچائڻ کي بهتر بڻائڻ ۽ ڊگهي مدت جي مالي استحڪام قائم ڪرڻ لاءِ هڪ ڀرپور ٽرن اراؤنڊ پلان تيار ڪيو آهي. ادارو جوش ۽ ڪارڪردگي سان هن منصوبي تي عمل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي.

حيدرآباد واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (HW&SC)، حيدرآباد، پنهنجي فنانس ڊپارٽمينٽ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ وقف ۽ متحرڪ پيشه ور ماڻهن جي ڳولا ڪري رهي آهي. مثالي اميدوار اعليٰ قابليت وارا ماڻهو هوندا جن وٽ سرڪاري يا خانگي شعبي جي تنظيمن ۾ قيادت جو ثابت ٿيل ٽريڪ رڪارڊ هوندو. درخواست ڏيندڙن کي اهم ڪاميابيون ڏيکارڻ گهرجن، جهڙوڪ تنظيمي واڌ، منافعو، يا شهرت ۾ حصو تنظيمي تبديلي ۽ تبديلي جي انتظام ۾ تجربو هڪ الڳ فائدو هوندو. HW&SC حوصلا افزائي ڪندڙ پيشه ور ماڻهن کي درخواست ڏيڻ ۽ سروس پهچائڻ ۽ ادارتي استحڪام کي وڌائڻ لاءِ ان جي مشن جو حصو بڻجڻ جي حوصلا افزائي ڪري ٿو.

پنهنجي قيادت ٽيم کي مضبوط ڪرڻ لاءِ، HW&SC هيٺين معاهدي تي ٻڌل سينئر عهدن لاءِ اعليٰ قابليت رکندڙ ۽ تجربيڪار پيشه ور ماڻهن کان درخواستون طلب ڪري ٿو:

چيف آپريٽنگ آفيسر (4 سالن کان معاهدي جي بنياد تي)

جاب پروفائل: چيف آپريٽنگ آفيسر ٽيڪنيڪل آپريشنز ۽ انفراسٽرڪچر سروس کي منظم ڪرڻ جو ذميوار آهي. COO ڪاروباري عمل جي اصلاح، پائيدار ترقي، ۽ آپريشنز جي بهتري جي نگراني ڪندو، اعليٰ معيار جي سروس جي ترسيل کي يقيني بڻائيندو. مثالي اميدوار وٽ مضبوط ٽيڪنيڪل قابليت، لاڳاپيل تجربو، ۽ آپريشنل فضيلت کي هلائڻ ۽ وڏي پيماني تي منصوبن کي منظم ڪرڻ جي ثابت ٿيل صلاحيت هوندي. هن ڪردار لاءِ هڪ متحرڪ اڳواڻ جي ضرورت آهي جيڪو چئلينجن کي سڃاڻڻ، حل لاڳو ڪرڻ، ۽ تنظيمي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ جي قابل هجي.

قابليت: مناسب اميدوارن کي هجڻ گهرجي:
● انجنيئرنگ ۾ بيچلر ڊگري (سول / ميڪينڪل / اليڪٽريڪل) / يونيورسٽي / اداري مان بي ايس جيڪا هائير ايجوڪيشن ڪميشن آف پاڪستان (HEC) يا هڪ سٺي شهرت واري بين الاقوامي يونيورسٽي طرفان تسليم ٿيل هجي.

تجربو: گهٽ ۾ گهٽ تجربو 10 سال جنهن مان 05 سال سروس ۾ هجڻ گهرجن.
● جيڪڏهن سرڪاري ملازم هن پوسٽ لاءِ درخواست ڏيڻ جو ارادو رکن ٿا ته درخواست ڏيندڙ کي گهٽ ۾ گهٽ 05 سال BPS-18 ۾ ان کان مٿي هجڻ گهرجن.
● خانگي شعبي جي اميدوار جي صورت ۾ ريزيڊنٽ انجنيئر / پروجيڪٽ انجنيئر وغيره جي عهدي تي ايس ايم پي جو ساڳيو 05 سالن جو تجربو هجڻ گهرجي.

عمر جي حد: وڌ ۾ وڌ 65 سال. (ترجيح ڏني ويندي 61 سال يا ننڍي)

مدو: حيدرآباد واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي منظوري سان باهمي طور تي متفق شرطن تي 4 سالن جي مدت لاءِ ٺيڪي جي معاهدي مطابق.

ڪيئن لاڳو ڪجي
● دلچسپي رکندڙ اميدوار هيٺ ڏنل گهربل دستاويزن سان گڏ درخواست جمع ڪرائي سگهن ٿا: -
➢ هيٺ ڏنل ايڊريس تي ڪوريئر ذريعي مقرر ڪيل درخواست فارم ۽ صحيح طور تي دستخط ٿيل اعلان لنڪ (http://goto.now/w0WkR) تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو جڏهن ته لاڳاپيل دستاويز / تعليمي ڊگري وغيره سان گڏيل هجي يا هيٺ ڏنل QR ڪوڊ اسڪين ڪندي ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو.
➢ هي عهدو حيدرآباد ۾ قائم آهي ۽ HW&SC برابر موقعا ڏيندڙ آهي جڏهن ته ڀرتي جي عمل دوران سخت رازداري برقرار رکي ويندي. ان کان علاوه، صرف شارٽ لسٽ ٿيل اميدوارن سان رابطو ڪيو ويندو ۽ انٽرويو لاءِ ڪو به TA/DA قابل قبول نه هوندو. سرڪاري / ڊپارٽمينٽل اميدوارن کي مٿي ڏنل عهدي تي درخواست ڏيڻ لاءِ NOC حاصل ڪرڻو پوندو، ۽ ان جي ڪاپي پڻ درخواست سان گڏ هجڻ گهرجي. جيڪڏهن اميدوار انٽرويو لاءِ چونڊيو ويو آهي ته ڊپارٽمينٽل NOC جي اصل ڪاپي انٽرويو تي ظاهر ڪرڻ گهرجي.
➢ چونڊيل اميدوار کي انهن جي قابليت ۽ تجربي جي مطابق مارڪيٽ تي ٻڌل، مقابلي وارو معاوضو پيڪيج پيش ڪيو ويندو.
➢ جيڪي اميدوار اڳ ۾ ئي درخواست ڏئي چڪا آهن اهي ڀيهر درخواست نه ڏين.
● دلچسپي رکندڙ اميدوار اشتهار جي اشاعت جي 07 ڏينهن اندر (يعني 2026-02-04) هيٺ ڏنل ايڊريس تي پنهنجون درخواستون موڪلي سگهن ٿا.

چيف HR مئنيجمينٽ آفيسر
حيدرآباد واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن
HW&SC سيڪريٽريٽ ٿرڊ فلور سوڪ سينٽر ٿنڍي سڙڪ حيدرآباد

INF/KRY No. 0300/2026

i WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

Thursday 29 January 2026

خميس 29 جنوري 2026 ع

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
حڪومت پاران گل پلازا متاثرن جي زخمن تي مرهم رکڻ جي ڪوشش! صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي صفحو 4
سون جي قيمت، تاريخ جو سفر..!

18هين ترميم اتحادين جي زد ۾!
سلمان غني صفحو 4

قاسم خاصخيلي صفحو 4
وڌندڙ مهانگائي ۾ پريشان مزدور طبقو!

ڪوٽڙي ڪبير پرسان مردن توڙي عورتن ۾ چمڙي بيماري پکڙجي وئي،مرضن جا جسم زخمن ۾ ڀريل

ڳوٺ عاقل شر ۾ بيماري جي وبا راڳا ڪري ڇڏيا،سڄي ڳوٺ ۾ سوين ننڍين وڏن مردن توڙي عورتن سميت ڪيترائي ماڻهو مبتلا

هزارين رپيا خرچ ڪرڻ جي باوجود خارش بيماري ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿي وٺي، ويتر خارش ۾ اضافو اچي پيو،رهواسي

وبا ننڍين وڏن جون ننڊون ڦٽائي ڇڏيون آهن، اگر ڪنهن گهر ۾ ڏهه ڀاتي آهن ته سڀئي ڄڻا چمڙي بيماري جي وبا ۾ مبتلا آهن

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع)ڪوٽڙي ڪبير پرسان تعلقا صوبيديرو يوسي رسول آباد جي ڳوٺ عاقل شر ۾ سڪندر شر، اشرف علي شر، لياقت علي شر ارشد علي شر جنسار علي شر محمد اسلم شر، شوڪت حسين شر جاويد علي شر اختر حسين شر جي گهر سميت سڄي ڳوٺ ۾ سوين ننڍن وڏن مردن توڙي عورتن ۾ چمڙي بيماري جي وبا راڳا ڪري ڇڏيا آهن سندن سڄو جسم زخمن ۾ ڀريل هئن مختلف ڊاڪٽرن جي مشوري تي هزارين رپيا خرچ ڪرڻ جي باوجود خارش بيماري ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿي وٺي ويتر خارش ۾ اضافو اچي پيو رات جي وقت ۾ معصوم ٻارڙا جسم کي پٽ پٽان ڪرڻ دوران دانهون ڪرڻ لڳن ٿا، وبا ننڍين وڏن جون ننڊون ڦٽائي ڇڏيون آهن اگر ڪنهن گهر ۾ ڏهه ڀاتي آهن ته سڀئي ڄڻا چمڙي بيماري جي وبا ۾ مبتلا آهن. ان ڏس ۾ اکين کان محروم پيرسن سڪندر شر ميڊيا کي ٻڌايو ته ڳوٺ جا سڀ ماڻهون غريب مزدور آهن ڏهاڙي دار ڪمائيندڙ آهن جن پنهنجي وس آهر علاج ڪرايو آهي پر خارش ختم نٿي ٿئي پٽي، هن وڌيڪ چيو ته مان به هڪ ٻڪري ۽ ٻه ڇيلا کپائي ڪيترن ئي ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايو آهي، پر فرق نٿو اچي خارش جي وبا مون سميت سڄي ڳوٺ جي ماڻهن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي، ڳوٺاڻا وڏي عذاب ۾ مبتلا ٿي ويا آهن



ڪوٽڙي ڪبير خارش جي بيماري ۾ ورتل ٻارڙا

خيرپور ۾ ڪارو ڪاري جي الزام هيٺ ٻن ڄڻن جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار گرفتار

جوابدار 23 جنوري تي مسمات الهورائي ۽ محمد ابراهيم تيگاڻي کي قتل ڪيو هو،جوابدار تي الزام

مسمات الهورائي ۽ محمد ابراهيم تيگاڻي کي قتل ڪرڻ واري ڪيس ۾ نامزد جوابدار عرفان شر کي گرفتار ڪري ورتو آهي،ايس ايس پي

جوابدار عرفان شر مقتولن تي ڪاروڪاري جو الزام لڳايو هو ۽ بعد ۾ 23 جنوري تي ٻنهي کي قتل ڪرڻ کان پوءِ فرار ٿي ويو هو

ڪارو ڪاري تحت ٿيل قتل پوليس لاءِ وڏو چيلينج بڻيل هو،ايس ايڇ او فيض ٻنبرو جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي جوابدار کي ٽريس ڪيو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ ڪاري ڪاري جي الزام هيٺ هڪ عورت سميت ٻن ڄڻن کي قتل ڪرڻ واري ڪيس ۾ نامزد جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جوابدار تي الزام آهي ته هن هلندڙ مهيني 23 جنوري تي مسمات الهورائي ۽ محمد ابراهيم تيگاڻي کي قتل ڪيو هوايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو موجب، خيرپور پوليس ڪارو ڪاري جو الزام هڻي مسمات الهورائي ۽ محمد ابراهيم تيگاڻي کي قتل ڪرڻ واري ڪيس ۾ نامزد جوابدار عرفان شر کي گرفتار ڪري ورتو آهي. هن ٻڌايو ته جوابدار عرفان شر مقتولن تي ڪاروڪاري جو الزام لڳايو هو ۽ بعد ۾ 23 جنوري تي ٻنهي کي قتل ڪرڻ کان پوءِ فرار ٿي ويو هو ڪارو ڪاري تحت ٿيل قتل پوليس لاءِ وڏو چيلينج بڻيل هو جنهن بعد فيض محمد ٻنبرو ٿاڻي جي ايس ايڇ او نويد مصطفیٰ جمالي کي جوابدار جي گرفتاري جو ٽاسڪ ڏنو ويو. ايس ايڇ او جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي جوابدار کي ٽريس ڪيو ۽ پوليس نفري سان گڏ جوابدار جي ڳولا ڪري، قتل ۾ استعمال ٿيل پسٽول سميت ڪيس گرفتار ڪيو،ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو وڌيڪ ٻڌايو ته ڪيس جي جاچ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جوابدار کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

سنڌ تي قابض ٽٻيلن سنڌ جي پينگ ڪري ڇڏي آهي:نثار ابڙو

لاقانونيت جو راڄ آهي،ظلم جبر ڏاڍ ناانصافيون عوام سان جاري آهن

ميرٽ جو جنازو نڪري ويو آهي،روڊ،اسڪول ۽ اسپتالون تباهه ٿي ويون آهن

گڏيجي(ن ع)سنڌ تي ارڙهن سالن کان اقتدار تي قابض ٽٻيلن سنڌ جي پينگ ڪري ڇڏي آهي لالچ ۽ خوف جي ڪري ڪرپٽ ڪچهري جي لاءِ تيار نه آهي اهڙن خيالن جو اظهار جي ڊي اي ضلعي خيرپور جي ڪنوينر ڪامريڊ نثارابڙو فنڪشنل مسلم ليگ ضلعي خيرپور جي جنرل سيڪريٽري شاهد رسول چيما جي ڊي اي تعلقي سوڀوديرو جي ڪنوينر ڊاڪٽر ڊاڪٽر حسين سولنگي ،فنڪشنل مسلم ليگ تعلقي ٺري ميرواهه جي صدر اميرطارق حسين ڪبر،فنڪشنل مسلم ليگ ليڊيز ونگ تعلقي سوڀوديرو جي صدر شبانا ناز شيخ فنڪشنل مسلم ليگ تعلقي سوڀوديرو جي جنرل سيڪريٽري سيد وقار ممتاز شاهه ۽ ٻين يونين ڪائونسل ٿلي ۾ جي ڊي اي ۽ فنڪشنل مسلم ليگ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ لاقانونيت جو راڄ قائم آهي ظلم جبر ڏاڍ ناانصافيون عوام سان جاري آهن ڪرپٽ ڀڄڻ وارو نه آهي ڪرپشن عروج تي آهي ميرٽ جو جنازو نڪري ويو آهي روڊ رستا اسڪول ۽ اسپتالون تباهه ٿي ويون آهن عوام کي ڪابه سهولت نه آهي هن وقت اٽي جو اگهه بيٺو ٿي ويو آهي عوام پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياري يا پيٽ پالڻ لاءِ پريشان آهي موجوده حڪمران 47فارم تي حڪومت ڪري رهيا آهن موجوده حڪمران مان عوام بيزار ٿي چڪو آهي ۽ حڪمران گهر پيڙهه ٿيڻ وارا آهن عوام کي سجاڳ ٿيڻو پوندو ان موقعي تي هاشم سهتو،ڏاٽر ناريجو،ميهر ناريجو،محمد حسن جتوئي،ابراهيم چنه،رضوانه سهتو،شمشاد دايو،ذوالفيخان چنه ۽ ٻين خطاب ڪيو ان موقعي تي هنن چيو ته تنظيم سازي شروع ڪئي وئي آهي سياست عبادت ۽ ڪير جهڙي اچي اچي آهي پر سياست کي سياستدانن پنهنجي ڪردارن جي ڪري ٿي خراب ڪري ڇڏيو آهي

گڏيجي جي ڊي اي ۽ فنڪشنل مسلم ليگ جي گڏيل اجلاس کي اڳواڻ خطاب ڪندي

سنڌ زرعي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پاران ترقياتي منصوبن جو دورو

آءِ ٽي فئڪلٽي بلڊنگ ۽ جوڊو اڪيڊمي هلندڙ سال مڪمل ٿي ويندا: وائيس چانسلر

منصوبو يونيورسٽي جي انتظامي نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو

ٽنڊوڄام(پريس رليز)سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال يونيورسٽي ۾ جاري مختلف ترقياتي منصوبن جو دورو ڪيو ۽ زير تعمير انفارميشن ٽيڪنالاجي (آءِ ٽي) ٽاور جوڊو اڪيڊمي ۽ بوائز هاسٽل جي نئين مسجد بابت تفصيلي ڄاڻ ورتي آءِ ٽي ٽاور جي دوري دوران وائيس چانسلر کي تعميراتي ڪم جي اڳڀرائي تجويز ڪيل جديد آءِ ٽي سهولتن ۽ مختلف ليبارٽرين ۾ جديد اوزارن جي تنصيب بابت بريفنگ ڏني وئي، ڊاڪٽر الطاف علي سيال اعليٰ تعليم تحقيق ۽ تعليمي انتظام ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي وڌندڙ اهميت تي زور ڏيندي چيو ته هي منصوبو ڊجيٽل لرننگ، تحقيقي جدت ۽ يونيورسٽي جي انتظامي نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو هن وڌيڪ چيو ته موجوده انفارميشن ٽيڪنالاجي سينٽر (آءِ ٽي سي) کي جلد مڪمل فئڪلٽي جو درجو ڏنو ويندو ۽ ويجهي مستقبل ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجي جا نوان ڊگري پروگرام پڻ شروع ڪيا ويندا جوڊو اڪيڊمي جي دوري دوران وائيس چانسلر لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته هن منصوبي کي هلندڙ سال اندر مڪمل ڪيو وڃي، هن چيو ته هي اڪيڊمي سڄي سنڌ مان نوجوانن کي تربيت فراهم ڪرڻ جو وڏو مرڪز ثابت ٿيندي ۽ صوبي ۾ صحت مند رانديون کي هٿي ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي ڊاڪٽر الطاف علي سيال منصوبن جي رفتار تي اطمينان جو اظهار ڪندي هدايت ڪئي ته سڀئي ترقياتي ڪم وقت سر مڪمل ڪيا وڃن ۽ تعميراتي توڙي فني معيار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو وڃي، ان موقعي تي ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ محمد اشرف رستماڻي ۽ پروجيڪٽ انجنيئر احسن چنه منصوبن جي ڊائري، مدت ۽ فني پهلوئن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني، ان موقعي تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر نصرت حسين چانڊيو ۽ يونيورسٽي جو ترجمان گل شير لوچي پڻ ان موقعي تي موجود هئا



ٽنڊوڄام سنڌ زرعي يونيورسٽي جو وي سي ڊاڪٽر الطاف سيال آءِ ٽي ٽاور جو جائزو وٺندي

نوراني بستي جي رهواسڻ پاران گهر مان زبردستي ڪڍڻ خلاف احتجاج

ڏير ۽ ان جو پٽ موروثي گهر مان بيدخل ڪري قبضو ڪرڻ چاهي ٿو:نسرين شاهه

اعليٰ اختياريون ماهري جو نوٽيس وٺي انصاف ڪري تحفظ ڏنو وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي علائقي نوراني بستي جي رهواسڻ پيرسن بيواهه نسرين شاهه پنهنجي ڌيئرن سان گڏ ڏير فيصل ۽ ان جي پٽ سليم پاران گهر مان زبردستي ڪڍڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيو ته جاٺايل ڏير ۽ ان جو پٽ موروثي گهر ڪجهه رقم مون ڏني فوٽو ڪڍيا ۽ پوءِ ساڳي وقت رقم واپس وٺي ريلوي جي ايراضي ۾ هڪ گهر وٺي ڏي پيو جيڪو ڪنهن به وقت ريلوي انتظاميا ڊاهي سگهي پئي. هن چيو ته موروثي گهر ۾ 4حصيدار آهن گهر جي هن وقت ماليت هڪ ڪروڙ رپين کان وڌيڪ ٿئي ٿي. هن الزام هنيو ته ڏير جو پٽ منهنجي پٽن کي

راڏڻ ۾ گهر سروي ۾ نالو نه اچڻ خلاف سماجي اڳواڻ پاران ٽئو ڳچي ۾ روحهي انوکو احتجاج

راڏڻ (ن ع)سنڌ حڪومت طرفان گهر سروي ۾ نالو نه اچڻ خلاف سماجي اڳواڻ ڪامريڊ انور ملاح جو زنجيرون ٻڌي ٽئو ڳچي ۾روحهي ميڊيا اڳيان انوکو احتجاج ڪندي چيو ته 2022 جي مها ٻوڏ ۾منهنجو گهر ڊهي پٽ پئجي ويو هو سنڌ طرفان سروي دوران منهنجي گهر جي به سروي ڪئي وئي 4سال گذري ويا آهن اڃان تائين گهر سروي م منهنجو نالو ناهي آيو مان ڦرديپ واري آفيس ويس جتي ڦر ڏيپ وارن مون کي چيو ته 20هزار رشوت ڏي ته تنهنجي گهر جي درخواست اي ميل ڪيان ماڻ مسڪين آهيان 4سالن کان بنا گهر جي ٽينٽ م ٻچڙن سان گڏ رهڻ تي مجبور آهيان هن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڦرديپ ضلعي انچارج آفتاب خشڪ ڊي سي دادو ۽ٻين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته راشي ڪرپٽ تعلقي ميهڙ جي انچارج امير سومرو خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مون مسڪين کي گهر ڏئي مون سان انصاف ڪيو وڃي

چونڊڪو ۾ سائيڪل نه ڏيڻ جي معاملي تان جهيڙو،نوجوان زخمي

خيرپور(ڊ ر)ٺارا تعلقي جي پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ ٽرانسپورٽ يونين جي اڳواڻ واحد بخش ٻرڙي الزام لڳائيندي ٻڌايو ته سندس ڀائيٽو حسين بخش ٻرڙي چونڊڪو ۾سائيڪل نه ڏيڻ تان ٻمبر ڊرائيور پاران ڇاتي واري ٻمبر جو ٽڪر هڻي ڪيس زخمي ڪيو آهي. هن ٻڌايو ته نوجوان جي حالت انتهائي ڳنڀير جوڳي آهي ۽ ڪيس خيرپور اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته ٻمبر جو مالڪ افغاني آهي ۽ ان خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.ٻئي پاسي سوراهه پوليس سان رابطي دوران پوليس ٻڌايو ته ٻمبر کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي. جڏهن ته هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري وڌيڪ جاچ جاري آهي

ماتلي ۾ نامعلوم ماڻهن واڙي کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو،چار ٻڪريون مري ويون

ماتلي(ن ع)نامعلوم ماڻهن قاضي محلي ۾پورهيت جاويد عمراڻي جي مال جي واڙي کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾واڙي ۾ٻڌل چار ٻڪريون سڙي مري ويون جڏهن ته هڪ مينهن،ڍڳي ۽ سندس ڦر سڙي زخمي ٿي ويا آهن باهه ۾هڪ موٽر سائيڪل به سڙي ويو پاڙيوارن مڙسي ڪري باهه وسائي

ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد پاران ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اعلان

سڪرنڊ (س ز)ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد شبير احمد سيٺار پاران ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ سڀاڻي 29 جنوري تي پوليس لائن ۾ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اعلان ڪري ڇڏيو ان سلسلي ۾ ڊي آئي بي عبدالحميد جلباڻي ۽ ڊي ايس پي ايڊمن يوسف ابڙو ڪيمپ جي حوالي سان سينٽر جو دورو ڪيو جتي هنن مختلف شعبن جو معائنو ڪيو جتي جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنه ڪين سينٽر جي شعبن بابت بريف ڪيو ان موقعي پوليس آفيسرن مختلف وارڊن ۾ وڃي ٿيليسيميا جي ٻارڙن سان ملاقات پڻ ڪئي جنهن بعد هنن ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سياڻ سان ميٽنگ ڪري سڀاڻي واري ڪيمپ بابت حڪمت عملي طئي ڪئي گڏجاڻي دوران ڊي آئي بي عبدالحمد جلباڻي ٻڌايو ته ضلع شهيد بينظيرآباد ۾ 26 پوليس ٿاڻا آهن آهن سڀني کي پابند ڪيو ويو آهي ته بلڊ ڊونيشن ڪيمپ ۾ پنهنجو حصو ملائين ان موقعي تي قاضي جاويد سناڻي ، عامر ابڙو ، حسنين

مظلومن جو آواز مورو پريس ڪلب

مورو نوان جتوئي واسي عورتن ٻارڙن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

مورو ويجهو نوان جتوئي واسي عورتن،ٻارڙن پاران احتجاجي مظاهرو

اسان جي چاچي کي 4 مهينا اڳ گولين هڻي قتل ڪيو ويو هو:محبوب کوسو

حملو ڪري هٿيارن جي زور تي عورتن معصوم ٻارڙن تي تشدد ڪيو آهي

مورو(ن ع)مورو ويجهو نوان جتوئي جي رهواسي محبوب علي کوسو علي انور کوسو عورتن معصوم ٻارڙن سان گڏ مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو،جتي هنن چيو ته اسان جي چاچي کي 4 مهينا اڳ گولين هڻي قتل ڪيو ويو هو جنهن جو ڪيس نوان جتوئي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايل آهي،گذريل ڏينهن ملوث جوابدارن گهرن تي حملو ڪري هٿيارن جي زور تي عورتن معصوم ٻارڙن تي تشدد ڪيو آهي هنن الزام هڻندي چيو ته حملو ڪندڙ نثار کوسو منٺار کوسو لونگ کوسو اعجاز کوسو آصف کوسو سڪندر کوسو هٿيار جي زور تي گهر ۾ داخل ٿيا ۽ چيو ته خون جي ڪيس تان هٿ کڻو نه ته توهان کي به ماري ڇڏينداسين،هن واقعي ڪانپوءِ متاثرين نثار منٺار ۽ لونگ اعجاز خلاف ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ نوان جتوئي جي ايس ايڇ او جميل سولنگي وٽ وياسين ۽ ايس ايڇ او ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي احتجاج ڪندڙ عورت نصيبان عزيزان مسمات پٺاڻي روئيندي ٻڌايو ته اسان جي ٻارڙن محبوب علي انور علي کوسو ۽ اسان سان جيڪو ڪجهه ٿيو آهي اهو نثار کوسو منٺار کوسو لونگ کوسو ذميوار آهي مظاهرين ايس ايس پي نوشهروفيروز مير روحل خان کوسو ۽ ڊي ايس پي مورو محمد آصف ڪرل کي اپيل ٿا ڪيون ته مذڪورا معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪيو وڃي

ايمان مزاري ۽ هادي علي کي سزا ڏيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

هيومن رائٽس،حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس ۽ وڪيلن احتجاجي مظاهرو ڪيو

پيڪا ايڪٽ تحت 17 سال سزا ڏيڻ آئين ۽ قانون جي خلاف ورزي آهي:غفرانه آرائين

پيڪا ايڪٽ تحت اظهار راءِ تي سخت پابنديون وڌيون پيون وڃن: خالد ڪوڪر

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)ناليواري انساني حقن جي اڳواڻ وڪيل ايمان زينت مزاري ۽ سندس مڙس هادي علي چٺا کي پيڪا ايڪٽ تحت سزا ڏيڻ خلاف انساني حقن جي تنظيم هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان (HRCP)حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس ۽ وڪيلن پاران حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، احتجاجي مظاهري کي ايڇ آر سي پي جي ڪوآرڊينيٽر غفرانه آرائين، پروفيسر امداد چانڊيو پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي اڳواڻ خالد ڪوڪر،پروفيسر امداد چانڊيو سينئر صحافي اقبال ملاح، حيدرآباد روشن خيال فورم جي اڳواڻ حميد سومرو ايڇ آر سي پي جي ڪائونسل ميمبر پشپا ڪماري، ايڊووڪيٽ حاجز مير ايڊووڪيٽ محب آزاد ۽ ٻين چيو ته وڪيل ايمان مزاري ۽ سندس مڙس هادي علي چٺا کي پيڪا ايڪٽ تحت 17 سال سزا ڏيڻ آئين ۽ قانون جي کلي خلاف ورزي آهي. هنن چيو ته ملڪ ۾ اڻ اعلانيل مارشل لا لاڳو آهي ۽ پيڪا ايڪٽ تحت اظهار راءِ تي سخت پابنديون وڌيون پيون وڃن. هنن چيو ته ايمان مزاري جو اصل ڏوهه اهو آهي ته هوءِ ڪنهن گم ڪيل سياسي ڪارڪنن ۽ صحافين جا ڪيس بغير فيس جي وڙهي ٿي ۽ انساني حقن لاءِ بي خوف آواز بلند ڪري ٿي. هنن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کان مطالبو ڪيو ته ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا کي ڏنل سزا جو نوٽس وٺي کين فوري طور آزاد ڪيو وڃي

10 YEARS OF PECA, 10 YEARS OF SILENCE
Stand with Iman Mazari and Hadi Ali Chattha
Stand up for freedom of expression
ایمان مزاری اور ہادی علی چٹھہ کے لیے آواز اٹھائیں

حيدرآباد هيومن رائٽس ڪميشن پاران ايمان مزاري جي آزادي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو پوليس فراڊ ڪيس ۾ روپوش جوابدار کي ڪراچي مان گرفتار ڪري ورتو

جوابدار محمود علي کي جديد آءِ ٽي (HEMS)سسٽم ذريعي ٽريس ڪيو ويو

جوابدار کي درگاهه سعدي موسائٽي پرسان هڪ مسافر خاني مان گرفتار ڪيو ويو

ڏوهارين کي گرفت ۾ آڻڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي جا وسيلا ڪتب آندا پيا وڃن:پوليس

ميهڙ(ن ع)دادو پوليس جي ميهڙ پرسان انفارميشن ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪامياب ڪارروائي فراڊ جي ڪيس ۾ ڪراچي مان روپوش جوابدار کي دادو پوليس گرفتار ڪري ورتو ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي نگراني ۾ دادو پوليس پاران ڪارروائي ڪندي روپوش جوابدار محمود علي کي جديد آءِ ٽي (HEMS)سسٽم ذريعي ٽريس ڪيو ويو گرفتار جوابدار محمود علي ولد روشن علي گناهه نمبر 904/2025 قلم F489 ، 420 ، 34 ت- پ موجب ضلعي ملير ڪراچي جي ٿاڻي گڏاپ سٽي ۾ پوليس کي گهربل هو جوابدار کي گڏيل ڪارروائي دوران دادو پوليس جي آءِ ٽي ٽيم جي انفارميشن تي ايس ايڇ او ٿاڻو ٺٽوڻ ڳوٺ پاران درگاهه سعدي موسائٽي پرسان هڪ مسافر خاني مان گرفتار ڪيو ويو دادو پوليس پاران ڏوهارين کي گرفت ۾ آڻڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي سميت تمام وسيلا ڪتب آندا پيا وڃن ته جيئن عوام کي محفوظ ماحول فراهم ڪري سگهجي

وڳڻ پرسان وحيده چنو جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

ڏير هٿان قتل ٿيل ڳوٺ جعفراڻي جي رهواسڻ جي وارثن پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪيو

نياڻي جي نثار چنو سان شادي ٿيل هئي جيڪو هر وقت مارڪيٽ ڪندو هو:مريم خاتون

سامان خريداري لاءِ وئي جتي ڏير رين چنو بيدردي سان گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

وڳڻ (ن ع)وڳڻ پرسان هڪ مهينو اڳ ڪارنهن الزام ۾ڏير هٿان قتل ٿيل ڳوٺ جعفراڻي جي رهواسڻ وحيده چنو جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ تي وارثن امڙ مريم خاتون ڀينرن سعيده ڪلثوم بينظير ۽ اسلام خاتون ڪلام پاڪ کڻي احتجاج ڪيو ان موقعي تي قتل ٿيل عورت جي ماءُ مريم خاتون روئندي ٻڌايو ته منهنجي نياڻي جي نثار چنو سان شادي ٿيل هئي جيڪو هر وقت مارڪيٽ ڪندو هو ۽ چار مهينا اڳ ڪارنهن جو ڪوڙو الزام هڻي ڪيس گهران ڪڍي ڇڏيو هو جيڪا اسان وٽ رهندي هئي جيڪا هڪ مهينو اڳ قمبر شهر گهر جي سامان خريداري لاءِ وئي هئي جتي ڏير رين چنو بيدردي سان گولين هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويو ۽ اهڙو ڪيس مڙس نثار ڏير رين چنو ۽ هڪ نامعلوم مٿان سٽي ٿاڻي قمبر ۾ داخل ڪيو ويو پوليس هن وقت تائين نياڻي جي قاتل ڏير کي گرفتار ناهي ڪيو ۽ ڏيءَ جو خون لوڙهڻ چاهي ٿي اسان مسڪين مظلومن سان پوليس انصاف ناهي ڪيو مجبورن ڪلام پاڪ کڻي ايس ايس پي قمبر سردار حسن نيازي کي اپيل ٿا ڪيون ته نياڻي جي قاتل رين چنو کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

وڳڻ پرسان وحيده چنو جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف عورتون پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪندي

عالم الحاج محمود خان جوڻيجو قاسمي جي ايصال ثواب لاءِ جلسو

عالمن سگهڙن جو خطاب،نعت خوان پيش وڏي انگ ۾ماڻهن جي شرڪت

الحاج محمود عالم هجڻ سان گڏ عربي استاد ۽ معتبر انسان هو:مفتي عبيدالله

ڪڪڙ(ن ع)ڪڪڙ شهر جو مشهور ديني عالم استاد مرحوم الحاج محمود خان جوڻيجو جي ايصال ثواب خاطر سندس وارثن مولانا زاهد محمود جوڻيجي ، ارشد ، راشد مرحوم والد جي ساليانو عرس مبارڪ ۽ روحاني محفل ڪڪڙ جي ڪنير پاڙي ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مهمان خاص سنڌ جو نالي وارو جماعت اهلسنت اڳواڻ ديني عالم مفتي عبيدالله ڏاهري ، مفتي خليل احمد چنا ، مولانا محمد امين حسيني ، مولوي صدام حسين چانڊيو طاهري ، مشهور نعت خوان محمد روحيل قادري ،مولوي محمد ايوب ٺونڊائي ، حافظ عابد علي ٻبر مولوي فدا حسين ڪرمي ، مولوي الطاف ڪرمي ۽ ٻين مختلف عالمن سگهڙن ۽ نعت خوان سميت وڏي انگ ۾ ماڻهون شريڪ ٿيا ان موقعي تي ديني عالم مفتي عبيدالله ڏاهري جلسي کي خطاب ڪندي چيو ته مرحوم الحاج محمود خان جوڻيجو هڪ ديني عالم سگهڙ هجڻ سان گڏ عربي استاد ۽ هڪ معتبر بهترين انسان به هو جنهن سڄي زندگي ديني درسگاهه ۽ تدريسي عمل ۾ وقف ڪيو ڪڪڙ ۽ مختلف علائقن جي رهواسين لاءِ دين جون خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ ڪيترائي ڏهين شاگرد پيدا ڪيا جيڪي وڏن عهدن تي مقرر ٿيل آهن هن وڌيڪ چيو ته مسلمان نفرتون اختلاف ختم ڪري پاڻ ۾ محبت ۽ ڀائي جو مظاهرو ڪري رشتن کي بحال ڪيو دين اسلام کي اجاگر ڪيو نماز جا پابند ٿيو گناهن کان پاسو ڪيو ، مشهور نعت خوان محمد روحيل قادري پاران سخت سردي ۾ شريڪ ماڻهن کي نعتون پيش ڪري ماڻهن کي جهومائي وڌو ، آخر ۾ ملڪ جي سلامتي مضبوطي،سنڌ جي خوشحالي ، ايران ۽ فلسطين جي مسلمانن لاءِ خاص دعائون گهريون ويون

آن فارم واٽر مئنيجمينٽ ڪانٽيجنيسي ملازمن کي پگهارون نه مليون،احتجاجي مظاهرو،ڌرڻو

ايمپلائيز ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي شهباز بلڊنگ جي مک گيٽ آڏو مک روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

ڏيڍ سال کان پگهارون نه ملڻ ۽ سنڌن جاءِ تي ڊي جي پاران پنهنجا من پسند ماڻهو مقرر ڪري انهن کي پگهارون جاري ڪرڻ خلاف نعريبازي

گذريل ڏيڍ سال کان ڊي جي نديم شاهه پنهنجي من ماني ڪري بغير ڪنهن جواز جي پگهارون بند ڪري ڇڏيون آهن: امجد علي

نديم شاهه پنهنجا نواز پاليسي اختيار ڪري غيرقانوني طور تي پندرهن سؤ جي لڳ ڀڳ ماڻهو مقرر ڪري انهن کي پگهارون جاري ڪيون آهن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)آن فارم واٽر مئنيجمينٽ جي ڪانٽيجنيسي ملازمن کي ڏيڍ سال کان پگهارون نه ملڻ ۽ سنڌن جاءِ تي ڊي جي پاران پنهنجا من پسند ماڻهو مقرر ڪري انهن کي پگهارون جاري ڪرڻ خلاف ايمپلائيز ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي شهباز بلڊنگ جي مک گيٽ آڏو مک روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو متاثر ملازمن ڊي جي آن فارم واٽر مئنيجمينٽ سيد نديم شاهه خلاف سخت نعريبازي ڪندي ڪين رهيل پگهارون جاري ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن امجد علي، شرجيل احمد، پرويز احمد، ڪامران علي، آل رووينيو ايسوسيئيشن جي صدر سردار شاهه وڪيل اڳواڻن ۽ ٻين چيو ته هزارين ملازم گذريل ڪيترن ئي سالن کان اداري جي مختلف شعبن ۾ ڪانٽيجنيسي تحت ڪم ڪري رهيا آهن پر گذريل ڏيڍ سال کان ڊي جي نديم شاهه پنهنجي من ماني ڪري بغير ڪنهن جواز جي پگهارون بند ڪري ڇڏيون آهن جنهن ڪري ڦاقا ڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهيون. جڏهن ته سنڌن جاءِ تي نديم شاهه پنهنجا نواز پاليسي اختيار ڪري غيرقانوني طور تي پندرهن سؤ جي لڳ ڀڳ ماڻهو مقرر ڪري انهن کي پگهارون جاري ڪيو آهن جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هنن چيو ته ڏيڍ سال اڳ ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪليم الله اسان جي پگهارن جي جاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته آن جي خلاف انتقامي ڪارروائين تي لهي آيو آهي هنن چيو آن فارم واٽر مئنيجمينٽ جو ڊي جي سيد نديم شاهه هڪ ڪرپٽ ۽ ملازم دشمن آفيسر آهي جنهن اداري کي نقصان پهچايو آهي رشوت جي بازار گرم ڪري ملازم دشمن پاليسي اختيار ڪئي آهي هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سيڪريٽري زراعت سميت اعلا اختيارين کي اپيل ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته سنڌن جون رهيل ڏيڍ سال جون پگهارون جاري ڪري ڊي جي سيد نديم شاهه جي طرفان غير قانوني طور تي مقرر ڪيل ماڻهن کي هٽائي اداري م ٿيل ڪرپشن اقرباپروري جو نوٽيس وٺي نديم شاهه کي هٽائي سائين انصاف ڪيو وڃي. هنن چيو ته جيڪڏهن سنڌن مطالبا نه مڃيا ويا ته ضلعي هيڊ ڪوارٽرن سميت سنڌ سيڪريٽريٽ آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

بخشاپور ۾ مستحق عورتن جي وظيفي مان ڪٽوتي ڪندڙ ڊوائيس مافيا بي لغام بڻيل

انتظاميه حصو پتي وٺڻ سبب خاموش تماشائي،روزانو لکين رپيا ڊوائيس مافيا پاران مستحق عورتن جي وظيفي مان ڪاٽيا پيا وڃن

ڊوائيس مافيا هر مستحق عورت جي بايو ميٽرڪ وٺڻ هڪ هزار کان 1500 رپين تائين ڪٽوتي ڪري جهجهو ناڻو ڪمائڻ لڳا

هنگامي بنيادن تي نوٽيس وٺي ڊوائيس مافيا خلاف ڪارروائي عمل ۾ آڻي مستحق عورتن کي مڪمل قسط فراهم ڪئي وڃي:مستحق عورتون

بخشاپور(ن ع)بخشاپور ۾مستحق عورتن جي وظيفي مان ڪٽوتي ڪندڙ ڊوائيس مافيا بي لغام بڻيل انتظاميه حصو پتي وٺڻ سبب خاموش تماشائي، روزانو لکين رپيا ڊوائيس مافيا پاران مستحق عورتن جي وظيفي مان ڪاٽيا پيا وڃن مستحق عورتن جو احتجاج خشاپور ۽ پرپاسي وارن علائقن جي مستحق عورتن جو ٽي ماهي قسط تي ڊوائيس مافيا ڏاڙو هڻي رهيا آهن گذريل ڪن ڏينهن اندر مستحق عورتن جي وظيفي مان لکين رپيا ڪاٽيا ويا آهن ڊوائيس مافيا هر مستحق عورت جي بايو ميٽرڪ وٺڻ هڪ هزار کان 1500 رپين تائين ڪٽوتي ڪري جهجهو ناڻو ڪمائڻ لڳا، ٻئي طرف شڪايتن باوجود بي آئي ايس پي انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل آهي جڏهن ته مستحق عورتن پاران ڊوائيس مافيا جي ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي صحافين وٽ دانهيندي چيو ته مستحق عورتن جي وظيفي مان ڪٽوتي ڪندڙ ڊوائيس مافيا ڪارروائي کان آجا بڻيل آهن بنا ڪنهن خوف جي سرعام هر مستحق جي وظيفي مان ڪٽوتي ڪرڻ ۾ مصروف بڻيل آهن هنن احتجاج ڪندڙ مستحق عورتن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بي آئي ايس پي عملدارن ۽ ڊي سي ڪشمور کان مطالبو ڪيو ته هنگامي بنيادن تي نوٽيس وٺي ڊوائيس مافيا خلاف ڪارروائي عمل ۾ آڻي مستحق عورتن کي مڪمل قسط فراهم ڪئي وڃي

گلشن حديد ۾اسٽريٽ لائيٽ سامان ۽ تنصيب منصوبي جو افتتاح

ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر ۽ مير عباس منصوبي جو افتتاح ڪيو

عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ سنڌن اولين ترجيح آهي:چيئرمين

ڪراچي (بيورو رپورٽ)ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ جي خصوصي هدايتن تي ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر ۽ پارلياماني ليڊر توڙي ڪائونسل ميمبر مير عباس ٽالپور يوسي گلشن حديد ۾ اسٽريٽ لائيٽن جي سامان ۽ تنصيب واري منصوبي جو باقاعده افتتاح ڪري ڇڏيو. افتتاحي تقريب ۾ ڪائونسل ميمبر جنرل سيڪريٽري سٽي ايريا 85 عبدالستار جوکيو سميت لاڳاپيل کاتن جا آفيسر پڻ موجود هئا. ان موقعي تي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ پنهنجي پيغام ۾ چيو ته گڏاپ ٽائون جي سڀني يونين ڪائونسلن ۾ عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ سنڌن اولين ترجيح آهي. هن چيو ته يوسي گلشن حديد ۾ اسٽريٽ لائيٽن جي تنصيب سان نه رڳو علائقي ۾ روشنيءَ جا بهتر انتظام ٿيندا پر شهري رات جي وقت وڌيڪ تحفظ ۽ سهولت پڻ حاصل ڪري سگهندا. چيئرمين وڌيڪ چيو ته عوامي ڀلائي ۽ بهبود جا منصوبا ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪيا پيا وڃن ۽ ترقياتي ڪمن جو اهو سلسلو ڪائونسل ميمبرن جي مشاورت سان مستقبل ۾ پڻ جاري رهندو.ميونسپل ڪمشنر گڏاپ محمد نواز مهر ان موقعي تي چيو ته اسٽريٽ لائيٽن جي تنصيب شهري سهولتن کي بهتر بڻائڻ ڏانهن هڪ اهم قدم آهي. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته منصوبي کي مقرر معيار ۽ وقت اندر مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن عوام سڌو فائدو حاصل ڪري سگهي. پارلياماني ليڊر ۽ ڪائونسل ميمبر مير عباس ٽالپور چيو ته يوسي گلشن حديد ۾ اسٽريٽ لائيٽن جي تنصيب علائقي واسين جو پراڻو مطالبو هو جنهن کي چيئرمين گڏاپ ٽائون طارق عزيز بلوچ جي قيادت ۾ عملي شڪل ڏني پئي وڃي. هن چيو ته هن منصوبي سان علائقي ۾ امن امان ۽ عوامي سهولتن ۾ واضح بهتري ايندي. اسان سڀ چونڊيل نمائندا عوامي خدمت جي مشن کي خلوص ۽ ايمانداري سان جاري رکندا رهنداسين.آخر ۾ علائقي جي معزز شخصيتن منصوبي جو جائزو ورتو ۽ ترقياتي ڪمن جي معيار تي اطمينان جو اظهار ڪيو ان موقعي تي (ABE)وسيم آرائين، ڊائريڪٽر انفارميشن رضوان صابر سيڪريٽري اطلاعات سٽي ايريا 85 عبدالستار ٻٽ، ڪائونسلرز بشير جونيجو صدام خاصخيلي عبدالولي بگهيو ۽ وقار لاڙڪ پڻ موجود هئا

ڪراچي ٽي ايم سي گڏاپ چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ ٻيا اسٽريٽ لائٽ سامان جو افتتاح ڪندي

گهرواري ۽ پٽ گهر ۾ داخل ٿي زبردستي گهر لکي ڏيڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏيندا رهيا:نياز ٻبر

دادو(ڊ ر)دادو شهر جي چاڪو شاهه آباد محلي جي رهواسي پيرسن نياز حسين ٻبر پٽ جي ناجائزي خلاف دادو پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته منهنجون 2 شاديون ٿيل آهن، پهرين گهرواري مان 4 پٽ ۽ ٻي زال مان به 4 ٻچن جو اولاد آهي، سال 2012 ۾ پهرين گهرواري مسمات هوا طلاق ورتي هئي، ان جي 4 پٽن محمد قاسم غلام حيدر اعجاز ۽ محمد اسلم ٻبر کان لاتعلقي ڪئي هئي، جنهن بعد اڳوڻا پٽ سعودي عرب هليا ويا، گذريل رات پهرين گهرواري ۽ پٽ اعجاز ٻبر سڀ اڻ نامعلوم ماڻهن ساڻ ڪري منهنجي گهر ۾ داخل ٿي زبردستي منهنجي هٿ ۾ دستاويز ڏئي گهر لکي ڏيڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏيندو رهيو بارڻ عورتن جي دانهن تي پاڙي وارن جي وچ ۾ اچڻ بعد هو واپس هليا ويا، هن چيو ته هن وقت مان ننڍي پٽ رياض ٻبر سان گڏ رهندو آهيان، گهر به 9 مهينا اڳ سندس کي لکي ڏنو آهي، جيڪو منهنجي ڏک سک ۾ گڏ آهي، مون ۽ منهنجي ٻي گهرواري ۽ انهن جي ٻچن کي نقصان رسائڻ جو ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ، پريس ڪانفرنس ڪندڙ پيرسن ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته فوري طور ڌمڪيون ڏيڻ وارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري منهنجي گهر ڀاتين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

دادو نياز ٻبر پنهنجي پٽن جي زيادتين خلاف دانهين رهيو آهي

ڊاڪٽر منير احمد منگريو،فئڪلٽي آف ايگريڪلچرل انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جو ٽن سالن لاءِ ڊين مقرر

ٽنڊوڄام (پ ر)سنڌ زرعي يونيورسٽي جي ڊپارٽمينٽ آف لينڊ اينڊ واٽر مئنيجمينٽ جي پروفيسر ڊاڪٽر منير احمد منگريو کي فئڪلٽي آف ايگريڪلچرل انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جو ايندڙ ٽن سالن لاءِ ڊين مقرر ڪيو ويو آهي يونيورسٽي جي ترجمان موجب، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ زرعي يونيورسٽي، ٽنڊوڄام جي 1977 جي ايڪٽ تحت ڊاڪٽر منير احمد منگريو جي تقرري جي منظوري ڏني، ۽ سنڌ حڪومت جي يونيورسٽيز اينڊ بورڊز ڊپارٽمينٽ پاران باقاعده نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي مقرر ٿيل ڊين ڊاڪٽر منير احمد، وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي، ان موقعي تي وائيس چانسلر ڪيس مبارڪباد

ڏني ۽ سندس علمي ۽ انتظامي خدمتن کي ساراهيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هو فئڪلٽي جي ترقي ۽ تعليم جي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻائيندو ان موقعي تي ڊين فئڪلٽي آف اينمل هسبنڊري اينڊ ويٽرنري سائنسز ڊاڪٽر سيد غياث الدين شاهه راشدي، رجسٽرار غلام محي الدين قريشي، ڊائريڪٽر فنانس سيد فدا حسين شاهه ۽ ڊاڪٽر آر بي وسطرو پڻ موجود هئا

مورو ويجهو شادي شده عورت پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

مسمات خالده زال پوپٽ ابڙو گهرو پريشانين کان تنگ اچي خودڪشي ڪئي

نياڻي پريشاني کان تنگ اچي خودڪشي ڪئي،اولاد نه ٿي رهيو هو:امير بخش ابڙو

اها خودڪشيءَ آهي يا قتل آهي،واقعي جا تفصيل وٺي رهيا آهيون: ايس ايڇ او

مورو خودڪشي ڪندڙ عورت جو لاش پيل آهي

مورو(ن ع)مورو ويجهو ڳوٺ قتال شاهه ۾ گهرو پريشانين کان تنگ اچي شادي شده عورت مسمات خالده زال پوپٽ ابڙو ڪمري ۾ پاڻ کي بند ڪري پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي جنهن جي اطلاع تي درس پوليس ايس ايڇ او امتياز کهاوڙ واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي ڪڍائي مورو اسپتال آندو جتي عورت جي لاش جون قانوني گهرجون پوريون ڪيون پيون وڃن ان موقعي تي وارث پيءَ امير بخش ابڙو ٻڌايو ته نياڻي گهرو پريشاني کان تنگ اچي خودڪشيءَ ڪئي آهي سندس اولاد نه ٿي رهيو هو جنهن تي هن اهڙو قدم کنيو آهي جڏهن ته عورت کي مڙس پوپٽ ابڙو ٻڌايو ته گهر واريءَ کي اولاد نه ٿي رهيو هو جنهن تي هن پاڻ ڪمري اندر پاڻ کي بند ڪري خودڪشيءَ ڪئي آهي ايس ايڇ او درس امتياز کهاوڙ جو چوڻ آهي ته واقعي جا تفصيل وٺي رهيا آهيون ته اها خودڪشيءَ آهي يا قتل آهي شروعاتي رپورٽ وارثن طرفان خودڪشيءَ ظاهر ڪئي پئي وڃي

راضيديرو شهر جي رهواسين ڪوري برادري پريس ڪلب تي پهچي وئي

سليمان ۽ ٻيا زمين تي ڏاڍ مڙسي ڪري سالن کان قبضو ڪيون ويٺا آهن:غلام ڪبريٰ

قبضو هٽرائي ڏنو وڃي پراسان جي دانهن کي ڪير به ورنائي نه پيو:علي زمان ڪوري



راضيديرو زمين تي قبضي خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪندي

راضيديرو(ن ع)راضيديرو شهر جي رهواسين ڪوري برادري جو پنهنجي ئي برادري جي مبينه ڏاڍاين ۽ ظلمن خلاف دانهن ڪٺي پريس ڪلب تي پهچي ويا،احتجاج نوٽ ڪرايو،احتجاج جي اڳواڻي متاثر عورت غلام ڪبريٰ ڪوري ڌيءُ وڏيرو مرحوم محمد سومر ڪوري ۽ سندس جو ڀائيٽيو علي زمان ڪوري پٽ مرحوم لطف علي ڪوري ڪري رهيا هئا انهن پنهنجيون دانهون ڪيون ته اسان جي زمين تي محمد سليمان ڪوري پٽ مرحوم محمد صالح ڪوري رياض حسين ڪوري،غلام سرور ڪوري،اشفاق علي ڪوري،اياز علي عرف خليفو ڪوري ۽ وزير علي ڪوري سڀ پٽ مرحوم غلام عمر ڪوريءَ وارا اسان جي زمين تي ڏاڍ مڙسي ڪري سالن کان قبضو ڪيون ويٺا آهن ۽ اسان جي اباڻڪي زمين انهن جي قبضي هيٺ آيل آهي جنهن جون دانهون اسان ڳوٺ وارن سميت علائقي جي نيڪ مردن،امين پيرن چڱن مڙن معزز ماڻهن ۽ ڪوري برادريءَ جي معتبر شخصيتن کي ڏنيون آهن ته زمين تان قبضو هٽرائي ڏنو وڃي پر اسان جي دانهن کي ڪير به ورنائي نه پيو جيڪڏهن ڪنهن به چڱن مڙن ماڻهن مٿي جاٺايل ماڻهن کي حق سچ چيو آهي ته انهن کي به چپ ڪري ويهڻ جو چٺي واپس ڪري ٿا ڇڏين،اسان هن وقت ڦاڪاڪشي ڪرڻ تي مجبور ٿي چڪا آهيون اسان وٽ ٻيو ڪوبه الله ڪانسواءِ سهارو ناهي بچيو ويتر مونکي ۽ منهنجي ڀائيٽين علي زمان ۽ جواد علي کي مارائڻ جون موتمار ڌمڪيون ڏين پيا اهڙو مبينه الزام ڏيندي غلام ڪبريٰ ڪوريءَ چيو ته مان ۽ منهنجي ڀائيٽين جون سڀ واهون بند ٿي ويون هيون تڏهن مجبور ٿي ويا سون جو اچي ڪري پريس ڪلب جو آخري سهارو سمجهي ڪري پنهنجي آواز کي اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ کي بهتر سمجهيو

ياروديرو واسي پنهور برادري جو نيڪ مرد عبدالحميد فوت ٿي ويو

وڳڻ (ن ع)وڳڻ لڳ ياروديرو واسي پنهور برادري جو نيڪ مرد عبدالحميد پنهور 55 سال ڄمار ۾ فوت ٿي ويو وارثن موجب عبدالحميد پنهور گذريل ڪيترن سالن کان وٺي ساهه جي تڪليف ۾ مبتلا هو اڄ صبح جو ساهه ۾ تڪليف وڏي وڃڻ ڪري فوت ٿي ويو

اڳوڻي وڏي وزير لياقت جتوئي عوامي رابطه مهم تيز ڪري ڇڏي

اڄ خميس ڏينهن تاج پمپ دادو ۾ عظيم شان جلسو رکيو ويو

پنهنجي حقن جي خاطر دادو جو عوام وڌ ۾ وڌ شريڪ ٿئي:عاشق زنئور

راڏڻ (ن ع)دادو ضلع ۾ پ پ پ جو اصل حريف جي ڊي اي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻو وزير اعلا سنڌ لياقت جتوئي عوامي رابطه مهم جي سلسلي ۾ اڄ خميس جي ڏينهن منجهند جو ٻارهين بجي تاج پمپ دادو پهچندو تي سندس پرجوش استقبال ڪيو ويندو جتان هو فرمائيندا دادو جي مزاحمتي ۽ جفوجهد جي علامت دادو عوامي فورم جي چيئرمين سردار عاشق علي زنئور دادو ۽ نبي بخش هاليپوٽي ضلعي جي عوام کي اپيل ڪئي آهي ته وڌ ۾ وڌ شريڪ ٿين پنهنجي حقن جي خاطر پنهنجي ٻچن جي مستقبل لاءِ امن امان لاءِ بجلي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀاڻيار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
خميس 29 جنوري 2026ع

حڪومت پاران گل پلازا متاثرن جي زخمن تي مرهم رکڻ جي ڪوشش!

ڪراچي جي گل پلازا واقعي ۾ قيمتي جانين جي ضايع ٿيڻ جو واقعو نه صرف شهر لاءِ پر سڄي سنڌ لاءِ هڪ گهرو صدمو آهي، هڪ اهڙي حادثي جنهن ۾ انساني زندگيءَ جو ڪو مول ناهي. سماج جي شعور کي هڪ وڏو ڌچڪو ڏنو آهي. سنڌ ڪابينا، وڏي افسوس ۽ ڏک جو اظهار ڪندي، فوتين جي وارثن لاءِ في خاندان هڪ ڪروڙ رپيا مالي امداد ۽ متاثر واپارين لاءِ هڪ ڪروڙ رپين تائين بغير وياج قرض ۽ پنج لک رپيا گذر سفر الائونس جي منظوري ڏني. ان انساني بحران کي ٿورو سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٻئي طرف، وڏي وزير جي هدايت تي متاثر واپارين کي ٻن مهينن اندر متبادل واپاري جڳهيون فراهم ڪرڻ جو فيصلو انتظامي ذميواريءَ کي ظاهر ڪري ٿو جڏهن ته ڪابينا جي اجلاس ۾ جاچ ڪاميٽي جي رپورٽ جو جائزو وٺڻ ۽ ذميوارين کي مقرر ڪرڻ لاءِ وزيراعليٰ جي سربراهيءَ ۾ ڪابينا ڪاميٽي جوڙڻ جو عمل انصاف جي حصول لاءِ اهم قدم آهي. پر جڏهن سنڌ اسيمبليءَ ۾ اپوزيشن ۽ حڪومت آمهون سامهون آيا، تڏهن واضح ٿي ويو ته گل پلازا جهڙا واقعا صرف مالي امداد ۽ متبادل انتظام سان حل نٿا ٿي سگهن. اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي جو چوڻ هو ته ڪمشنر ڪراچيءَ تي ٻڌل انڪوائري ڪاميٽي کي نه ٿا مڃون ۽ عدالتي انڪوائري جو مطالبو جاري رکيو. اهڙي راءِ سياسي تڪرار کي اجاگر ڪندي، اهو ثابت ڪري ٿي ته حادثي جي پوري حقيقت کي عوامي اعتماد سان گڏ سامهون آڻڻ لازمي آهي. گهر پاتين متاثرن ۽ واپارين جي ڏک کي گهٽائڻ لاءِ انتظامي قدم اهم آهن. پر ان سان گڏ عدالتي انڪوائري يا آزاد ڪاميٽي ذريعي حقيقت کي سامهون آڻڻ، ذميوارن کي قانون موجب جوابده بڻائڻ ضروري آهي، وڏي وزير جي ڳالهه مطابق ڪابه غفلت نظرانداز نه ڪئي ويندي ۽ ذميوار ثابت ٿيندڙن کي سزا ملندي، اها ڳالهه صحيح آهي ته قانوني عمل ۽ شفاف انڪوائري بغير ڪنهن دٻاءَ جي هلڻ گهرجي.

گل پلازا حادثي کان پوءِ شهر ۾ عمارتن ۾ باهه کان بچاءَ وارن قدمن جو جائزو وٺڻ ۽ فائر آڊٽ کي نافذ ڪرڻ لاءِ اثرائتو نظام تيار ڪرڻ به هڪ اهم قدم آهي. بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي، فائر آفيسرن ۽ اسسٽنٽ ڪمشنرن تي ٻڌل ڪاميٽيون سڄي صوبي ۾ عمارتن جو معائنو ڪن ٿيون. جيڪو مستقبل ۾ اهڙن سانحن کان بچاءَ لاءِ بنياد قائم ڪندو. ساڳئي وقت، سياسي محاذ تي گل پلازا واقعي کي ڪجهه ڌريون سياسي فائدي لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوششون به ڏسڻ ۾ آيون. جنهن سان عوامي اعتماد کي نقصان پهچڻ جو خدشو وڌي ويو متحده ۽ پيپلز پارٽيءَ وچ ۾ سيڪيورٽي ۽ انتظامي ذميوارين جي سلسلي ۾ تڪرار ظاهر ڪري ٿو ته سياسي مخالفتون بحران کي حل ڪرڻ واري رفتار کي گهٽائي رهيون آهن. پر حقيقت اها آهي ته گل پلازا جهڙن واقعن کان صرف سياستدانن ۽ انتظاميا جو عمل يا اپوزيشن جو احتجاج اهم ناهي. اصل ۾ اهم اهو آهي ته سماج ۽ حڪومت گڏجي انساني زندگيءَ جي حفاظت لاءِ مستقل نظام قائم ڪن. انساني زندگيءَ کي محفوظ بڻائڻ، باهه جي انتظام ۽ ايمرجنسي ريسپانس کي بهتر ڪرڻ سان نه صرف مالي ۽ جسماني نقصان گهٽجي سگهن ٿا، پر شهر جو عام ماڻهو به اعتماد سان زندگي گذاري سگهي ٿو.

اهڙي طرح، گل پلازا واقعي جو اثر صرف مرڻ وارن جي خاندانن تائين محدود ناهي. اهو شهر جي واپارين، عام شهري ۽ سماجي شعور لاءِ هڪ وڏو سبق آهي. ڪامياب امداد ۽ متبادل انتظامات هڪ عارضي حل آهن. پر مستحڪم قانون ۽ ضابطن تي عمل ڪرائڻ، ذميوارين کي جوابده بڻائڻ ۽ سياسي اختلافن کي پاسي رکڻ سان ئي اهڙن واقعن کي مستقبل ۾ روڪي سگهجي ٿو سچ پچ، سوال اهو آهي ته ڇا اسان جون سماجي ۽ سياسي ڌريون اڃا به پنهنجا اخلاقي ۽ انتظامي فرض نڀائي سگهنديون؟ ڇا اسان جا ادارا اهڙي معيار تي ڪم ڪري سگهن ٿا جتي انساني زندگيءَ جي حفاظت کي هر حال ۾ ترجيح ڏني وڃي؟ گل پلازا واقعي سان اهو سبق واضح ٿيو آهي ته مالي امداد ۽ سياسي بيان ڪافي نه آهن عمل ضابطا ۽ شفاف انڪوائري ضروري آهي.

ٻارن جي ننڍي عمر ۾ موبائل استعمال تي والدين توجهه ڏين!

ڊاڪٽر رضا چانڊيو

(حصو پهريون)

اڪثر ائين ڏٺو ويو آهي ته اسان وٽ ڇهه پياڪ ٻار جڏهن رُئندو آهي ته والدين کيس ماٺ ڪرائڻ ۽ پرچائڻ لاءِ ڪارٽون يا ڪا وڊيو هلائي ڏئي ڇڏيندا آهن. حالانڪ ان عمر ۾ موبائيل جو استعمال تمام گهڻو نقصانڪار آهي. والدين کي گهرجي ته معصوم ٻارڙن کي موبائيل اسڪرين کان پري رکن. اڄڪلهه سالگره جو تحفو به رانديڪا نه پر اڪثر موبائيل يا ٽيبليٽ جو تحفو ڏنو وڃي ٿو هن افراتفري ۽ ڀڄ ڀڄان جي جهان ۾ زندگي ايتري ته مصروف ۽ ڏکي ٿي وئي آهي جو ڪنهن کي به ڪنهن لاءِ ٽائيم ڪونهي! ايتري تائين جو والدين به پنهنجي ٻارن لاءِ ٽائيم مشڪل سان ڪڍي ٿا سگهن پر پوري توجهه يا ٽائيم ڏئي نٿا سگهن!

ٻار کي پرچائڻ، الله جو ذڪر ڪرڻ، لولي ڏئي سُمهارڻ، رانديڪن سان ريجهائڻ ۽ رات جو دير تائين ديو پرين جون ڪهاڻيون ٻڌائڻ، وارن ۾ آڱرين ڦيرڻ وارو زمانو ڪڏهوڪو گذري چڪو! هاڻ ٻار ٿورو ڪِروڌ ڪري يا روئي ته ٻار کي موبائيل تي ڪارٽون هلائي ڏئي، وري پاڻ به ٻي موبائيل تي پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي وڃڻ وارو دور آهي! ائين ڪرڻ سان معصوم ٻار جي صحت کي جيڪو نقصان رسي ٿو ان جي ڪيس نڪي ڄاڻ آهي نڪي پرواهه! ڪيس خبر تڏهن پوي ٿي، جڏهن سندس ٻار (VIRTUAL AUTISM) ورچوئل آٽزم جو شڪار ٿيو وڃي. والدين کي گذارش آهي ته پنهنجن ٻچڙن لاءِ ٽائيم ڪڍن ۽ خود هيءُ مضمون پڙهي اندازو لڳايو ته ننڍي عمر ۾ سندن ٻارن لاءِ موبائيل ڏسڻ ڪيترو خطرناڪ آهي! ڪٿي سندن ٻار ۾ به ورچوئل آٽزم جون علامتون ته ظاهر ڪونه پيون ٿين؟! ورچوئل

آٽزم (VIRTUAL AUTISM): ورچوئل آٽزم جو اصطلاح اهڙن ٻارن جي حالت يا ڪيفيت لاءِ استعمال ٿيندو آهي جيڪي ٻار گهڻو وقت موبائيل، ٽي وي، ٽيبليٽ جي اسڪرين سامهون رهن ٿا. لاڳيتو ڏسڻ سان اهي ٻار ان جا عادي ٿي وڃن ٿا.

ورچوئل آٽزم جون علامتون: ڳالهائڻ ۾ دير يا ڳالهائڻ کان پاسو ڪرڻ نظر ملائڻ کان لهرائيندو نه ملائيندو، نالو سڏڻ تي ردعمل گهٽ. اڪيلو رهڻ پسند ڪرڻ اسڪرين تي گهڻو ڌيان، اسڪرين کان سواءِ بيچين ٿيڻ ٻين ٻارن سان کيڏڻ ۾ دلچسپي گهٽ، هڪجهڙا رويا (Repetitive Behaviors). ورچوئل آٽزم (VERTUAL AUTISM) ڪنهن به عمر ۾ ٿي سگهي ٿو پر هن جو خطرو عمومن اهڙن ٻارن ۾ ڏسڻ ۾ آيو آهي جيڪي گهڻو وقت اسڪرين جي سامهون رهن ٿا. ورچوئل آٽزم ۾ ٻار هر ڪم بار بار ڪرڻ دلچسپي جو ختم ٿيڻ بار بار فيڊر چڏي ڏيڻ بار بار فون جي گهر ڪرڻ ٿوري ڳالهه تي اچتي ڪاوڙ اوسي پلسي سان ڪو به واسطو نه رکڻ اهڙا ٻار گهڻي دير ويهي پڙهي نه سگهندا آهن ڳالهائڻ ۾ مشڪلات ايتري تائين جو سندن سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت به متاثر ٿي ويندي آهي هر ڳالهه ۾ ضد، پنهنجي مرضي لاءِ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا ته زور زور سان ڳالهائڻ ڪيش ۾ اچي پنهنجي پاڻ کي زخمي به ڪري ڇڏين ٿا معاملو خودڪشي تائين به وڃي پهچي ٿو.

استاد، ميڊم ميته سان جڏهن موبائيل جي گهڻي استعمال ۽ نقصان جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪيم ته پاڻ چوڻ لڳيون ته ٻارن کي پنهنجي طرفان گهڻو ئي سمجهايون ٿا پر نٿا مڃين اڪيلو استاد ڪجهه به نٿو ڪري سگهي اصل ۾ والدين جو قصور آهي اڪثر والدين ان طرف ڌيان ئي ڪونه ٿا ڏين ته ٻارڇا ٿو ڏسي ۽ ڪيترو وقت موبائيل هلائي ٿو؟! اڪثر ٻار سَٽ سَٽ، اٺ اٺ ڪلاڪ موبائيل هلائين ٿا. رات جو دير سان سمهن ٿا. صبح جو جهڙوڪر اڌ ننڊ ۾ هوندا آهن ٻار جيڪي موبائيل ۾ ڏسن ٿا، سو خود اپلائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هڪ ٻار ٻڌايو ته جيڏي مهل امان ڳالهائيندي آهي. ان وقت دل چوندي آهي، امان جي ڳالهائڻ کي فاسٽ ڪري ڇڏيان يا سندس جو آواز گهٽ ڪري ڇڏيان يا اها پوسٽ بليٽ ڪري ڇڏيان! مون کي وڏا ليڪچر به بور ڪندا آهن سمجهه ۾ ناهن ايندا منهنجي رڳو موبائيل هلائڻ لاءِ دل چوي ٿي پيو مون کي ڪجهه نٿو وڻي نڪي گهرجي مان 7 کان 8 ڪلاڪ موبائيل هلائيندي آهيان اچان به مٿي اڪثر ٻار سُتل هوندي بستري ۾ موبائيل هلائين ٿا. جيڪو انتهائي خراب ۽ خطرناڪ عمل آهي والدين کي گهرجي ته رات جو سُمهڻ مهل ٻارن کان موبائيل وٺي پاڻ وٽ رکن.

ورچوئل آٽزم جا ممڪن سبب: ٻه کان پنج سال جي عمر ۾ حد کان وڌيڪ اسڪرين ٽائيم، والدين سان گهٽ ڳالهه ٻولهه، حقيقي سماجي رابطي جي کوٽ ۽ اڪيلي ۾ براڻيس جو استعمال ڪرڻ

امريڪن اڪيڊمي آف پيڊيٽرڪس (AAP) Amrican academy of pediatrics جون سفارشون: شروعاتي 18 مهينن جي عمر تائين وارن ٻارن لاءِ

1) 0-18 مهينا اسڪرين نه ڏسڻ گهرجي سواءِ ... Vidio chat مثال skype، zoom تان ڪٽنب سان ڳالهه ٻولهه.

2) 18-24 مهينا: صرف اعليٰ معيار جو تعليمي مواد ۽ والدين سان گڏ ڏسڻ گهرجي.

سون جي قيمت، تاريخ جو سفر..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

پاڪستان ۾ هن وقت سون جي قيمت پنج لک ٽيهه هزار رپين کان به مٿي پهچڻ جون خبرون سامهون اچڻ بعد هر ماڻهو حيران ٿي ويو آهي. عام طور ڏنو وڃي ته عالمي وبا ڪورونا کانپوءِ سون جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ ٿيندي رهي آهي، پر هن پيري قيمتن ۾ جنهن تيزيءَ سان ۽ جنهن حد تائين اضافو ٿيو آهي، ان ڪيترن ئي سوالن کي جنم ڏنو آهي. سڀ کان اهم سوال اهو آهي ته ڇا سون جي قيمت وڌڻ جو سبب عالمي حالتون آهن يا وري اسان جي ملڪ جي ڪمزور ۽ بگڙيل معيشت؟ ڇا ماڻهن جو ڪاغذي ڪرنسي، يعني نوٽن ۽ بئنڪن تي اعتماد گهٽجي ويو آهي ۽ ڇا هاڻي ماڻهو پنهنجو پئسو محفوظ رکڻ لاءِ سون ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ کي وڌيڪ محفوظ سمجهي رهيا آهن؟ اهي سڀ سوال هن وقت عام ماڻهن جي ذهنن ۾ گردش ڪري رهيا آهن. ڇا سون جي تمام گهڻي طلب سون جي قيمت کي پر لڳائي ڇڏيا آهن؟ منهنجي خيال ۾ تاريخي طور سون هميشه کان هڪ اهڙي ناياب ۽ قيمتي ڌاتو رهيو آهي، جنهن جي اهميت صرف دولت جي علامت هجڻ سبب ناهي، پر ان جي ثقافتي، مذهبي ۽ سماجي حيثيت به تمام وڏي رهي آهي. قديم زماني کان وٺي انسان جي ڪوشش ۽ جستجو جو مرڪز اِهو رهيو آهي ته سون جا ذخيرا ڪيئن هٿ ڪجن، سون جون کاڻيون ڪيئن ڳوليون وڃن ۽ ڪيميائي عملن وسيلي سون تيار ڪرڻ جا طريقا ڪهڙا هجن. مختلف دورن جي حڪمرانن لاءِ به پنهنجي شان، شوڪت ۽ طاقت کي برقرار رکڻ ۾ شاهوڪاري خزاني ۾ سون جي موجودگي بنيادي حيثيت رکندي رهي آهي.

اڄ جنهن خطي ۾ اسين رهون ٿا، ان کي ڪنهن زماني ۾ ’سون جي جهرڪي‘ چيو ويندو هو. ان وقت هندستان مختلف راجواڙن ۾ ورهايل هو ۽ هر رياست جو راجا پنهنجي علائقي جي مندرن کي وڏي مقدار ۾ سون عطيو ڪندو هو. رڳو راجا ئي نه، پر عام ماڻهو، يعني پرجا به، پنهنجي عقيدت موجب مندرن ۾ سون جا چڙهاوا پيش ڪندا هئا. ان دور ۾ پوڄا لاءِ رکيل مورتيون سون جي ٿهه سان ڍڪيل هونديون هيون، سون جا وڏا تخت ۽ تاج، قيمتي زيور ۽ هار، مندرن جا سنهرا گنبذ، دروازا ۽ سُتون سون سان سينگاريل هوندا هئا. نذرانا، چڙهاوا، سون جا سِڪا ۽ سون جا برتن عام ڳالهه سمجهيا ويندا هئا. هن حوالي سان بحيره عرب جي ڪناري تي واقع گجرات جو سومنات مندر پنهنجي بي پناهه دولت سبب تمام گهڻو مشهور هو. هن عظيم الشان مندر ۾ صدين کان وڏي مقدار ۾ سون جا خزانا گڏ ٿيندا رهيا هئا. پر اڄ کان لڳ ڀڳ هڪ هزار سال اڳ، جنوري 1026ع ۾، جڏهن پاڙيسري علائقي جي هڪ حڪمران حملو ڪيو ته اندروني انتشار، سياسي ڪمزوري ۽ ناڪافي دفاع سبب سومنات مندر ۾ موجود سون جا وسيع خزانا فاتح حڪمران جي هٿ اچي ويا ۽ سندس خزاني جو حصو بڻجي ويا. اڄ به ڏکڻ هندستان ۾، خاص طور تامل ناڊو، ڪيرالا ۽ آنڌرا پرديش ۾ اهڙا ڪيترائي مندر موجود آهن، جتي سون سان سينگاريل مورتيون ۽ وڏي مقدار ۾ خزاني جا ثبوت ملن ٿا. مغل دور حڪومت ۾ هندستان ۾ سون جي گهڻائي اهڙي هئي، جو ٻاهرين دنيا لاءِ اها هڪ مثال بڻيل هئي. ان زماني ۾ بادشاهن کي سون ۾ توري، اهو سون غريبن ۾ ورهايو ويندو هو. شادي ۽ ٻين خوشين جي موقعن تي سون جو استعمال سماج ۾ بلڪل عام ڳالهه هئي. جڏهن هندستان ۾ انگريز سامراج آيو، تڏهن سون ۽ چاندي جا سڪا هلندڙ هئا ۽ دولت جو بنياد حقيقي ڌاتن تي قائم هو. پر جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپني پنهنجو اقتدار مضبوط ڪيو، تڏهن ڪاغذي نوٽ متعارف ڪرايا ويا. مقامي هارين، مزدورن، واپارين ۽ نوڪري پيشه ماڻهن کي سندن محنت جو معاوضو هاڻي ڪاغذي نوٽن جي صورت ۾ ملڻ لڳو، جڏهن ته اصل سون حڪومت جي ڪنٽرول ۾ اچي آهستي آهستي انگلينڊ منتقل ٿيندو رهيو. هندستاني ماڻهن کي اها خاطري ڪرائي وئي ته اهي ڪاغذ جا ٽڪرا سون جي برابر اهميت رکن ٿا ۽ حڪومت انهن کي طلب ڪرڻ تي سون ڏيڻ جي پابند هوندي، پر عملي طور اهڙو واعدو ڪڏهن به پورو نه ٿي سگهيو.

چيو ويندو آهي ته جڏهن انگريز هندستان آيو هو، تڏهن هتي هر پاسي سون موجود هو پر ڪاغذي نوٽ نه هئا ۽ جڏهن انگريز هتان ويو هليو، تڏهن ڪاغذي نوٽ ته رهجي ويا پر سون ڪٿي به نظر نه آيو. پاڪستان جي قيام وقت سون جي قيمت لڳ ڀڳ 57 کان 60 رپيا في تولو هئي ۽ سون عام ماڻهوءَ جي پهچ ۾ هوندو هو. اوهر پاڪستان جي الڳ ٿيڻ کان اڳ، يعني 1970ع تائين، سون جي قيمت وڌي 180 رپيا في تولو ٿي وئي، پر ان کانپوءِ ايندڙ سالن ۾ سون جا اگهه اهڙي تيزيءَ سان وڌڻ لڳا، جو 1980ع تائين سون به هزار رپيا في تولو تائين پهچي ويو. نئين صدي جي شروعات تي پاڪستان ۾ سون جي قيمت لڳ ڀڳ 8 هزار رپيا في تولو هئي، جيڪا 2020ع ۾ عالمي وبا ڪورونا ڦهلجڻ تائين وڌي هڪ لک رپيا في تولو ٿي چڪي هئي، اڄ، ڪورونا کي ڇهه سال گذرڻ کانپوءِ، سون جي قيمت ساڍا پنج لک رپيا في تولو جي حد به پار ڪري چڪي آهي ۽ وڌيڪ وڌڻ لاءِ تيار نظر اچي رهي آهي. اهڙي طرح آزاديءَ کان وٺي 1947ع کان اڄ تائين پاڪستان ۾ سون جي قيمت ۾ لڳ ڀڳ 6,500 ڀيرا کان وڌيڪ اضافو ٿي چڪو آهي. پر سون جي قيمتن ۾ هي حيرتناڪ واڌ صرف پاڪستان تائين محدود ناهي، پر هن وقت عالمي مارڪيٽ ۾ به سون جي قيمت پنج هزار ٻه سئو ڊالر في اونس کان مٿي وڃي پهتي آهي. پاڪستاني ڪرنسي جي موجوده متاسنا شرح موجب، في تولو سون جي عالمي قيمت لڳ ڀڳ ساڍا 19 سئو ڊالرن جي برابر بڻجي ٿي، جنهن سبب پاڪستان ۾ سون جي قيمت ساڍا پنج لک رپيا في تولو کان به وڌيڪ وڃڻ جا امڪان ظاهر ڪيا پيا وڃن. ساڳئي وقت متحده عرب امارات، ڀارت، ٿائي لينڊ سميت ڪيترن ئي ملڪن مان به سون جي اگهن ۾ لاٽ چاڙهه جون خبرون سامهون اچي رهيون آهن. تاريخ جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته جڏهن به ڪنهن ملڪ جي معيشت غير مستحڪم ٿئي ٿي يا عالمي حالتون ڇڪتاڻ جو شڪار ٿين ٿيون ته سون جي قيمت وڌڻ لڳي ٿي. اهڙين حالتن ۾ ماڻهو ڪاغذي ڪرنسي تي اعتماد وڃائي ويهندا آهن، جنهن سبب سون خريد ڪرڻ ۾ تيزي اچي ٿي ۽ پوءِ وڌندڙ طلب سون جي اگهن ۾ وڌيڪ اضافي جو ڪارڻ بڻجي ٿي. تاريخ اسان کي اهو سبق به ڏئي ٿي ته پهرين قديم رياستون هجن يا جديد عالمي معيشت، سون جي قيمتن ۾ ٿيندڙ تبديليون اصل ۾ امن ۽ استحڪام جي عڪاسي ڪنديون آهن. منهنجي خيال ۾ عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت تي سڀ کان گهڻو اثر وجهندڙ عنصر عالمي ڇڪتاڻ، علائقائي جنگيون ۽ سرحدي تڪرار آهن. ستر واري ڏهاڪي ۾ تيل جو عالمي بحران هجي، نئين صدي جي شروعات ۾ دهشتگردي خلاف عالمي جنگ هجي، 2020ع ۾ ڪورونا وبا هجي يا اڄڪلهه عالمي منظرنامي تي تيزيءَ سان بدلجندڙ غير يقيني حالتون، اهي سڀ عنصر سون جي قيمتن ۾ واڌ جو سبب بڻيا آهن. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سڄي دنيا جا امن پسند حلقا اڳتي وڌن ۽ عالمي تڪرارن جي ڏکي مدي وارن حلن لاءِ پنهنجو ڀرپور ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪن.

> **تاريخ اسان کي اهو سبق به ڏئي ٿي ته پهرين قديم رياستون هجن يا جديد عالمي معيشت، سون جي قيمتن ۾ ٿيندڙ تبديليون اصل ۾ امن ۽ استحڪام جي عڪاسي ڪنديون آهن منهنجي خيال ۾ عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت تي سڀ کان گهڻو اثر وجهندڙ عنصر عالمي ڇڪتاڻ علائقائي جنگيون ۽ سرحدي تڪرار آهن. ستر واري ڏهاڪي ۾ تيل جو عالمي بحران هجي، نئين صدي جي شروعات ۾ دهشتگردي خلاف عالمي جنگ هجي، 2020ع ۾ ڪورونا وبا هجي يا اڄڪلهه عالمي منظرنامي تي تيزيءَ سان بدلجندڙ غير يقيني حالتون اهي سڀ عنصر سون جي قيمتن ۾ واڌ جو سبب بڻيا آهن. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سڄي دنيا جا امن پسند حلقا اڳتي وڌن ۽ عالمي تڪرارن جي ڏکي مدي وارن حلن لاءِ پنهنجو ڀرپور ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪن.**

وڌندڙ مهانگائي ۽ پريشان مزدور طبقو!


قاسم خاصخيلي

جڏهن ڪنهن عام ماڻهوءَ کي پئسو، منصب اقتدار يا ڪو عهدو ملي ويندو آهي ته هو جيڪڏهن چريو هوندو آهي، تڏهن به سياڻو ٿي ويندو آهي پر پوءِ سياڻپ جون وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري ٻين کي منجهائي پاڻ کي مٿيرو ڏيکاريندو يا ائين ڪٿي چئجي ته پنهنجي غلطين کي خوبصورت لفظن جي چار ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي. هن ملڪ ۾ به مهانگائي هڪ سال ۾ سئو سئو سيڪڙو وڌي ٿي وڃي پر ملڪ جي اعليٰ ايوانن ۾ ويٺل حڪمران طبقو سدائين عوام کي ڪوڙو ڪري مهانگائي ڪجهه سيڪڙو وڌڻ جون دعوائون ڪري ٿو ائين هو به پنهنجي جان آجي ڪرايو وڃن پر خبر نه وري به عوام کي آهي، جيڪا رات ڏينهن ان مهانگائيءَ سان پوڳي رهي آهي.

سو هنن حڪمرانن کي ڪهڙو مٿي جو سور آهي؟ هنن جو اسان جي پوڳڻ ۽ تڙپڻ سان ڇا وڃي ۽ چو هنن کي اسان جي ڳالهه تي اعتبار ايندو، چو ته هنن کي سرڪاري خزاني مان اربين روپين جو آسائشون فريءَ ۾ ملي رهيون آهن، انهن کي ڪهڙي خبر ته مهانگائي ڪيتري وڌي وئي آهي؟ هتي رڳو پوڳي ته ويچارو مسڪين مزدور طبقو ۽ مظلوم عوام ٿو.

مهانگائيءَ جي ڳالهه تي ياد آيو ته ڪجهه وقت اڳ جڏهن ٿوري به مهانگائي وڌندي هئي ته اليڪٽرڪ ميڊيا کان ويندي هر طرف شور پئجي ويندو هو ته ڦلاڻي شيءِ جي قيمت هيتري وڌي وئي آهي ۽ مهانگائي عروج تي پهچي وئي، مهانگائيءَ جو جن بوتل مان نڪري آيو آهي وغيره وغيره جهڙا بيان ٻڌڻ ۾ ايندا رهندا هئا. ان سان عوام جي دلين تي ڪو ڇنڊو پوندو هو ته ها يار اسان جو به ڪو آواز اٿارڻ وارو آهي، هن ظُلم تي اسان لاءِ به ڪو ڳالهائي رهيو آهي پر هاڻ ته حيرتناڪ حد تائين مهانگائي اڳتي ۽ تمام گهڻو اڳتي وڌي رهي آهي پر ان کان وڌيڪ افسوس يا حيرت ان ڳالهه تي ٿئي ٿي جو ان وڌندڙ ناجائزيءَ تي ڪير به آواز اٿارڻ وارو ناهي، اڳي جيڪا ميڊيا ٿوري ٿوري ڳالهه تي بريڪنگ نيوز ڏيندي ڪانه ٿڪبي هئي، ان به ماٺ اختيار ڪري ڇڏي آهي جو گذريل سال جولاءِ کان وٺي هن سال جي جنوري مهيني تائين صرف ستن مهينن ۾ بنا سبب اٽو، گيهه داليون، کنڊ ٻين ڪاڌي پيتي جي شين سميت دوائن، اليڪٽرونڪ سامان، ڪاسميٽڪ، پلاسٽڪ، لوهه، سون، زرعي سامان، ڪپڙن، مطلب ته زندگيءَ جي هر شعبي سان سلهاڙيل شين جا اگهه ٻيڻا ٽيڻا ٿي ويا آهن پر ڪٿان به ڪو مظلوم قوم جو آواز اٿارڻ وارو نظر نٿو اچي. جيڪو هن بي وس ماڻهن جو آواز ايوانن تائين پهچائي ۽ انهن کي ٻڌائي ته حڪمرانو! اوهان پنهنجي اقتدار کي ۽ پنهنجو پاڻ کي بچائڻ لاءِ روز نوان قانون ناهي من مستيون ڪرڻ ۾ پورا آهيو پر جنهن قوم جي خدمت ڪرڻ جو اوهان حلف کنيو آهي، ان جو ڀرم رکڻ لاءِ بجاءِ اوهان سڀ ملي ڪري قوم جون تڪليفون گهٽائڻ بجاءِ پاڻ کي سکيو رکڻ کي ترجيح ڏئي، پنهنجي ئي ڪنيل حلف سان انحرافي ڪري رهيا آهيو ان جو جلد کان جلد ازالو ڪرڻ جو سوچيو، تنهن ڪري خدارا وڌندڙ روز جي مهانگائيءَ واري هن مسئلي طرف ڌيان ڏئي قوم کي ان عذاب مان نجات ڏيارڻ ۾ ڪو ڪردار ادا ڪريو ته جيئن هتان جو پورهيت ۽ عام طبقو سک سان زندگيءَ جون ڪي چار گهڙيون رهي زندگي گذاري سگهي، باقي مجيندا نه ته پوءِ پلا ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ حڪمرانن جي اگر اها روش ۽ بي ڌياني رهي ته هي مزدور پورهيت ۽ ملڪ جا بي وس ماڻهو به جيستائين جيئرا هوندا، تيستائين چورن وانگر چُپ چاپ، لِڪ چُپ ۾ اڳتي وڌندڙ مهانگائيءَ کي پيا پوڳيندا رهندا.

qasimkhaskheli97@gmail.com

18هين ترميم اتحادين جي زد ۾!

سلمان غني

ڪراچيءَ ۾ گل پلازه سانحو ۽ ان جي نتيجي ۾ ٿيڻ واري جاني ۽ مالي نقصان جتي سڄي ملڪ ۾ تشويش جي لهر ڊوڙائي ڇڏي آهي ملڪ جي موجوده نظام جي اڳيان به وڏو سواليا نشان لڳائي ڇڏيو آهي ته اهڙا واقعا ڇو ٿا ٿين؟ لاڳاپيل اداري عمارتن جي تعمير جي حوالي سان پنهنجون ذميواريون ادا ڇو نه ڪيون؟ ايڏي وڏي سانحي تي ذميوارن جو تعين ڇو نٿو ٿئي؟ اعليٰ عملدار ۽ حڪومتي ذميوار جوابده ڇو نٿا ٿين؟ گل پلازه سانحي تي ملڪ ۾ هڪ نئين صورتحال جنم ورتو آهي، خاص طور تي قومي اسيمبليءَ ۾ پيدا ٿيل صورتحال حڪومتي اتحادين کي به امتحان ۾ وجهي ڇڏيو آهي، جڏهن ايوان ۾ 18هين ترميم جي حوالي سان تحفظ سامهون آندا ويا ۽ حڪومتي ذميوار توڙي اتحادي هڪ ٻئي کي ڏسندي نظر آيا. جن جو چوڻ هو ته جيڪڏهن اختيارن جي ورهاست هيٺين سطح تائين هجي ها ۽ شهرين جي ڀلائيءَ وارن ادارن کي بااختيار بڻايو وڃي ها ته اهڙا سانحا نه ٿين ٿا. خواجه محمد آصف جي ان بيان ٻرنديءَ تي تيل هارڻ جو ڪم ڪيو، جنهن ۾ هُن 18هين ترميم کي ڊکوسلا قرار ڏنو ۽ چيو ته 25 ڪروڙ عوام کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ملڪ ۾ فعال مقامي حڪومتون اٿتر آهن. آمريت جي دور ۾ به مقامي حڪومتون قائم رهيون پر هينئر ائين چو نه آهي؟ ايم ڪيو ايم جي ڊاڪٽر فاروق ستار گل پلازه سانحي کي قومي سانحو قرار ڏيندي چيو ته وفاق ۽ صوبائي حڪومت آخر ڪيستائين ڪراچيءَ کي ترجيح ڏيندا هُن نوان انتظامي يونٽ بڻائڻ جو مطالبو به ڪيو. پيپلز پارٽيءَ جي ذميوارن قادر پٽيل ۽ شهلا رضا انهن اختلافن جي جواب ۾ چيو ته هڪ سانحي کي جواز بڻائيندي معاملو 18هين ترميم تائين پهچي ويو آهي. اسان به سمجهون ٿا ته بلدياتي ادارا هئڻ گهرجن پر اِها دل جي باهه ڪڍڻ جو ڪهڙو موقعو آهي؟ جاڳايل صورتحال مان هڪ ڳالهه ته ظاهر ٿي رهي آهي ته 18هين ترميم جي حوالي سان حڪمران پارٽيءَ کي تحفظات آهن ۽ آهي بدلجندڙ حالتن ۾ ان ۾ وڌيڪ ترميم ڪندي اڳيان وڌڻ جي خواهشمند آهي، جڏهن ته پيپلز پارٽي ڪنهن به قيمت تي 18هين ترميم تي ڪجهه ڏيڻ جي لاءِ تيار نه آهي ۽ ان حوالي سان هُن حڪومت تي دٻاءُ وجهڻ جو سلسلو شروع ڪري رکيو آهي.

پيپلز پارٽيءَ جي طرفان خواجه آصف جي 18هين ترميم جي حوالي سان بيان جي واپسيءَ تي به زور ڏنو ويو پر حڪومت ان کي خواجه آصف جو ذاتي بيان قرار ڏنو آهي پر ڇا اصل معاملو ائين ئي آهي؟ حالتون ان جي تصديق نه پيون ڪن، باخبر حلقا ته 18هين ترميم تي ٿيڻ واري تنقيد کي مجوزه 28هين آئيني ترميم جو پيش خيمو قرار ڏئي رهيا آهن. انهن جو چوڻ آهي ته وفاق وڌيڪ دٻاءَ جو متحمل نٿو ٿي سگهي، ان لاءِ اين ايف سيءَ ۾ ترميم، نون صوبن جي جوڙجڪ ۽ بامقصد بلدياتي سسٽم جي لاءِ اڳيان وڌڻو پوندو. جنهن لاءِ قانون سازي ٿيڻ اٽتر آهي. 18هين ترميم جي نتيجي ۾ جهڙي طرح صوبن کي اختيار مليا هئا، اهڙي طرح هن ترميم ۾ اختيارءَ وسيلا هيٺين سطح تائين منتقليءَ جي ڳالهه به ڪئي وئي هئي پر صوبائي حڪومتن مقامي حڪومتن جي نظام کان صرف نظر ڪيو ۽ سڀ ڪجهه پنهنجي پاڻ وٽ رکيو سيئي سياسي پارٽيون پنهنجي منظور ۾ مضبوط بلدياتي نظام ۽ مقامي حڪومتن جي نمائندن کي اختيارن جي منتقليءَ جو يقين ته ڏيارين ٿيون پر جڏهن حڪومت ۾ اينديون آهن ته بلدياتي چونڊن کان پاسيريون نظر اينديون آهن ۽ پنهنجن اختيارن ۽ وسيلن جي وڌيڪ ورهاست جي لاءِ به تيار ناهن هونديون. صوبا 18هين ترميم تحت اختيار ته وٺي ويا پر آهي اداراجاتي طور تي ان جي لاءِ تيار نه هئا، جنهن ڪري تعليم، صحت ۽ ٻيا سماجي شعبا اَبتريءَ جو شڪار ٿي چُڪا آهن ۽ مرڪز جي مالي گنجائش وڌيڪ گهٽ ٿي وئي آهي. صوبن کي اختيار ۽ وسيلن جي منتقليءَ کان پوءِ تسلسل سان گڏ مقامي حڪومتن جو قيام عمل ۾ ڇو نه آندو ويو، ان حوالي سان هر سياسي پارٽي ۽ ان جي قيادت جو موقف مختلف آهي پر هاڻ ان حوالي سان اسٽيٽس برقرار رهندي نظر نه پيو اچي، ان لاءِ ته وفاق جي لاءِ قرضن تي وياج جي ادائگيءَ سميت ڪيترائي مالي معاملا پريشان ڪندڙ ٿيندا پيا وڃن.

ٻئي طرف ملڪ ۾ نوان صوبا ناهڻ تي به بحث ٿي رهيو آهي ۽ اطلاع آهن ته ان تي سنجيدگيءَ سان ڪم ٿي رهيو آهي. ظاهر ۾ ته پيپلز پارٽي 18هين ترميم وانگر نون صوبن جي قيام جي حوالي سان به پنهنجي ضد تي قائم آهي، بلڪ اها سنڌ جي بدران پنجاب جي تقسيم جي خواهشمند آهي ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته دنيا ۾ گورننس کي بهتر بڻائڻ ۽ عوام الناس کي بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ اختيارن جي تقسيم جي لاءِ نئيا انتظامي يونٽس جوڙيا ويندا آهن ۽ ڪو ملڪ اهڙو نه آهي، جنهن ۾ وقت سان گڏ صوبن جي تعداد ۾ اضافو ناهي ٿيو تنهن ڪري اِهو سوال آهي ته پنهنجي ملڪ ۾ ائين ڇو ممڪن نٿو ٿي سگهي؟ جڏهن ته نون صوبن جي بنياد به سياسي، لساني يا علائقائي حيثيت بدران انتظامي معاملن کي قرار ڏنو پيو وڃي. ايندڙ وقت ۾ ان معاملي تي ڪهڙي پيشرفت ٿيندي، ان تي غور ۽ فڪر جاري آهي. سياسي پارٽيون نوان صوبا ناهڻ جي عمل ۾ پيشرفت جي لاءِ تيار ٿين ٿيون يا ان ۾ رُڪاوٽ بڻجن ٿيون. اِهو ڏسڻ لاءِ اڃا وڌيڪ انتظار ڪرڻو پوندو. سياسي ماهرن جو چوڻ آهي ته جنهن تيزيءَ سان اِهو عمل اڳيان وڌي رهيو آهي، جڏهن ان تي ڪو حتمي فيصلو سامهون ايندو ته سياسي پارٽيون ان کي روڪڻ جي پوزيشن ۾ نه هونديون، ڇو ته اِهو عمل ڪنهن هڪ صوبي تائين محدود نه آهي؟ جيتني صوبن تائين وسيع هوندو. جيستائين بلدياتي نظام جي فعاليت جو سوال آهي ته مجوزه ترميم ۾ بلدياتي چونڊن کي آئيني تحفظ ڏيڻ جي تجويز به موجود آهي ته جيئن ملڪ جي اندر جمهوريت جي تسلسل لاءِ صرف وفاقي ۽ صوبائي اسيمبليون ئي وجود ۾ نه اچن بلڪ مقامي حڪومتن جو قيام به عمل ۾ آندو وڃي ته جيئن جمهوري نظام وڌيڪ مضبوط ٿئي ۽ مقامي حڪومتون پنهنجي بنيادي ذميواريون ادا ڪندي شهرن ۽ ٻهراڙيءَ جا مسئلا حل ڪري سگهن. سياسي پارٽيون ۽ ان جي قيادت نه چاهيندي به ان جي مخالفت جي پوزيشن ۾ نه هونديون، ڇو ته سڄي دنيا ۾ جتي مضبوط جمهوري حڪومتون ڪم ڪري رهيون آهن، اتي ان جي بنياد بااختيار مقامي حڪومتون آهن، جنهن جي چونڊن جو تسلسل هميشه قائم رهندو آهي. ڀارت ۾ به بلدياتي چونڊن کي آئيني تحفظ حاصل آهي هاڻ ته اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان به مقامي حڪومتن جي قيام جي حوالي سان وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کي تجويزون ڏئي رهيو آهي. ان لاءِ بلدياتي چونڊن ٿيڻ ۾ هاڻ ڪو مسئلو نه هئڻ گهرجي. جيستائين اين ايف سيءَ ۾ ترميم جو سوال آهي ته ان حوالي سان پيپلز پارٽي پنهنجي حصي تي ڪمپرومائيز نه ڪرڻ جو اشارو ڏئي چُڪي آهي، بلڪ پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ته صوبن جي لاءِ وڌيڪ وسيلن جو مطالبو ڪندي نظر اچي رهيو آهي ته جيئن پنهنجي حصي تي ڪنهن امڪاني ڪٽ کان بچي سگهجي. پر بدلجندڙ علائقائي صورتحال ۽ عالمي سطح تي پيدا ٿيل رجحانن جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن صوبا پنهنجي وسيلن تي ڪمپرومائيز ڪرڻ جي لاءِ تيار نٿا ٿين ته پوءِ انهن کي وفاق جو ڪجهه بار ضرور کڻڻو پوندو. ڪجهه خرچ، جيڪي وفاق جي لاءِ کڻڻ ممڪن نه آهن. ان ۾ صوبن کي وفاق جو ساٿ ڏيڻو پوندو. ان صورتحال ۾ چئي سگهجي ٿو ته ممڪنه طور تي ايندڙ ڏينهن ۾ 28هين آئيني ترميم به اهڙي طرح منظور ٿي ويندي، جهڙي طرح 26هين ۽ 27هين ترميمون منظور ٿيون، جن تي سياسي پارٽين تحفظات جي باوجود ملڪ جي وسيع تر مفاد ۾ سَر تسليم خم ڪري ورتو. سياسي پارٽين کي 18هين ترميم تي ڪمپرومائيز ۽ 28هين ترميم جي منظوريءَ جي لاءِ نه چاهيندي به پيشرفت يقيني بڻائڻي پوندي.

لطيفي لات ـــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

لڳـــي اُتَــرَ اوهِـريــا، واهُــونــدي وَرَنِ،
آئـون گـهـڻـو ئـِي گـهـورِيـان، سـوُڌو سـامُـونـدِيَـنِ؛
اَڱَـڻِ جـن اَچَـنِ عـِيـدَ وَرتِـي اُنِ کـي.

ـــــ (سُر سامونڊي)

اڄوڪو ڏينهن ـ 29 جنوري

ڪمل پياسي



سنڌي ٻوليءَ جي هن برک اديب ۽ شاعر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1929ع ۾ سنڌ جي شهر جيڪب آباد ۾ ٿيو. هن فشريز سائنس ۾ ايم ايس سي جي سند حاصل ڪئي ۽ گجرات جي فشريز ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ڪري ڊپٽي ڊائريڪٽر طور رٽائر ٿيو هن مهان ليکڪ لڳ ڀڳ 62 ڪتاب لکيا، جن ۾ ناول، ڪهاڻيون، شاعري، ٻارڙن لاءِ ڪهاڻيون ۽ ترجما وغيره شامل آهن.

درد علي حسن مري

درد علي حسن مري نواب شاهه (موجوده شهيد بينظيرآباد) ضلعي جو مشهور شاعر هو هِن جو جنم 29 جنوري 1941ع تي ڳوٺ علي حسن مري تعلقي سڪرنڊ ۾ ٿيو هن قرآن شريف ۽ ٿوري گهڻي سنڌي پڙهي هئي ۽ پنهنجي ئر جو چڱو زميندار هو 1960ع ڌاري شاعري شروع ڪيائين. سندس شاعريءَ ۾ ڪافيون ۽ ڪلام شامل آهن. جيڪي سندس پونئرن وٽ محفوظ آهن. هن 24 جنوري 2003ع تي وفات ڪئي.

موهن اداسي

اڄ سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعر ۽ ناٽڪ نويس موهن اداسيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 29 جنوري 1935ع تي ٽنڊي آدم ۾ ٿيو. 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سندس ڪٽنب هندستان جي شهر جُئپور ۾ وڃي آباد ٿيو. هو هڪ اعليٰ پيماني جو شاعر ۽ نثر نويس هو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ آيا مينگهه ملهار، چارڻ چوريو چنگ، غزل ئي غزل، نئين روشني نئين لهر ۽ پردي اندر پردا شامل آهن.

ٿيو. هن ابتدائي ۽ ثانوي تعليم سکر مان حاصل ڪئي. ڪجهه عرصو علي ڳڙهه ۽ لاهور ۾ به پڙهيو. 1945ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي اي جي سند حاصل ڪرڻ کان پوءِ الوحيد اخبار ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. 1948ع ۾ سکر ميونسپالٽيءَ جو چيف آفيسر مقرر ٿيو اڳتي هلي مسلم هسٽري ۽ سنڌيءَ ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيائين ۽ 1958ع ۾ اسلاميه ڪاليج سکر ۾ مسلم هسٽريءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو ان کان پوءِ سکر جي عطا حسين موسوي ڪاليج جي پرنسپال طور خدمتون سرانجام ڏنائين آخر ۾ ميونسپل هاءِ اسڪول جي هيڊماستر طور 1979ع ۾ رٽائر ٿيو. هن نثر توڙي نظم ۾ وڏو نالو ڪمايو. هيءُ پهريون شاعر هو جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون آزاد نظم لکيو حمد، نعت، غزل، گيت، وائي ۽ ٻين صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين. هن ڪيترائي مضمون، تحقيقي مقالا ۽ سفرناما، ڪهاڻيون، افسانا ۽ ناول لکيا آهن سندس 10 ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾، هڪ انگريزي ٻوليءَ ۾ ۽ هڪ شعري مجموعو اردوءَ ۾ ڇپيل آهي. 1954ع ۾ حبيب پبليڪيشن قائم ڪري ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايائين. هو رائٽرس گلڊ سکر ۽ لطيف يادگار ڪاميٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن هو هن انمول انسان ڊسمبر 1983ع ۾ وفات ڪئي.

جوهر بروهي

علامه جوهر بروهي سنڌ جو مشهور ديني عالم، شاعر ۽ ليکڪ هو سندس اصل نالو عبدالقيوم ولد عبدالڪريم ذبيح ساسولي بروهي هو ۽ سندس ولادت 29 جنوري

۾ لکيل ڪتاب ۽ 3 اردو ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. هن قرآن شريف جي لغت تي تمام گهڻو ڪم ڪيو. جوهر بروهيءَ 16 جولاءِ 2025ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

مختيار اثر

ستار پيرزادو

اڄ نالي واري شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ سنڌيڪار ستار پيرزادي جي جنم جو ڏينهن آهي. هن بلهڙيجيءَ ويجهو ڳوٺ حاجي لال بخش شيخ ۾ 29 جنوري 1950ع تي اکيون کوليون. نوجوانيءَ واري زماني کان ادبي ڪيتر ۾ پير پاتائين. هن ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪيا، جن ۾ خليل جبران جو ڪتاب "پيغامبر" ۽ "مونکي محبت آهي"، امرتا پريتم جو ڪتاب "تيرهون سج" ۽ آغا گل جا ڪتاب "پڪي ويا جي هنگلور" ۽ "سرمد شهيد" شامل آهن. سندس شاعريءَ جو مجموعو "سورڻ سانباهو" ڇپجي چڪو آهي ان کان علاوه سندس ڪتاب "سنڌوءَ ڪناري سنگيت" به شايع ٿي چڪو آهي. هن 21 جنوري 2020ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي.



بينا مسرور

اڄ مشهور شاعره، ليکڪا ۽ اداڪاره بينا مسرور جي جنم جو ڏينهن آهي سندس اصل نالو مهه جبين آهي ۽ پاڻ 29 جنوري 1958ع تي حيدرآباد ۾ صلاح الدين احمد بلوچ جي گهر ۾ اکيون کوليون.

سندس پهرين ڊراما سيريل "منزل" هئي، شمشيرالحيدريءَ جي لکيل هن ڊرامي ۾ هن هڪ ليکڪا جو ڪردار ادا ڪيو ان بعد هن ڪيترن ئي سنڌي ناٽڪن ۽ اردو ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. سندس مشهور ڊرامن ۾ ٻَري هن پنيور ۾، ناڪيلي، موتئي جهڙو من، خوابن جو شهر، فيصلو هار جيت، اميد، ساٿيهه جي سک ۽ ٻيا ڪيترائي ناٽڪ شامل آهن. هن هڪ ڪمپيئر طور به چڱي مشهوري ماڻي، سندس لکيل ڪجهه ناٽڪ به پاڪستان ٽيليويزن تان ٽيليڪاسٽ ٿي چڪا آهن. هن 3 ڊسمبر 2025ع تي وفات ڪئي.

نصرت سحر عباسي



سنڌ جي هن مشهور سياستدان جو جنم 29 جنوري 1969ع تي روهڙيءَ ۾ ٿيو. هن بي اي (ايڪنامڪس)، ايل ايل بي ۽ ايم اي (ايڪنامڪس) جون سندون شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪيون. 2008ع ۾ عورتن لاءِ مخصوص سيٽ تي پاڪستان مسلم ليگ (فنڪشنل) جي اميدوار طور صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبر ٿي. 2008ع، 2013ع ۽ 2018ع ۾ ٻڻ عورتن لاءِ مخصوص سيٽن تي سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر رهي.

مولانا احمد يار مهر قادري

اڄ سنڌ جي مشهور ديني عالم، شاعر ۽ نثر نويس مولانا احمد يار قادريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. مولانا صاحب جي ولادت تعلقي گهوٽڪيءَ جي ڳوٺ خانڳڙهه ۾ هڪ ديني ۽ علمي خاندان ۾ ٿي. ابتدائي تعليم پنهنجي والد مولانا عبدالغفار مهر جي نگرانيءَ ۾ حاصل ڪيائين. پاڻ حضرت حافظ محمد صديق ڀرچونڊيءَ واري جو معتقد هو ۽ قادريه راشديه سلسلي سان لاڳاپيل هو والد جي

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 24 سال 2026

مسمات سيما سهيل ڌيءُ محمد سليمان سومرو رهندڙ هائوس نمبر 12 ويجهو گولڊن اسٽار اسڪول دولت ڪالوني نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: سهيل پٽ محمد صادق سومرو رهندڙ هائوس نمبر 615 ڪدن پورا محلا ٽنڊو آدم تعلقو ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 04-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج-II شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر24 سال 2025

محمد جميل پٽ محمد قادر خان....پلينٽف..خلاف: (1) محمد رمضان (2) محمد ڪاشف (3) محمد عارف سڀ پٽ محد رمضان جت سڀ رهندڙ هائوس نمبرB-832 محلا گوليمار نوابشاهه...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار اسپيسفڪ پرفامنس آف ڪانٽريڪٽ، رڪوري آف ڊيميجز اينڊ فائن اينڊ پرمننٽ انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 09-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج-II نوابشاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 23 سال 2026

مسمات سيما سهيل ڌيءُ محمد سليمان سومرو رهندڙ هائوس نمبر 12 ويجهو گولڊن اسٽار اسڪول دولت ڪالوني نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: سهيل پٽ محمد صادق سومرو رهندڙ هائوس نمبر 615 ڪدن پورا محلا ٽنڊو آدم تعلقو ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 04-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-I ڪنري
فيملي سوٽ نمبر 05 سال 2026

مسمات نجمه زال علي احمد ڌيءُ نواب ذات گرگيز رهندڙ واٽر ڪورس نمبر 16 تالهي تعلقو ڪنري ضلعو عمرڪوٽ...پلينٽف...خلاف: علي احمد پٽ عالم ذات گرگيز رهندڙ ڳوٺ ڌارو اصحابي تالهي تعلقو ڪنري ضلعو عمرڪوٽ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 30-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-I ڪنري

ڪورٽ نوٽيس

فيملي جج/ ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ ٽنڊوالهيار
(روبرو مس حميرا شوڪت)
ايگزيڪيوشن نمبر.... سال 2026
فيملي سوٽ نمبر09 سال 2025

مسمات بينش ڌيءُ سيد گلزار علي شاهه رهندڙ ڳوٺ بچل خاصخيلي بي.ايس پيارو لنڊ تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار...پلينٽف...خلاف: سيد ڪاظم رضا شاهه پٽ سيد مسڪين شاهه رهندڙ ڳوٺ موسيٰ ڪٽيان تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن انڊر يو/آر 21 رول 11 سي پي سي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 31-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج /ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊوالهيار
(روبرو جناب قاضي شاهه محمد اظهر)
سول اپيل نمبر18 سال 2025

محبوب علي پٽ جڙيل خان رهندڙ ڳوٺ ڳوٺ پيارو لنڊ تعلقو جهنڊو مري ضلعو سانگهڙ...ايپليڪينٽ...خلاف: پي او سنڌ ۽ ٻيا...ريسپانڊنٽس. (4) عبدالسعيد پٽ عبدالرحمان (5) عبدالوحيد پٽ عبدالرحمان ڊفينڊنٽ نمبر04 ۽ 05 بالغ مسلر رهندڙ هائوس نمبر 773/3 لياقت آباد ڪراچي (7) مسمات نور جهان زال سرتاج رهندڙ هائوس نمبرA بلاڪ نمبر 116 آمريڪن ڪوارٽر حالي روڊ، حيدرآباد...ريسپانڊنٽس

نالي مٿين ريسپانڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيلانٽ توهان جي خلاف سول اپيل انڊر سيڪشن 96 سي پي سي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 29-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊوالهيار
(روبرو جناب قاضي شاهه محمد اظهر)
سڪسيشن ايپليڪيشن نمبر05 سال 2026

عرفان علي پٽ مرحوم محي الدين ذات بوزدار رهندڙ ڳوٺ مسو بوزدار تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار...ايپليڪينٽ...خلاف: (1)سمورن واسطيدارن/ پبلڪ ايٽ لارج (2) سلمان اويس (3) مسمات سمرا ڌيءُ (4) صائمه (5) مسمات عظمي (مائنر) سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم محي الدين (6) مسمات رحيمان بيواهه مرحوم محي الدين (7) مسمات شهناز بيواهه مرحوم محي الدين سڀ مسلر بالغ ذات بوزدار رهندڙ ڳوٺ آلهه داد بوزدار تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار...آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي اهي مرحوم محي الدين ولد خدا بخش بوزدار پراپرٽي ۾ اين بي پي ٽنڊو الهيار جي اڪائونٽ نمبر 3107066405 ۾ ڇڏيل رقم -/125086.90 روپيا تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 30-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ فيملي جج-XI حيدرآباد
گارڊين ايپليڪيشن نمبر42 سال 2026

روشن علي ڏهوٽ پٽ سڪندر علي ڏهوٽ رهندڙ ڳوٺ قائم ٻير يو سي نقاب تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات شاهده بيواهه مرحوم سڪندر علي ڏهوٽ (2) سلمان پٽ مرحوم سڪندر علي ڏهوٽ رهندڙ ڳوٺ قائم ٻير يو سي نقاب تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد. جنرل پبلڪ ايٽ لارج..مائنر نالي: (1) محمد هاشر (2) انيلا ڌيءُ مرحوم سڪندر علي

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين ايپليڪيشن انڊر سيڪشن 29 آف دي گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ 1890 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 10-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي.ايم-XI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سڪسيشن ايپليڪيشن نمبر 25 سال 2025

مسمات غلام زهران بيواهه ياسين ذات فراش رهندڙ پير مولا بخش ڪالوني وارڊ نمبر 03 يو سي-I هالا ...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مئنيجر الائيڊ بينڪ لميٽيڊ هالا برانچ (2) محمد سليم پٽ حامد (3) محمد اسلم پٽ حامد (4) صوف پٽ حامد (فوتي معرفت سنڌس قانوني وارث:) (اي) امين پٽ (2) اشفاق پٽ (سي) ڏٽي پرتو پٽ (ڊي) محبت پٽ (اِي) ذيشان پٽ (ايف) مسمات گلزار (جي) گلبانو ڌيءُ (ايچ) مسمات گلناز ڌيءُ . (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج....آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي مرحوم ياسين ولد حميد شناختي ڪارڊ نمبر 4130122847533 وفات جي تاريخ 05-02-2025 پراپرٽي ۾ اي بي ايل هالا برانچ جي اڪائونٽ نمبر 0010013533550010 ۾ ڇڏيل رقم -/485773 روپيا تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 12-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول / فيملي جج ٽي ايم خان
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات انيلا ڌيءُ ايڊوڪيٽ ولي محمد ذات ميمڻ رهندڙ شوڪت ڪالوني ريلوي اسٽيشن ٽي ايم خان ...پلينٽف...خلاف: جان محمد عرف جاني ولد يار محمد ذات ڪيريو رهندڙ شوڪت ڪالوني ريلوي اسٽيشن ٽي ايم خان ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 30-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول / فيملي جج ٽي ايم خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول / فيملي جج ٽي ايم خان
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

عاشق حسين ولد الله بچايو ذات ارباب رهندڙ بهرائي محلا نزد ريلوي ڦاٽڪ ٽنڊو محمد خان ...ايپليڪينٽ...خلاف: ڪاشف علي ولد محمد رمضان ذات ملاح رهندڙ بهرائي محلا ٽي ايم خان ....اپونينٽس (1) Baby Azwa عمر 08 سال (2) بيبي منزا عمر 06 سال (3) بيبي مهرم عمر 04 سال سڀ پٽ ڌيئرون ڪاشف ملاح ...مائنر

نالي مٿين اپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 30-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول / فيملي جج ٽي ايم خان

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ڪيو ٿو وڃي ته نالي اڪبر علي ولد محمد علي شناختي ڪارڊ نمبر 4410619251645 هڪ عدد پلاٽ نمبر 297 ايراضي 400 چورس گز واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد جو سودو ان جي حقيقي مالڪن صائمه زال محمد عرفان، شناختي ڪارڊ نمبر: 4130314502598 سان ڪيو آهي، اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪوبه اعتراض هجي ته 07 ڏينهن جي اندر دستاويزي ثبوت سان گڏ سوسائٽي آفيس حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي شهباز بلڊنگ بلاڪ-اي حيدرآباد کي اطلاع ڪن. معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

المشتهر: اڪبر علي ولد محمد علي
معرفت: ملت اسٽيٽ ايجنسي گلشن زيل پاڪ سوسائٽي موبائل نمبر: 03133360323

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي فيصل علي مغل ولد غلام نبي رهندڙ ڳوٺ دريا خان مغل حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي غلام نبي ولد رمضان خان مغل تاريخ 22-07-2020 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ پلاٽ/ سروي نمبر134، 133/1,2,3 ايراضي حصي موجب ديهه هٽڙي تپو هٽڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي. (1) فيصل علي مغل (پٽ) (2) فهد علي مغل (پٽ) (3) فرقان علي مغل (پٽ) (4) غلام مرتضيٰ (پٽ) (5) مسمات روزينه (ڌيءُ). (6) مسمات ثمينه (ڌيءُ) (7) مسمات تهمينه (ڌيءُ) (8) مسمات غلام سڪينه مغل (بيواهه). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي آغا اعجاز احمد ولد محمد عمران رهندڙ گهر نمبر 22 پٺاڻ ڪالوني حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي حاجي محمدعمران ولد حاجي عبدالرئوف تاريخ 03-03-2018 تي فوت ٿي ويو آهي، جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ پلاٽ/ سروي نمبر 35 ايراضي 3-17 ديهه هٽڙي تپو هٽڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي. (1) مسمات گل شفاء (بيواهه) (2) محمد نياز (پٽ) (3) افتخاراحمد (پٽ) (4) امتياز عالم (پٽ) (5) اعجاز احمد (پٽ) (6) مسمات گلنار (ڌيءُ) (7) مسمات نگهت (ڌيءُ) (8) مسمات طلعت (ڌيءُ). مسمات گل شفاء بيواهه حاجي محمد عمران تاريخ 26-02-2025 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل ساڳيا پٽ ۽ ڌيئرون آهن. جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي نفيس عباس ولد شوڪت عباس درخواست ڏني آهي ته نالي (1) ڪامران رضا ولد علي عباس (2) نالي مسمات زهرا خاتون زال علي عباس (3) نالي عمران رضا ولد علي عباس جيڪي فوت ٿي ويل آهن فوتين کي ديهه بخشا تپو بخشا تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 190 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام شهر ڪراچي ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتين جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي (1) ڪامران رضا ولد علي عباس جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 عمران رضا ڀاءُ فوتي جو 2 مسمات زهرا خاتون ماءُ فوتي جي تفصيل فوتڻ (2) مسمات زهرا خاتون زال علي عباس جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 عمران رضا پٽ فوتڻ جو (3) تفصيل فوتي عمران رضا ولد علي عباس جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 شوڪت عباس ولد رضا حسين چاچو فوتي جو 2 مسمات قمر رياض پڦي فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري بي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي هاشم شاهه ولد عمر شاهه درخواست ڏني آهي ته هن جي ماءُ نالي بيبي نور خاتون زال عمر شاهه ڌيءُ اسماعيل شاهه جيڪا فوت ٿي ويل آهي فوتڻ کي ديهه پڊو تپو پڊو تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 365_366 ۽ ٻيا ايراضي 1/2_7_14 چوڏهن ايڪڙ ساڍاست گهنٽا ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ امير شاهه تعلقي بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتڻ جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتڻ بيبي نور خاتون زال عمر شاهه ڌيءُ اسماعيل شاهه جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 هاشم شاهه پٽ فوتڻ جو 2 رمضان شاهه پٽ فوتڻ جو 3 حاجي شاهه پٽ فوتڻ جو 4 ڪريم ڏنو پٽ فوتڻ جو 5 رجب علي شاهه پٽ فوتڻ جو جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري بي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي جان محمد ولد خان محمد موسيپوٽو درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي خان محمد ولد محمد صديق موسيپوٽو جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه باگڙيجي تپو ٻانڊو تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 57 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ ڪريم ڏنو موسيپوٽو تعلقي بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي خان محمد ولد محمد صديق موسيپوٽو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 جان محمد پٽ فوتي جو 2 غلام فاطمه ڌيءُ فوتي جي 3 مسمات مريم زال فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري بي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي محبوب علي ولد عبدالغني ذات آرائين درخواست ڏني آهي ته سنڌس والده نالي مختيار بيگم تاريخ 06-05-2014 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر333 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۽ بلاڪ نمبر/ سروي نمبر 94 ۽ ٻيا مان حصي موجب ايراضي 4-00 ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۽ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ 333 ديهه نمبر333 ۾ ڪري ان بن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ٿيا آهن (1) محمد شبير (پٽ) (2) مطلوب حسين (پٽ) (3) محبوب علي (پٽ) (4) محمد اشرف (پٽ) (5) نجم بيگم (ڌيءُ) (6) ممتاز بيگم (ڌيءُ) (7) منيزان (ڌيءُ) (8) زينب (ڌيءُ) (9) ثمينه (ڌيءُ) (10) ڪنيز بانو (ڌيءُ). هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهيءَ اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري، بي صورت مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

گمشده ڪاغذن بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي فليٽ نمبر G-1 ۽ فليٽ نمبر A-205 واقع شڪل ريزيڊينسي پلاٽ نمبر 24/2 B-2 ريلوي ايمپلائيز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي آٽو پان روڊ لطيف آباد يونٽ نمبر 03 حيدرآباد جا ڪاغذات تاريخ 01-07-2019 تي بي ايس نسيم نگر قاسم آباد حيدرآباد جي حد ۾ ڪٿي ڪري ٿي ويا ها ڪافي تلاش باوجود ملي نه سگهيا آهن ۽ بيو ته منهنجا مذڪوره ڪاغذات ڪنهن به سرڪاري يا غير سرڪاري اداري وٽ تحقيقات لاءِ جمع نه آهن لهذا مون کي ڊپليڪيٽ جاري ڪري ڏنا وڃن

ڊيسر زال ريحان هاليپوٽو (بيواهه) رهندڙ گهر نمبر 299 سرفراز ڪالوني حال رهندڙ گهر نمبر 14 عبدالله ٽائون قاسم آباد حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ محمد ايوب ولد فوتي امير بخش رهندڙ ڳوٺ عيسيٰ شورو تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد امير بخش ولد محمد ايوب خان جيڪو ايريگيشن کاتي ۾ سرڪاري ملازم هيو جيڪو وفات ڪري ويو آهي جنهن جي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي ان سلسلي جي سرزمين تي وڃي بن معزز ماڻهن هر هڪ نالي (1) فياض ولد محمد رمضان رهندڙ ڳوٺ حاجي عيسيٰ شورو تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشور (2) جاويد علي ولد محمد يعقوب رهندڙ ڳوٺ حاجي عيسيٰ شورو تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو ڪان بيان ورتا ويا جن ساک تي بيان ڏنو ته فوتي نالي امير بخش ولد محمد ايوب رهندڙ ڳوٺ حاجي عيسيٰ شورو تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو جا هيٺيان جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) محمد ايوب شورو فوتي جي پٽ عمر 36 سال (2) عرفان فوتي جويٽ عمر 34 سال (3) جمعون فوتي جو پٽ عمر 30 سال (4) شهزادي فوتي جي ڌيءُ عمر 29 سال (5) مسمات وڏل فوتي جي زال جيڪا تاريخ 02-05-2002 تي فوت ٿي وئي آهي مٿي ڄاڻايل وارثن کانسواءِ مرحوم جو ٻيو ڪو به وارث نه آهي جنهن جي تصديق اسان جي سامهون بن شاهدن ڪئي آهي جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر پاڻ يا وڪيل معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجو اعتراض داخل ڪري مدو گذرڻ بعد ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ وارثي سرٽفڪيٽ وارثن جي نالي تي جاري ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽڙي

لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته منهنجي ڌيءُ نالي مسمات مريم زال عبدالحڪيم شناختي ڪارڊ نمبر 4410326341644 جيڪا پنهنجي ڀيرين مڙس نالي سيد زوار حسين شاهه کان ڪافي سال اڳ ڪورٽ مان خلاع وٺڻ بعد انهي وقت منهنجي گهر مان نڪري سنڌس مرضي سان عبدالحڪيم سان شادي ڪري ڇڏي هئي ۽ جنهن بعد مسمات مريم بي بي انهي وقت کان پنهنجي بي مڙس ۽ سنڌس اولاد سان گڏ رهندي آهي ۽ پنهنجي مرضي جي زندگي گذارڻ چاهي ٿي ۽ پنهنجي زندگي جي پاڻ خودمختيار آهي اسان انهي وقت ان سان لاتعلقي بيان رڪارڊ تي ڏنو هو جيڪو گهر مان ڪٿي ڪر ٿي ويو آهي جنهن سبب اسان ٻيهر هن لاتعلقي ذريعي هر عام و خاص کي آگاهه ٿا ڪريان ته منهنجي ڌيءُ نالي مسمات مريم بي بي ۽ انهي جي اولاد سان ڪنهن به قسم جو انهن سان منهنجو منهنجي زال يا اولاد جو سنڌس سان ڪو به رشتو نه آهي اگر ڪو به شخص ان سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو ته ان جو پاڻ ذميوار هوندو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

فتح محمد شاهه ولد علي گوهر شاهه رهندڙ گهر نمبر 1022/1026 امام بارگاهه ويٺل شاهه (وڏو پڙو) نائي پاڙو ميرپورخاص

بقايا 1 لاش رکي احتجاج

سنگين الزام هڻيا ويا آهن جڏهن ته لاش رکي وارثن پاران احتجاج ڪيو ويو جڏهن ته فوت ٿيل اسڪولي شاگرد اٺين ڪلاس ۾ پڙهندو هو ۽ گورنمنٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ارباب اميرحسن ڪلوئي جو شاگرد هو ۽ محنتي شاگرد هو زخمي اسڪولي شاگرد تي پوليس ۽ ترڪ مالڪن پاران منشيات فروش ۽ موالي ڄاڻائي وارثن کي مبينا طور تي پريشر ڏيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي جڏهن ته فوتي اسڪولي شاگرد جي وارثن حاجي علي مراد لنڊ شاهنواز ۽ ٻين چيو ته اسان جو اٺين ڪلاس ۾ پڙهندڙ اسڪولي شاگرد عطا محمد لنڊ جيڪو اسڪول ۾ پڙهندڙ هو گذريل هفتي هو اسڪول مان واپسي بعد پنهنجي گهر آيو ۽ اتي جا پئسا ڪٺڻ لاءِ رنگو پٽڻ ويو ته پراڻ سان ڀريل ترڪ موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر هڻيو جنهن جي نتيجي ۾ اسڪولي شاگردن نوجوان عطا محمد لنڊ فوت ٿي ويو جڏهن ته ڪلوئي پوليس ۽ ترڪ جو بااثر مالڪ خون کي بوڙڻ چاهي ٿو ظلم جي انتها ٿي آهي انصاف ڪيو وڃي اسڪولي شاگرد عطا محمد لنڊ جي پيرسن پيءُ لونگ لنڊ چيو ته منهنجي پٽ جيڪو اسڪولي شاگرد آهي اسڪول مان ٿي رنگو تي پئسا ڪٺڻ ويو ته روڊ حادثو ٿيو جڏهن آئون ٿاڻي تي ويس ته ڪلوئي پوليس چيو ته تنهنجو پٽ منشيات فروش آهيس هلائي ٿو موالي آهي ۽ اٿو ڌمڪيون ڏنيون ويون نوٽيس وٺي مون غريب سان انصاف ڪيو وڃي ظلم ٿيو آهي هتن وس وارن اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته فوري طور تي نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 2

منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو جنهن بعد مرحوم جو مڙهه آخري رسمون ادا ڪرڻ لاءِ آبائي ڳوٺ ڪفائي آيو، آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي ناهي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي آهي جڏهن ته ڊرائيور واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويو هو

بقايا 3 ٽيبلوز پيش ڪيا

ڪين پنهنجي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ سنڌن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ والدين سان تعليمي جوڙ مضبوط ڪرڻ آهي هن چيو ته اسان پنهنجي سنهري تهذيب، روشن روايتن ۽ هزارين ورهين جي پراڻي ثقافت ۽ پيار، امن، ادب، سخاوت ۽ انساني احترام کي هٿي ڏئي رهيا آهيون.تقريب کي سلاڻين قربان محمد حيات ڪوکر زاهد حسين ڪوکر،غلام رسول ڪوکر خطاب ڪندي چيو ته اسان پنهنجي ڪلچر پنهنجين ٻولين، پنهنجن ريتن رسمن ۽ پنهنجي ڌرتي جي محبت کي هميشه زنده رکنداسين.پروگرام جي آخر ۾ اسڪول آپريٽر ميڊم گلبانو صاحبه DDOسلاڻين عاشق علي ڪلهوڙي پاران پوزيشن هولڊر شاگردن ۾ انعام تقسيم ڪيا

بقايا 4 2026شروع

جوش ۽ جذبي سان حصو وٺي رهيا آهن فيسٽيول جو افتتاح اڳوڻي سينيٽر ملڪ امام الدين شوقين ڪيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ملڪ امام الدين شوقين چيو ته رانڊين جون صحتمند سرگرميون نوجوان نسل لاءِ انتهائي اهم آهن جيڪڏهن ميدان آباد هوندا ته اسپتالون ويران ٿينديون هن ضلعي اسپورٽس آفيسر ڪائنات قمر جي محنتن کي ساراهيندي چيو ته هوءَ ضلعي اندر رانڊين جي واڌ ويجهه لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي جڏهن ته شهر جي نوجوانن کي رانڊين ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ اسٽيڊيم ۾ وڌيڪ سهولتون فراهم ڪيون وينديون ان موقعي تي ڳالهائيندي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنڊوآدم حنين طارق شاهاڻي چيو ته رانڊين جهڙيون مثبت ۽ تعميري سرگرميون نوجوانن کي منشيات، تشدد ۽ ٻين منفي لاڙن کان پري رکنديون آهن هن چيو ته انتظاميا پاران رانڊين جي فروغ لاءِ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪيو ويندو. ضلعي اسپورٽس آفيسر ڪائنات قمر چيو ته سنڌ جي رانڊين واري صوبائي وزير محمد بخش مهر ۽ صوبائي سيڪريٽري منور علي مهيسر جي هدايتن تي هي مقابلا منعقد ڪرايا پيا وڃن هن هن ٻڌايو ته گذريل سال ونٽر فيسٽيول جي ڪاميابي بعد ضلعي اندر ڪيترائي ٻيا ڪامياب رانڊين جا ايونٽ پڻ منعقد ڪيا ويا، هن وڌيڪ ٻڌايو ته اڄ فائنل مقابلا ٿيندا ۽ پڇاڙي واري تقريب ۾ رانڊين وارو صوبائي سيڪريٽري منور علي مهيسر شرڪت ڪندو افتتاحي تقريب ۾ اقبال پٽي، قطب الدين شيخ، ملڪ زبير دائما، عاشق حسين ساند سميت ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 5 شاهراهه تي ڌرڻو

بلاڪ ڪري ڌرڻو هڻي ڇڏيو جنهن سبب اينڊڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي وارثن علي مراد بروهي محمد خان بروهي وحيد لنجار ۽ ٻين ٻڌايو ته ٽينگر درويش صفت انسان هو خيرات وٺي پيٽ گذر ڪندو هو ڪيس بي دردي سان اڳئين سان ٻڌي گهٽا ڏئي قتل ڪيو ويو آهي پر 2 ڪلاڪ گذرڻ بعد پوليس ناهي پهتي هنن ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽس وٺي جوابدار کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 6 اسپتال ۾ فوت

جاڀون ڏئي جڏهن ته سانگهڙ شهر جي امن و امان جي حوالي سان چيمبر آف ڪامرس جي اڳواڻ ماما ياسين قريشي مختلف ڪاروباري تنظيمن جي اڳواڻن سان گڏجاڻي ڪري ڊاڪٽر سليم جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ خميس جي ڏينهن شهر ۾ هڙتال ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي

بقايا 7 جوابدار فرار

ايس اءِ ياسين لغاري ۽ ٻيا شامل آهن اطلاع تي ايس ايس پي حيدرآباد پاران جوابدارن جي گرفتار ڪرڻ لاءِ نفري موڪلي ۽ سرچ آپريشن ڪيو ويو پر جوابدار هٿ اچي نه سگهيا آهن

بقايا 8 اسٽال قائم

وڌو رليف مليو آهي.ان موقعي تي ڊپٽي فوڊ ڪنٽرولر ٿرپارڪر عبدالستار ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته صوبائي وزير خوراڪ جي واضح هدايتن ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جي حڪم جي ٿر فلور ملزمان ان اٽ ڳاڏين تي مشتمل قافلو روانو ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ڪي سئو بيگ آٽو شامل آهي هر بيگ ڏهه ڪلو وزن تي ٻڌل آهي. جيڪو مختلف شهرن ۾ سستي اگهه تي وڪرو ڪيو پيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته آٽو جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائڻ لاءِ فوڊ کاتي جون ٽيمون ميدان ۾ موجود آهن. جڏهن ته سستي اگهه تي آٽو وڪرو ڪرڻ جو هي سلسلو مستقبل ۾ به جاري رکيو ويندو، جيئن غريب ماڻهن کي وڌ کان وڌ رليف ملي سگهي.شهرين صوبائي حڪومت، ضلعي انتظاميا ۽ فوڊ کاتي جي ان قدمن کي ساراهيندي مطالبو ڪيو آهي ته مهانگائي کي نظر ۾ رکندي اهڙو سلسلو باقاعدگي سان جاري رکيو وڃي ته جيئن عام ماڻهو آساني سان آٽو حاصل ڪري سگهن

بقايا 9 سزا ٻڌائي ڇڏي

موت جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي جوابدار خلاف ڪنڌڪوٽ ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو هو جوابدار جيل ڪسٽڊي ۾ هو ڪيس جو فيصلو اچڻ کانپوءِ ڪيس جيل واپس روانو ڪيو ويو

بقايا 10 تحريڪ جو اعلان

خلاف سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي فيبروري کان احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ڳوٺ ۾ منعقد ٿيل راجوڻي ڪٺ ۾ راڄ محمد هاليپوٽو دوست محمد هاليپوٽو علي رضا، نالي ملو عبدالعزيز قادري، گاگن ميگهواڙ لالو ڪولهي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ٿرڪول بلاڪ 2 جي ڪوئلي سبب اسان جو ڳوٺ سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيو آهي پر افسوس جو گذريل 12 سالن کان انتظاميه ۽ ڪمپنيون رڳو لارا ڏئي رهيون آهن ۽ اسان کي اڃا تائين ريسيٽل ناهي ڪيو ويو هنن چيو ته ريسيٽلمينٽ جي لٽڪيل تلوار سبب اسين پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ مهمان بڻجي ويا آهيون نه نوان گهر ٺاهي سگهون ٿا ۽ نه ئي پنهنجي ٻارن جون شاديون ڪرائي سگهون ٿا، اسين ٿرڪول منصوبن جا اول متاثر ڳوٺ جا آهيون پر ڪمپنين وظيفن سميت سڀئي مراعتون ٻين ڳوٺن کي ڏنيون آهن جڏهن ته ڳوٺ ۾ پيئڻ جو پاڻي زهريلو ٿي چڪو آهي ۽ اسڪول توڙي صحت جون سهولتون اڻلڀ آهن ڳوٺاڻن ڌانهيندي چيو ته روڊ گذريل ويهه سالن کان ٽٽل آهي ۽ جڏهن به ڪنهن سهولت جو گهر ڪجي ٿو ته ڪمپني انتظاميه ريسيٽل ٿيڻ جو جواز بڻائي انڪار ڪري ڇڏي ٿي، ايستائين جو فوتگين جي صورت ۾ قبرستان وڃڻ لاءِ ب ويهه ڪلوميٽرن جو پنڌ ڪرڻو پوي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته ڳوٺ ۾ هاليپوٽا برادري جا 500 گهر ميگهواڙن جا 100، ڪولهي برادري جا 300 ۽ ڀيل ڪميونٽي جا 60 گهر هن وقت انتهائي بدتر واري صورتحال ۾ آهن پر چونڊيل نمائندا صرف اليڪشن وقت شڪليون ڏيکاري غائب ٿي ويا آهن متاثرين اعلان ڪيو ته هاڻي صبر جو پيمانو لبالب ٿي چڪو آهي ان ڪري فيبروري جي مهيني کان پوري ٿر ۾ هڪ وڏي احتجاجي تحريڪ جو بنياد رکيو ويندو جنهن ۾ عورتون ۽ ٻار به شريڪ هوندا. سنڌن مطالبو آهي ته ڪين فوري طور تي متبادل جديد ماڊل وليج ۾ منتقل ڪري گهرن ۽ زمينن جو جائز معاوضو ڏنو وڃي، ڳوٺاڻن کي ڪمپنين ۾ روزگار فراهم ڪيو وڃي ۽ جيستائين منتقلي نٿي ٿئي تيستائين ڳوٺ ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ صحت سميت تمام بنيادي سهولتون بحال ڪيون وڃن.

بقايا 11 فائرنگ، ڌمڪيون

هو ان موقعي تي پاري ڳاڏين جي ڊرائيورن کي هدايت ڪئي وئي ته شام پنجين وڳي کان اڳ ڪا به پاري ڳاڏي مين بازار ۾ داخل نه ٿئي ڪارروائي ڪان پوءِ اسسٽنٽ ڪمشنر پنهنجي آفيس ۾ سرڪاري ڪمن ۾ مصروف هو ته ارچتو لڳ ڀڳ 10 ڄڻا آفيس ۾ داخل ٿيا اسلحه لهرائي هوائي فائرنگ ڪئي گارڊن ڪئي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر کي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون جوابدارن جو چوڻ هو ته سنڌن ڳاڏين کي مين بازار ۾ داخل ٿيڻ کان ڇو روڪيو ويو واقعي کان پوءِ جوابدار هوائي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا. پوليس موجب حملي ۾ نامزد جوابدارن ۾ محمد مناف مالڪاڻي، الهرکيو مالڪاڻي (رهواسي ڳوٺ ملڙيو مالڪاڻي)، محمد يونس نهڙي (چاچرو شهر) ، قمرالدين نهڙي (چاچرو شهر) شامل آهن. جڏهن ته منشيات فروش عبدالرزاق نهڙي (رهواسي ڳوٺ محمود آباد، ويجهو ڪانٽيو) پڻ حملي ۾ ملوث ڄاڻايو پيو وڃي ان کان علاوه پنج نامعلوم ماڻهو پڻ ساڻس گڏ هئا. چاچرو پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته اعليٰ عملدارن واقعي جو نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي ٻئي پاسي ايس ايڇ او چاچرو شير خان لغاري چيو آهي ته ڪجهه ماڻهن اي سي چاچرو جي آفيس ۾ وڃي اي سي عثمان خاصخيلي سان بدتميزي ڪئي آهي. هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي سيڪريٽري ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي ٿرپارڪر عرفان الله رند واقعي جي تصديق ڪندي چيو ته اسان چاچرو ۾ ڳاڏين جي اي سي چاچرو سان گڏجي چيڪنگ ڪري رهيا هئاسين ۽ 11 ڳاڏيون چالان به ڪيون آهن. چيو ته اسان اي سي آفيس چاچرو ۾ ويٺل هئاسين ته ڪجهه ماڻهن حملو ڪيو جيڪي ڌوهاري ۽ منشيات فروش به آهن. اي سي انهن خلاف چاچرو ٿاڻي تي اهڙي درخواست پڻ ڪئي آهي ۽ وڌيڪ پوليس جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 12 هڪ بيو گرفتار

حوالي ڪيو آهي ، پوليس ٻڌايو ته گرفتار جوابدارن جو هڪ منظم گروهه آهي جن پاران موبائل اپليڪيشن ذريعي ماڻهن کي بليڪ ميل ڪرڻ سميت هراسان ڪري ۽ نوڪريون ڏيارڻ بهاني ڪروڙين روپيا وصول ڪيا هئا ، موبائل اپليڪيشن ۾ فون نمبر ڪامورن ، حساس ادارن ، پوليس سميت ٻين عملدارن جا شو ٿيندا هئا ، جڏهن ته شروعاتي جاچ ۾ جوابدارن ڪجهه ٻين جوابدارن جي ملوث هجڻ تي انهن جي نشاندهي ب ڪئي آهي ۽ انهن جوابدارن تي ب نظر رکي پئي وڃي جلد وڌيڪ گرفتاريون ب ٿينديون ، اهم ذريعن کان معلومات ملي آهي ت جوابدار رضا رند جي موبائل فون مان ب تمام گهڻي ڊيٽا ملي آهي ۽ ماڻهن کان رقمون وصول ڪرڻ جي سي سي ٽي وي رڪارڊنگ ب هٿ ڪئي وئي آهي ، منظم گروهه تعليمي بوردن مان مارڪون ڏيارڻ سينٽرل جيل ۾ سهوليتون ڏيارڻ ۽ مختلف ماڻهن جي فونن جون سي ڊي آرز ڪيدرائڻ جي نالي ۾ ب رقمون اوڳاڙيون هيون ، ياد رهي ت فرازي ٽولي جي گرفتارين لاءِ ايس ايس پي پاران جاچ ٽيم جوڙي هئي جنهن پاران جاچ جو دائرو وسيع ڪيو ويو آهي ، جڏهن ت جوابدار همايون مصطفا گجر کي رمانڊ پورو ٿيڻ تي اڄ عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو .....

بقايا 13 بيٽري کڻي ويا

ڪراچي جڏهن ته سينئر صحافي عبدالخالق گلال ڳالهائيندي چيو ته روڊ جي بنياد سان پنهنجي ڳاڏي شورم اڳيان بيهاري ويندو آهيان صبح آچي ڏٺو ته ڪار مان بيٽري چوري ٿيل هئي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته راڻي پور بدامني جي ور چڙهيل آهي حد جي انتظاميا امن امان ڪرڻ ۾ بلڪل ناڪام رهي آهي هن ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو ايس ايڇ او راڻي پور کان مطالبو ڪندي چيو ته منهنجو چوري ٿيل بيٽري واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 14 3ڄڻا زخمي

زخمي ٿيل ٻارن پاران احتجاج ڪيو ويو هنن چيو ته سنڌن ٿي پلاٽ تي جوابدار قبضو ڪري ويٺا آهن ۽ جڏهن هنن پنهنجي ڳاڏي بيهاري ته جوابدارن ڳاڏي بيهارڻ کان منع ڪئي جنهن تي جوابدارن لٺيون ۽ ڪهاڙيون هڻي زخمي ڪري وڌو آهي هنن جوابدارن جي گرفتاري جي گهر ڪئي وئي.

بقايا 15 انتظاميه ۾ تڪرار

موجب سرڪاري گودامن مان ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪري ڪڻڪ بليڪ تي ٻين علائقن ۾ وڪرو ڪئي پئي وڃي مقامي چڪي وارن کان سرڪاري ڪوٽا تمام گهٽ ڏني پئي وڃي ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ ذخيره خور مافيا ڪڻڪ من پسند ريٽ تي وڪرو ڪري پئي پر انتظاميه انهن آڏو بي وس بڻيل يا ڀاڱيوار هجڻ سبب ڪارروائي کان قاصر آهي ڪنري ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران چڪين تي ڇاپا هڻي اٽو سرڪاري اگهه تي 107 روپيا وڪرو ڪرڻ جي سخت هدايت بعد آٽا چڪي ايسوسيئيشن ۽ اي سي وچ ۾ تڪرار ٿي ويو آهي ايسوسيئيشن طرفان اختيارن کان وڌي بلاجواز ڪارروايون ڪرڻ جا الزام لڳايا ويا آهن آٽا چڪي مالڪن موجب اوپن مارڪيٽ مان 118 روپيا في ڪلو ڪڻڪ خريد ڪري سرڪاري مقرر ڪيل اگهه تي اٽو وڪرو نٿا ڪري سگهن چڪي ايسوسيئيشن صدر حاجي منير آرائين محمد آصف روهت ڪمان عرفان عباس هريش ڪمار پرشوتم ڪمار ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته خوراڪ کاتي طرفان اسان کي ڪڻڪ جي مقرر ڪيل ماهوار ڪوٽا پوري نٿي ڏني وڃي مجبورن مارڪيٽ مان 118 رپيا في ڪلو ڪڻڪ خريد ڪرڻ تي مجبور آهيون 118 رپيا في ڪلو ڪڻڪ خريد ڪري 107 رپيا في ڪلو آٽو ڪيئن وڪرو ڪري سگهجي مڪمل ڪڻڪ جو ڪوٽا ملي ته سرڪاري اگهن تي اٽو وڪرو ڪرڻ جا پابند آهيون هوڏانهن علائقي واسين مطالبو ڪيو ته انهي جو نوٽس وٺي اٽو سستو ڪرايو وڃي

بقايا 16 شهري جو احتجاج

عدالت ٻڌڻي دوران نيوسعيدآباد ٿاڻي جي اڳوڻي ايس ايڇ او نادر علي پٽي، سب انسپيڪٽر ساڃين ڏنو خاصخيلي، وڏي منشي سرلين راجپوت ۽ ڊي آئي بي اهلڪار شرف الدين چڇر سميت چئن پوليس عملدارن تي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو هو پر نيوسعيدآباد پوليس ڪيس داخل نه ڪيي پوليس پاران پئي پئي رنگار رهڻ خلاف گل شير ڪاڪا ٿاڻي اندر احتجاج ڪندي چيو ته نيوسعيدآباد پوليس سنڌن پٺي پائين جي رنگاري بڻجي وئي آهي عدالتي حڪم باوجود ڪيس داخل نٿو ڪيو وڃي، هن اعلان ڪيو ته ساڻن انصاف ڪري ملوث پوليس عملدارن خلاف ڪيس داخل نه ڪيو ويو ته ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 17 فائده بڻيل

نئين بلڊنگ جي بنياد کان وٺي سموري مٽريل جي نيب اينٽي ڪرپشن عدالتي سربراهي ۾ جاچ ڪرائي سمورا ڪارا اچا پڌرا ٿي ويندا پر هيل تائين چيلهار اسپتال ناڪاره بي فائده بڻيل آهي علاج بدران رڳو رئيفر ڪيو وڃي ٿو چيلهار واسين سنڌ هاءِ ڪورٽ صحت منسٽر سميت اعلي اختيارين کان اپيل ڪئي بلڊنگ ۾ ناقص مٽريل استعمال ڪندڙ کي حراست ۾ بلڊنگ جو نئين سر ڪم ڪرائي 24 ڪلاڪ عملو مقرر ڪري عوام کي صحت جون سهولتون ترت فراهم ڪيون وڃن انڪانسواءِ ڪيترائي دفعا اعلي عدالت چيف جسٽس صاحب چيلهار اسپتال جي بهتري لاءِ صحت کاتي جي ڪامورن کي هدايتون ڪيون پر هيل تائين ڪو بي ڪوڙتيل ناهي نڪري سگهيو

بقايا 18 گرفتار ڪيو

مستحق عورتن جي شڪايتن تي سوشل ميڊيا تي ڪٽوتي جا ويڊيوز وائرل ٿيڻ جو پوليس نوٽيس وٺندي ايس ايڇ او بي سيڪشن گل محمد سومرو جي ٽيم ڪارروائي ڪندي هڪ ڊوائيز مافيا ۽ ٻن ايجنٽن کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي پوليس گرفتار ٿيل جوابدارن جي قبضي مان هڪ ڊوائيز ٽي موبائيل فون ۽ هزارين رپيا نقد هٿ ڪري ورتا آهن

بقايا 19 انصاف جو مطالبو

هراسان ڪري پئسا ڦٻائڻ چاهي ٿو واقعي جو معززين کي بار بار ڏانهن باوجود ڪوبه ڪوڙتيل نه نڪتو آهي هن ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي ملوث بااثر خلاف ڪارروائي ڪري ٿيل زيادتين جو ازالو ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 20 نوٽيس جو مطالبو

نگراني ۾ هلندڙ بن صاف پاڻي ميسر ڪندڙ پلانٽن مان پاڻي جي سپلاءِ نه ملڻ ڪري شهري پريشان ڳڙهي ياسين شهر اندر سم ڪلر سبب پاڻي ۾ سينڪيو جو مقدار وڌڻ ڪري ٻه آر او پلانٽ لڳايا ويا هئا، گذريل هڪ مهيني کان آر او پلانٽ بند هجڻ ۽ صاف پاڻي نه ملڻ ڪري شهرين ۾ ڪامڻ معدي ۽ گردن جون بيماريون وڌڻ لڳيون پبلڪ هيلٿ کاتي پاران بنهي آر او پلانٽ جي سنڀال ۽ صفائي نه ڪرڻ سبب پلانٽ جا پائپ زنگجي ختم ٿي ويا،شهري صاف پاڻي نه ملڻ ڪري مشڪلات کي منهن ڏيڻ لڳا، شهر جي سجاڳ ڌرين پبلڪ هيلٿ آفيسرن ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته وڏي آبادي رکندڙ ڳڙهي ياسين شهر جي بنهي آر او پلانٽن کي فعال بڻائي شهرين مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 21 ساڙي ڇڏيو

موجب نامعلوم شرپسندن ڪوٺن ڪاٽ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو جنهن ڪري 20 لک روپين کان وڌيڪ نقصان پهتو آهي

بقايا 22 جي ڪلي ڪچهري

تعلقه ايجوڪيشن آفيسر شير محمد ابڙو، نياز علي ڪوسو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

شهرين ، ڳوٺاڻن هاري ڪارڊ نه ملڻ ، بي آءِ ايس پي جي قسط جا پئسا نه اچڻ ، شهر ۾ صفائي نه ٿيڻ ، حددخلين ، گئس پريشر گهٽ هجڻ ، شهر ۽ تعلقي ۾ بدامني خلاف لکت توڙي زباني شڪايتون ڏنيون ريجنل محتسب موقعي تي شڪايتن جو نوٽيس ورتو ۽ آفيسرن کان پڇا ڪئي ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب دادو سيد امداد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وفاقي محتسب ۽ محتسب اعلي سنڌ ڊاڪٽر سهيل احمد راجپوت جي حڪمن تي دادو ۽ جامشورو ضلعي جي عوام کي سرڪاري ادارن ۾ عوام جا جائز ڪم نه ٿيڻ بابت شڪايتون ٻڌڻ وڃون ٿيون اسان کي لکت ۾ شڪايتون ڏنيون وڃن ان تي قانون مطابق عمل ڪيو ويندو مون کي ميهڙ ۾ مختلف ڪاتن خلاف 50 کان مٿي شڪايتون ۽ درخواستون مليون آهن جن کي لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن کان رپورٽ وٺي حل ڪيو ويندو هن چيو ته ڪوتاهي ڪندڙ آفيسرن کي قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي هن چيو ته روينيو ۾ زمين جي رڪارڊ جي ڦير ڦار ، فوتي کاتو يا سيل سرٽيفڪيٽ ، يا پوليس ۾ جائز ڪيس داخل نه ٿيڻ ، جائز ڪم تي رشوت طلب ڪرڻ ، اسڪولن ۾ استادن جو نه اچڻ ، فرنيچر جي کوٽ ، شهر ۾ صفائي سٿرائي ، اسپري نه ڪرڻ ، سرڪاري ملازمن کي ڪريزي ۾ جائز ڪم پينشن ، جي پي فنڊ ۾ رشوت وٺڻ ، اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ ۽ ڊاڪٽرن جي غيرحاضر رهڻ خلاف شڪايتون درج ڪرائي سگهجن ٿيون اسان جي اداري جو ڪم عوام جي جائز مسئلن کي حل ڪرڻ آهي

بقايا 23 لاڏاڻو ڪري ويو

صحافين سياسي ۽ سماجي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنازي نماز بعد مرحوم کي سوڳوار ماحول ۾ ابائي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي وفات سبب علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئيل رهي جڏهن ته وارثن ۽ عزيزن سوين آلين اکين سان آخري الوداع ڪيو مرحوم جو ڏاڏو ڳوٺ شهداد خان بروهي ۾ رهايو ويو آهي جتي تعزيت جو سلسلو جاري آهي. مرحوم جي پوٽرن غلام مصطفي بروهي، حضور بخش بروهي، علي نواز بروهي سميت خاندان جي ٻين فردن سان علائقي واسين، دوستن ۽ مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن تعزيت ڪندي دعا ڪئي آهي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ سوڳوار خاندان کي صبر جميل عطا ڪري .

بقايا 24 تعزيت جو سلسلو

ڪائونسل نيباهو پورا جي چيئرمين رئيس چاڪرخان پرهياڙ ٽڏي تي پهچي تعزيت ڪندي ڏک جواظهارڪيو سينئرصحافي سخي غلام حسين خاصخيلي جي مامي سهري حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي فنانس سيڪريٽري جاني خاصخيلي جي مامي ۽قاضي احمد جي صحافي جان محمد خاصخيلي جي والد معزز شخص حاجي علي محمد خاصخيلي جي لاڏاڻي تي تعزيت جوسلسلوجاري آهي

بقايا 25 نوجوان فوت

ٿي ويو ۽ سنڌس والد جيرام اوڊ سخت زخمي ٿي پيو اطلاع ملندي ٿي مقامي ماڻهن ۽ امدادي ٽيمون موقعي تي پهچي فوت ٿيل نوجوان جي لاش ۽ زخمي والد کي فوري طور ڏوروناررو رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو جتي زخمي جي حالت نازڪ ٻڌائي وڃي ٿي. ذريعن موجب فوت ٿيل اشوڪ اوڊ پنهنجي والد سان گڏ عمرڪوٽ شهر مان پاڇيون خريد ڪري ڏوروناررو واپس وڃي رهيو هو ته رستي ۾ هي افسوسناڪ حادثو پيش آيو واقعي کانپوءِ علائقي ۾ سوڳ جي فضا ڇانئجي وئي

بقايا 26 ڏنڊ

پاڪر پارائي ڪير ڪند ڪيو ويو خبر موجب ڪڪڙ پرسان ٿرڙي جادو شهيد لڳ ڳوٺ ڪوٽ باجو ۾ 2 سال اڳ پلاٽ جي معاملي تان حسن قمبراڻي ۽ غلام مصطفي قمبراڻي وچم هلندڙ خوني تڪرار تان مارجي ويل ذوالفقار علي عرف پٺو پٽ دين محمد قمبراڻي ۽ محمد رمضان پٽ علي گوهر قمبراڻي جي ٻن خونن جو نبيرو ڪالهه جهانگارا بااجارا لڳ ڪٿي ۾ سردار حاڪم خان نوحاڻي جي رهائشگاهه تي سنڌس سرپنچي ۾ ٻن خونن جو نبيرو ڪيو ويو نبيري ۾ مقتول جي ڌر جا رئيس نورالدين قمبراڻي ۽ قربان مغيري ۽ جوابدار ڌر مان امام بخش قمبراڻي ۽ بهرام خان برهماڻي مشير طور شريڪ ٿيا فيصلي ۾ رئيس محمد بچل قمبراڻي محمد صادق سولنگي سميت وڏي انگ ۾ مختلف برادرين جي معزز ڇڱن مڙسن شرڪت ڪئي فيصلي ۾ بنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ کانپوءِ فيصلي ۾ غلام مصطفي قمبراڻي واري ڌر ڏوهي قرار ڏيندي ٻن سئوٽن ذوالفقار عرف پٺو قمبراڻي ۽ محمد رمضان قمبراڻي کي قتل ڪرڻ جو خون ثابت ٿيڻ کانپوءِ مجموعي طور هڪ ڪروڙ 96 لک روپيا ڏنڊ وڌو ويو جنهن ۾ في خون ڏنڊ 98 لک روپيا مقرر ڪئي وئي ڏنڊ جي رقم هفتي اندر جوابدار ڌر مقتول ڌر جي محمد حسن قمبراڻي کي ادا ڪندي جنهن ڪانپوءِ جوابدار ڌر معاف قتل ڪيس تان هٿ ڪڻنديون فيصلي کان پوءِ بنهي ڌرين پاڪ ڪتاب تي هٿ رکي فيصلو قبول ڪيو ۽ ڪير ڪند ٿي پراڻا اختلاف ختم ڪري امن قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو ياد رهي ته ڦلجي وليج ٿاڻي جي حد ڳوٺ باجو ڪوٽ ۾ 2 سال اڳ محمد حسن قمبراڻي ۽ غلام مصطفي وچ ۾ پلاٽ جي معاملي تان جهيڙي دوران محمد حسن جي ڌر جا 2 نوجوان مارجي ويا هئا ۽ ڌريون مورچابند هيون خوف هراس ڇانئيل هو فيصلي جي نبيري ڪانپوءِ علائقي اندر خوشي جي لهر ڇانئجي وئي آهي

بقايا 27 گرفتار ظاهر

۽ ڊي آءِ جي ميرپورخاص جي خصوصي ٽيم جي گڏيل ڪوشش سان ڏينهن رات محنت هڪ ورتل پنجن ڏينهن جي مهلت باوجود رڳو 24 ڪلاڪن اندر جوابدار کي قانون جي گرفت ۾ آندو ويو ايس ايس پي موجب جوابدار جي گرفتاري سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان عمل ۾ آندي وئي، جڏهن ته واقعي جي هر پهلوءَ کان جاچ جاري آهي هن وڌيڪ چيو ته جوابدار جو جسماني ريمانڊ حاصل ڪرڻ کان پوءِ وڌيڪ جاچ ڪئي ويندي ته جيئن ڪيس کي مضبوط بنيادن تي منطقي انجام تائين پهچايو وڃي ايس ايس پي عذير احمد ميمڻ پنهنجي پوري ٽيم کي شاندار ڪارڪردگي تي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته پوليس ڏوهن ۾ ملوث عنصرن خلاف بنا امتياز ڪارروايون جاري رکندي، مقتول اسماعيل سميجو جي وارثن جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪري وڌيڪ شاهدي ۽ ثبوت گڏ ڪري ڪيس کي اڃان مضبوط بڻايو ويندو رهيل بن اڻ ڄاڻل جوابدارن کي ب جلد ظاهر ڪري گرفتار ڪيو ويندو هوڏانهن هن ڪيس جي جاچ آفيسر سب انسپيڪٽر بهادر خاصخيلي ڪيس جي باقاعده جاچ شروع ڪندي ڪيس جي فريادي مقتول جي والد جمال الدين سان گڏجي واردات واري هنڌ جو معائنو ڪيو فريادي ۽ پرياسي جي ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪئي هن چيو ته هن المناڪ واقعي جي ايس ايس پي عمرڪوٽ جي نگراني اڻ ڌري ۽ شفاف جاچ ڪري پيا

بقايا 28 شڪ ظاهر

آهي، وارثن مطابق سليم ملاح جو موبائيل فون به بند آهي شڪ آهي ته آغوا ڪيو ويو آهي. پورهيت سليم ملاح سبزي ڪٽي ويندڙ ڳاڏي جو منشي هو پاڻ گذريل ڏينهن کان غائب ٿي ويو آهي پورهيت سليم ملاح جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي سخت پريشان آهيون

بقايا 29 تلهه رڪ

پورهيت منظور علي وس وارن کي مدد جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 30 ريپا ڦري ويا

ڦري ويا، اعجاز مهر ۽ انعام ڪلوڙ گهوٽڪي جي بئنڪ مان 38 لک رقم ڪڍرائي عادلپور وڃي رهيا هئا ت مسو خان وٽ ڪي نامعلوم هٿيارٻندن روڪ رقم ڦر ڪرڻ بعد ڳوليون هڻي اعجاز مهر کي زخمي ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا، زخمي کي تعلقا اسپتال گهوٽڪي مان طبي امداد بعد رحيميارخان جي اسپتال منتقل ڪيو ويو اعجاز مهر بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جو عادلپور جو رڪيلر هو

بقايا 31 حوالي ڪيو ويو

پوليس حوالي ڪيوسين. راڻي پور ۽ پرياسي جي چورين جو سلسلو ڪجهه وقت کان جاري آهي. پوليس ان تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي جڏهن ته چوري جي الزام هيٺ آيل ٻه نيگريون ڏانهون رڙيون ڪوڪون ڪندي روئيندي نظر آيون ۽ ٻڌايائون ته هو چوري ڪرڻ لاءِ نه پر پنڻ لاءِ دڪان تي آيون هيون. نياڻين جو چوڻ هو ته هو غريب آهن ۽ روزگار نه هجڻ سبب مجبوريءَ تحت پنڻ تي مجبور آهن ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي جڏهن ته ٿنهي جنن کي پوليس ڪين کي ٿاڻي تي رٺي رئي.

بقايا 32 ڪرائڻ جو حڪم

ڏئي ڇڏيو آهي ته انهن تمام پوليس وارن تي قتل جو ڪيس داخل ڪري ڪين قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن پهريان مقتول جي وارثن پاران سنجهورو ۾ بجو بادشاهه چوڪ تي لاش رکي سنجهورو پوليس خلاف ڌرڻو پڻ هنيو هيو مقتول جي وارثن سنجهورو پوليس تي الزام هنيو ته سنڌن نوجوان کي پوليس گرفتار ڪري قتل ڪيو آهي جڏهن سنجهورو پوليس وارثن جي الزامن کي رد ڪندي موقف اختيار ڪيو هو ته مقتول ارشد عرف اشروڪورڪاٽي ڏوهاري هو جنهن تي مختلف ٿاڻن تي ڪيس به داخل هئا جيڪو ٿر جي ارادي سان سان ڪنگ پٽي موري تي پوليس چيڪنگ دوران پاڻ کي گولي هڻي خودڪشي ڪئي هئي جڏهن پوليس سنڌس هڪ ساٿي راڻا مزمل کي گرفتار ڪيو هو

بقايا 33 اسپتال منتقل

ملي واقعي بعد صحافين پاران ڊي ايڇ او دادو کي بار بار فون ڪرڻ تي صرف نرسنگ اسٽاف اسپتال پهتو جنهن ٻڌايو ته ڊاڪٽر صرف ڏينهن جي ڊيوٽي ڪري هليا ويندا آهن، رات جي وقت اسان وٽ ڪا به سهولت موجود ناهي"مريض جي حالت وڌيڪ خراب ٿيڻ بعد ڪيترن ڪلاڪن کان پوءِ 1122 ايمبولينس ذريعي ڪيس تعلقا اسپتال منتقل ڪيو ويو.ان موقعي تي زرداري برادري جي ماڻهن ميڊيا اڳيان ڌانهن ڪندي چيو ته: اسان کي ڪيترا ڪلاڪ گذري چڪا آهن پر هتي ڪنهن به سار سنڀال نه ڪئي.اسپتال ۾ علاج بدران مريض تڙپندو رهيو"هنن صدر پاڪستان آصف علي زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ محترمه فريال ٽالپر کان اپيل ڪئي ته سرڪاري اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن جي غيرحاضري جو سخت نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن مستقبل ۾ ڪنهن ٻئي جي جان ضايع نه ٿئي

بقايا 34 سيمينار

شهر بڻائڻ لاءِ تجويز ڪيل ماسٽر پلان جو تفصيلي جائزو ورتو ويو سيمينار ۾ شهر جي مستقبل جي ترقياتي رٿ اڳوڻن مشاورتي اجلاسن دوران اسٽيڪ هولڊرز پاران پيش ڪيل سفارشون ۽ تجويزن ۽ شهري منصوبابندي جي اهم پهلوئن تي جامع بحث ڪيو ويو تقريب جو بنيادي مقصد اهم اسٽيڪ هولڊرز کي هڪ پليٽفارم تي گڏ ڪري هالا شهر لاءِ ڊگهي مدي پائيدار شهري ترقي جي حڪمت عملي بابت مقامي راءِ ۽ تجويزون حاصل ڪرڻ هو سيمينار ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ڪو اقراء جنت، اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر سينيئر سرڪاري عملدارن، پلاننگ ڪنسلٽنٽن، سياسي نمائندن، مختلف سرڪاري کاتن ۽ شهري ادارن جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سيمينار کي خطاب ڪندي ارين ريجنل پاليسي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ذوالفقار علي ڪنڀار ڊپٽي ڊائريڪٽر نبيش اختر ميمڻ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر علي مراد ابڙو ۽ ڪنسلٽنٽ سيد بابر علي شاهه شرڪت ڪندڙن کي هالا جي ماسٽر پلان جي تياري، مقصدن ۽ مختلف فني پهلوئن بابت تفصيلي آگاهي ڏني هنن زور ڏنو ته مقامي سطح تي عوامي شموليت ۽ اسٽيڪ هولڊرز جي صلاح مشوري سان ئي اهڙو منصوبو تيار ٿي سگهي ٿو جيڪو شهر جي حقيقي ضرورتن کي پورو ڪري سگهي اي اي ڪنسلٽنگ جي نمائندي سيد بابر علي شاهه ٻڌايو ته هالا جو ماسٽر پلان سنڌ حڪومت جي ان جامع منصوبي جو حصو آهي جيڪو 2013 ۾ سنڌ جي وڏن شهرن جي منظم ترقي لاءِ شروع ڪيو ويو هو هن چيو ته هينئر تائين 17 شهرن جا ماسٽر پلان مڪمل ٿي چڪا آهن جڏهن ته هالا، ٽنڊو آدم، ڪوٽڙي ۽ مورو سميت ڪيترن شهرن تي ٽئين مرحلي تحت ڪم جاري آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته ماسٽر پلان اينڊڙ ويهن سالن جي ضرورتن کي نظر ۾ رکي تيار ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ صحت، تعليم، پاڻي جي فراهمي، صفائي سٿرائي، ٽرانسپورٽ، گرين بيلٽس، ماحولياتي تحفظ ۽ ٻين بنيادي شهري سهولتن تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي. ڊپٽي ڊائريڪٽر ذوالفقار علي ڪنڀار چيو ته هالا تاريخي ۽ ثقافتي ورثي جو حامل شهر آهي پر غير منظم آبادي جي تيزي توسيع سبب منظم اڳوات شهري منصوبابندي انتهائي ضروري بڻجي وئي آهي هن چيو ته غير منظم ترقي وسيلن تي اضافي بار وجهي سگهي ٿي ۽ بنيادي ڍانچي جي سنگين مسئلا ڊريش ٿي سگهن ٿا هن شهري نمائندن ۽ اسٽيڪ هولڊرز کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجون تجويزون ۽ مقامي ڄاڻ فراهم ڪن ته جيئن ماسٽر پلان موثر ۽ نتيجن پرپو بڻجي سگهي. سيمينار دوران سوال ۽ جواب ۽ خيالن جي ڏي وٺ جو سيشن پڻ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن شهر جي مجموعي ترقي، سهولتن جي بهتري ۽ پائيدار شهري منصوبابندي بابت پنهنجون قيمتي تجويزون پيش ڪيون

بقايا 35 احتجاج

ڪرپشن ڪري فرار ٿي ويو آهي جنهن جون شڪايتون اسان بالا آفيسرن کي ڪيون آهن پر ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي انهن وڌيڪ چيو ته ارشد اٿو کي سياسي آشرواد حاصل آهي جنهن ضلعي ميٽاري ۾ ڪيترن ئي اسڪيمن ۾ ڪروڙين رپين جي ڪرپشن ڪئي آهي اسان وزير اعلي سنڌ ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ کان مطالبو ٿا ڪيون ته ڪرپٽ ٺيڪيدار خلاف قدم کڻي اسان جي ڳوٺن جا رهيل ترقياتي ڪم مڪمل ڪرايا وڃن.

بقايا 36 وڪرو ٿي ٿو

ڪري رهيا آهن جنهن ۾ سنڌ سرڪار واري سستي اٽي ڪرڻ واري اعلان تي ڪو به عمل ٿي نه سگهيو آهي ، شهري حلقن جو چوڻ آهي ته خوراڪ کاتي جي طرفان علائقي ۾ مهانگو اٽو وڪرو ڪرڻ جو سختي سان نوٽيس ورتو وڃي ، سستي اٽي لاءِ شهر جي واپاري مرڪز اندر اسٽال لڳايا وڃن ته جيئن غريب مسڪين ماڻهن کي مهانگي اٽي بجاءِ سستو اٽو خريداري لاءِ ملي سگهي . هوڏانهن واپارين جو چوڻ آهي ته حيدرآباد فلور ملز مان 37 ڪلو واري ڪٽي جو اگهه 4600 روپيه مقرر ٿيل آهي جنهن جي ڪري واپاري 130 روپيه في ڪلو اٽو وڪرو ڪري رهيا آهن حڪومت کي سستي اٽي لاءِ پاڻ قدم کڻڻ گهرجن.

بقايا 37 وفات ڪري ويو

جمالي شاهنواز جمالي صدر جمالي جو والد ۽ ڪاءُن ڪاميٽي ٽنڊوباگو جو چيرمين خان صاحب جمالي جو ڏاڏو حاجي راڻون خان جمالي هڪ سو سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز سنڌس ابائي ڳوٺ حاجي سونو خان جمالي ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ لاڙ چونڪي جو مک خليفو لال بخش احمداڻي پير سيد شاهه محمد شاهه راشدي ٽنڊوباگو جو ايم پي اي ارباب امير امان الا بدين جو ايم پي اي حاجي تاج محمد ملاح ڊيپلو جو ايم پي اي ارباب لطف الا ڊپٽي ڪمشنر بدين جي اڪاءونٽ آفيسر فوٽو خان ڪوکر مختيار ڪار ٽنڊوباگو لال محمد ٻجير ڊاڪٽر غلام قادر بليدي ڊي ايس پي ٽنڊوباگو راجڪمار لوهاڻو ايس ايڇ او ٽنڊوباگو الطاف حسين شاهه ايم ايس ٽنڊوباگو ڊاڪٽر وقار احمد ميمڻ پروفيسر عبدالا ملاح ايڊ وڪيٽ راجا زمان زعور ايڊوڪيٽ احسان علي خواجا خليفو غلام مصطفا ڪلهوڙو سيٺ نواز خواجا مير منير احمد ٽالپر مير ريحان ٽالپر بدين پريس ڪلب جي تنوير احمد آرائين سيٺ رفيق احمد ميمڻ سيٺ ننگر ميمڻ سيٺ عبدالستار پان حاجي سليم ميمڻ انور علي عباسي يوسف ميراڻي نصرالا جروار محمد ملاح سيد خداڏنو شاهه وڏيرو غلام محمد دل پٽو دل علم الدين دل سميت شهرين راڄن جي ڇڱن مڙسن صحافين سياسي سماجي شخصيتن ۽ هزارين ماڻهن مرحوم جي جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي ۽ مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا گهري وئي.

بقايا 38 گودام کي باهه

اطلاع تي ريسڪيو 1122 ، فائر برگيڊ عملي ، پوليس پهچي باهه وسائڻ جي عمل کي شروع ڪيو ، اطلاع تي ميئر عبدالرئوف غوري ، ايس ايس پي ميرپورخاص سمير نور چنا ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر غلام حسين ڪانهيو واقعي واري هنڌ پهچي ويا ۽ باهه وسائڻ جي عمل جي نگراني ڪندا رهيا ، جڏهن ت باهه تي ڪنٽرول ڪيو ، گودام جي مالڪ حاجي عبدالله ميمڻ ٻڌايو ت باهه شارٽ سرڪٽ سبب لڳي وئي ، باهه سبب لکين روپين جو ڪپڙو سڙي ويو آهي ، جڏهن ت گودام ۾ ڪم ڪندڙ مزدور بروقت نڪري ويا جنهن ڪري جاني نقصان کان بچي وياسين ، .

بقايا 39 جوابدار گرفتار

ڪئي آهي جڏهن ته ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي پاران جاري ڪيل پڌرائي ۾ چاڙهيو آهي ته دادو پوليس جي آءِ ٽي ٽيم جي جديد آءِ ٽي سسٽم جي ذريعي ٽريس ڪرڻ بعد ايس ايڇ او نئون ڳوٺ درگاهه مخدوم سعدي موسائٽي جي هڪ مسافر خاني تي ڇاپو هڻي روپوش جوابدار کي گرفتار ڪيو آهي گرفتار جوابدار محمود علي ولد روشن علي ڏوهه نمبر 904/2025 قلم 34، 420، F489 ت.پ موجب ضلع ملير ڪراچي جي ٿاڻي گڏاپ سٽي ۾ پوليس کي گهربل هيو جوابدار کي گڏيل ڪارروائي دوران گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي موجب ته دادو پوليس پاران ڏوهارين کي گرفت ۾ آڻڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي سميت تمام وسيلا ڪتب آندا پيا وڃن ته جيئن عوام کي محفوظ ماحول فراهم ڪري سگهجي ۽ ڏوهارن خلاف وڌيڪ ڪارروائي ڪري سگهجي

بقايا 40 هڪ ڄڻو گرفتار

سليم احمد داير رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته گمبٽ ٿاڻي جي سامهون بااثر سرڪاري پلاٽ تي قبضو ڪري اڏاوتي ڪم ڪرائي رهيو هو ته اچانڪ ايڊيشنل سيشن جج گمبٽ دورو ۽ قبضو ڪندڙ کي گرفتار ڪرائي ڇڏيو آهي سرڪاري زمين تي ڪنهن کي به قبضو ڪرڻ نه ڏنو ويندو قبضو ڪندڙ وٽ ڪا به الاٽمينٽ نه آهي قبضي ن ڙي جڳهه تي پرائيون ڪورٽون ۽ وڪيلن جون آفيسون هونديون هيون جيڪو به سرڪاري يا ڪورٽن جي پراپرٽي تي قبضو ڪندو ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 41 ڪٽوتي جاري

مسمات فتح خاتون مسمات گوري، مسمات عابده، مسمات مومل ۽ ٻين ڌانهيندي چيو ته ڊوائيس هلائيندڙ مجبور بکايل ۽ بيمارين ۾ ورتل مسڪين عورتن سان ڪليو ناحق ڪري رهيا آهن هنن چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان ملندڙ رقم ٿي سنڌن گذر سفر جو واحد ذريعو آهي پر ب ڪان ڪي هزار ڪٽوتي ڪري اسان مسڪينن جي حق تي ڌاڙو هڻيو پيو وڃي متاثر عورتن وڌيڪ چيو ته غريبن ۽ مسڪينن جي رقم مان غير قانوني ڪٽوتي ڪندڙ عنصرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ٻئي پاسي ڊوائيس هلائيندڙن جو چوڻ هو ته ڪٽوتي ڪيل رقم مان مختلف آفيسرن ۽ ٻين فردن کي پڻ حصو پئي ڏيڻو ٿو ۽ سيني کي خرچيون ڏيڻي راضي ڪندا آهيون ۽ پاڻ ب گذر سفر ڪيون ٿا .هوڏانهن ميڊيا ۾ خبرون اچڻ بعد ايس ايس پي شهيد بينظير آباد شبير سيٺار معاملي جو نوٽيس وٺندي ضلعي جي سمورن ڊي ايس پيز ۽ ايس ايڇ اوز کي سخت هدايتون جاري ڪيون آهن ته بيوه ۽ غريب عورتن جي رقم مان غيرقانوني ڪٽوتي ڪندڙ خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي هن چيو ته ڪنهن به شخص کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو ايس ايس پي موجب اهڙن عنصرن کي گرفتار ڪري متن قانون موجب ڪيس داخل ڪيا ويندا

بقايا 42 ڏنيون ويون

اينڊ ايڇ آر امتياز قاضي ميمبر بورڊ آف گورنرز قاسم علي سومرو ڊين مينيجمينٽ سائنسز ڊاڪٽر لاکي محمد، ڊين ڪمپيوٽر سائنس ڊاڪٽر فراز جوڻيجو رجسٽرار ڊاڪٽر محمد عقيل ڊاڪٽر شهزاد هارون فيڪلٽي ميمبرن سميت شاگردن شاگرديائين ۽ سنڌن والدين شرڪت ڪئي تقريب جي شروعات قومي ترانئي سان ڪئي وئي جنهن کان بعد شاگرد ۽ شاگرديائين مارچ ڪري ڪانووڪيشن ۾ شرڪت ڪئي ڪانووڪيشن ۾ مجموعي طور 225 گريجوئيٽ کي ڊگريون ڏنيون ويون ان کان علاوه چانسلر آنر رول ۾ 53 هئا. جڏهن ته 3 انڊر گريجوئيٽ ۽ 3 پوسٽ گريجوئيٽ کي گولڊ ميڊلن 5 انڊر گريجوئيٽ ۽ 4 پوسٽ گريجوئيٽ کي سلور ميڊل سان نوازيو ويو خاص مهمان ڪمشنر لاڙڪاڻو طاهر حسين سانگي خطاب ڪندي چيو ته اسان زيبسٽ يونيورسٽي لاڙڪاڻو ڪئمپس جي 20 هين گريجوئيشن تقريب ۾ گڏ آهيون جيڪا شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي بصيرت ۽ قيادت سان قائم ڪئي وئي. منهنجي سنڌ ۽ خاص طور تي لاڙڪاڻو سان مضبوط تعلقات هن موقعي کي منهن لاءِ وڌيڪ اهم بڻائين ٿا، ڇاڪاڻ ته هي نه رڳو سنڌ جو اهم شهر آهي پر پاڪستان جو به آهي جتي بصيرت وارا اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو پيدا ٿيا. اڄ اسين شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو هڪ اهم پيغام نوجوان نسل لاءِ ورجائڻ ٿو چاهيان. منهنجو پيغام نوجوان نسل لاءِ جن وٽ قيادت جو مشعل پهچندو اهو آهي ته تعليم، صحت، سماجي بهتري، ۽ حڪومت تي ڌيان ڏيو زيبسٽ يونيورسٽي ڀٽو خاندان جي لاڙڪاڻو ۽ پاڪستان جي عوام لاءِ تعليمي خدمت جو ثبوت آهي گذريل 25 سالن ۾ زيبسٽ نه صرف بهترين تعليم فراهم ڪئي آهي پر قيادت کي فروغ ڏنو ڪميونٽي ڊوليپمينٽ ۾ حصو ورتو جديد طريقن کي اپنائڻ سان گڏ اعليٰ معيار کي برقرار رکيو محترمه چيئرپرسن بي بي بختاور ڀٽو ۽ معزز چانسلر ڊاڪٽر آزرا فضل پيچوهو جي متحرڪ قيادت هيٺ زيبسٽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڏسڻ واري پاڪستان کي ٽيڪنالاجيڪل لحاظ کان خودمختيار ۽ سائنسي ميدان ۾ ڪامياب بڻائڻ جي ڪوشش جاري رکي آهي هن چيو ته اڄ توهان جي ڪاميابي ڏسڻ فخر ۽ خوشي جو لمحو آهي هي صرف هڪ تقريب ناهي پر ويڙهه محنت ۽ مستقبل جي واعدي جو جشن آهي توهان جو سفر بهترين ليڪچر هال کان وٺي هن اعليٰ اسٽيج تائين ثابت قدمي، حوصلي ۽ ڪاميابي جي تلاش جو علامت آهي اڄ توهان صرف گريجوئيٽ نه آهيو توهان يونيورسٽي جا گريجوئيٽ جا مشعل بردار آهيو علم جدت ۽ ترقي جا مشعل بردار آهيو جيئن شهيد محترمه بينظير ڀٽو چيو ته "اڄ جو نوجوان ڪالهه جو اڳواڻ هوندو توهان جي تعليم توهان جو ويڙهه ۽ توهان جي ايمانداري اسان جي ملڪ جو مستقبل تعين ڪندي" توهان جو ڊگري سرٽيفڪيٽ صرف هڪ دستاويز ناهي، اها هڪ ذميواري آهي. پنهنجو علم سماج جي خدمت، مسئلا حل ڪرڻ ۽ موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪريو

بقايا 43 شمس پالاري

نثار زرداري ۽ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (SBCA)جي عملدار موجود هيا گڏيل ٽيم صنعتي علائقن ڪارخانن ۽ تجارتي مرڪزن جو تفصيلي جائزو ورتو جتي فائر الارم سسٽم ايمرجنسي ايگزٽس فائر فائٽنگ اوزارن وائرنگ ۽ حفاظتي انتظامن جي جاچ ڪئي وئي ان موقعي تي ڪارخانن جي ايڊمين ۽ مينجر سميت عملي کي باهه لڳڻ جي صورت ۾ فوري ريسپانس محفوظ نڪرڻ ۽ ايمرجنسي سروسز سان رابطي بابت عملي آگاهي پڻ ڏني وئي اسسٽنٽ ڪمشنر آصف سومرو چيو ته نوري آباد هڪ اهم صنعتي علائقو آهي جتي فائر سيفٽي قدمن تي سختي سان عمل ڪرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن خبردار ڪيو ته حفاظتي قاعدن جي پيچڪڙي ڪندڙ ادارن خلاف بنا ڪنهن رعايت جي قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ريسڪيو 1122 ۽ سول ڊفينس جي عملدارن پاران عملي مظاهرو ڪندي فائر سيفٽي بابت بنيادي احتياطي قدم پڻ سمجهايا ويا جڏهن ته SBCAعملدارن بلڊنگ سيفٽي ۽ قانوني گهرجن بابت هدايتون جاري ڪيون انتظاميه طرفان واضح ڪيو ويو ته اهڙيون گڏيل ڪارروايون مستقبل ۾ به جاري رهنديون ته جيئن نوري آباد ۾ ڪنهن به امڪاني حادثي کان اڳ بچاءُ کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو

بقايا 44 لاڏاڻو ڪري ويو

حوالي ڪيو ويو پوئيرن پاڻڻ ممتاز بوزدار مصري خان بوزدار بخشڻ بوزدار مڙس اعظم بوزدار پٽن غلام حسين . قاضي بوزدار سان ڳوٺ طيب بوزدار ۾ تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي .

بقايا 45 9جوابدار گرفتار

ڪامران چانڊيو ، ظفر بزدي ، نور احمد ڪاتيار ، جهانگير پٺاڻ ، ستار رند ، ممتاز رند کي گرفتار ڪري 10 ڪلو کان وڌيڪ چرس ، وڏي مقدار ۾ مين پوڙي گهٽڪي جو تيار ٿيل ذخيرو، منشيات جي وڪري ۾ استعمال ٿيندڙ رڪشا کي هٿيڪو ڪري جوابدارن جي خلاف الڳ الڳ ٿاڻن تي منشيات حدود آرڊيننس جا ڪيس داخل ڪري گرفتاري ظاهر ڪري ڇڏيو آهي ، ايس ايس پي حسيب جاويد سومار ميمڻ چيو آهي ته علائقي مان منشيات جي مڪمل خاتمي لاءِ پوليس ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ منشيات فروشن کي هاٿي لکڻ جي ڪا به جڳهه ملي نه سگهندي ، پوليس ضلعي ٽنڊو محمد خان جيڪ سمورن علائقن ۾ پوليس اهلڪارن کي الرٽ ڪري ڇڏيو آهي ته جيئن منشيات جو مڪمل خاتمو آڻي علائقي کي منشيات کان مڪمل آجو بڻائي علائقي جي نوجوان نسل کي منشيات جي واهپي کان بچايو وڃي

ڪلوئي پرسان حادثي جو زخمي ٿيل نوجوان حيدرآباد اسپتال ۾ فوت، لاش رکي احتجاج

پوليس ۽ ٽرڪ مالڪ پاران نوجوان تي منشيات ۽ موالي جو الزام هڻي دٻاءُ وجهي رهيا آهن:وارث

ڪلوئي پوليس ۽ ٽرڪ جو بااثر مالڪ خون کي پوڙڻ چاهي ٿو ظلم جي انتها ٿي آهي انصاف ڪيو وڃي

آئون ٿاڻي تي ويس ته ڪلوئي پوليس چيو ته تنهنجو پٽ منشيات فروش آئيس هلائي ڌمڪيون ڏنيون ويون

ڪلوئي (ن ع) ڪلوئي پرسان هڪ هفتو اڳ ٽرڪ جي موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ زخمي ٿيل اٺين ڪلاس جي شاگرد واڳو لال ٻٽي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو وارثن پاران پوليس مٽي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪلوئي: روڊ حادثي سبب هفتو اڳ بيهوش رهندڙ اسڪولي شاگرد عطا محمد لنڊ جيڪو اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

راڻي پور لڳ ڪار جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت

قومي شاهراه تي پيش آيل حادثي ۾ رئيس علي نواز شاهاڻي زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال آندو ويو جتان نازڪ حالت هجڻ ڪري سکر نيو پي ويو ته رستي ۾ دم ڏنو

راڻي پور(ن ع) ڪنڊيجي جي ڳوٺ محمد بچل جو رهواسي رئيس علي نواز شاهاڻي پنهنجي موٽر سائيڪل ڳوٺان راڻي پور اچي رهيو هو ته ڪيس جو تيز رفتار ڪار سان ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو جنهن تي اتي موجود مقامي ماڻهن راهه ويندڙ شديد زخمي حالت ۾ رورل هيلٿ سينٽر راڻيپور پهچايو جتان سندس حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ سبب ڪيس گمس اسپتال گمبٽ ريفر ڪيو ويو گمس اسپتال ۾ ابتدائي طبي امداد ڏيڻ کان پوءِ به حالت ۾ سڌارو نه اچڻ سبب زخمي کي وڌيڪ علاج لاءِ سکر جي هڪ نجي اسپتال بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

شهدادپور لڳ پرائمري اسڪول ۾ جاڳرتا حوالي سان تقريب، شاگردن تقريري مقابلا، ٽيبلوز پيش ڪيا

شهدادپور(ن ع) لاٽ پرائمري اسڪول گوڏڙ کوکر ۾ جاڳرتا پروگرام رکيو ويو جنهن ۾ ثقافتي لباس پهري ٻارڙن تلاوت قرآن پاڪ،حمد باري تعاليٰ نعت شريفون، تقريري مقابلا ،قومي گيت ٽيبلوز جا مظاهرا پيش ڪيا جن ۾ شاگردن جي صلاحيتن اعتماد، محنت ۽ قابليت کي اجاگر ڪيو ويو ان موقعي تي پرنسپل انور علي بروهي خطاب ڪندي چيو ته اسان جو مقصد ٻارن ۾ خود اعتمادي پيدا ڪرڻ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

Laat Primary School

شهدادپور: مقامي اسڪول ۾ ٿيل تقريب ۾ ٻارڙيون ثقافتي لباس پائي شريڪ آهن

پرياسٽي لڳ درويش صفت نينگر جو ڳهٽا ڏنل لاش هٿ، وارثن جو قومي شاهراه تي ڌرڻو

قومي شاهراه الاذان پيٽرول پمپ پرسان 13 ورهين جي علي حيدر بروهي جو لاش هٿ آيو

اطلاع تي وارثن پهچي قومي شاهراه تي رڪاوٽون وجهي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو

اسان جي نينگر کي ظالم جوابدارن بي دردي سان قتل ڪيو ويو آهي پر 2 ڪلاڪ گذرڻ باوجود پوليس ناهي پهتي: مظاهرين

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي پرسان قومي شاهراه الاذان پيٽرول پمپ پرسان درويش صفت 13 سالن جي نينگر علي حيدر بروهي ولد محمد خان بروهي جو لاش هٿ آيو آهي وارثن لاش رکي قومي شاهراه بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي - درويش صفت نينگر جو هٿ آيل لاش

پنوعاقل لڳ ڦر مزاحمت تي هٿيارٻندن هٿان ڳوٺاڻو قتل

جسڪاڻي ڳوٺ پرسان هٿيارٻند ثناءُ الله گبول کان موٽرسائيڪل ڦر ڪوشش ڪئي

هٿيارٻندن مزاحمت ڪرڻ تي نوجوان کي گوليون هڻي فرار ٿي ويا، وارثن جو احتجاج

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ قومي شاهراه تي ڦر مزاحمت تي ڳوٺاڻو قتل جهانگڙو ٿاڻي جي حد جسڪاڻي ڳوٺ پرسان قومي شاهراه تي ثناءُ الله گبول کان هٿيارٻندن موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت تي هٿيارٻندن گوليون هڻي نوجوان کي قتل ڪري ڇڏي

پنوعاقل ويجهو چورن دڪان کي ڪاٽ هڻي لکين رپين جو سامان ٻهاري ويا

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ، ٻائيجي ٿاڻي جي حد ۾ دڪانن مان لکين رپين جو سامان چوري ڊياگير پوليس پڪٽ ۽ سي پيڪ پوليس پڪٽ جي وچ واري علائقي ڳوٺ موليڏنو ڪلهوڙو مان عبدالحفيظ ٻٽائي جي دڪان جا تالا ٽوڙي تقريباً 4 لک جو سامان چوري ڪري ويا.

بدين جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي ڦاهي جي سزا ٻڌائي ڇڏي

بدين (د ر) سيڪنڊ ڪيڏهه شهر سان تعلق رکندڙ جوابدار محبوب ملاح تي هلندڙ مقتول عثمان نوتيار جي قتل جو ڪيس ثابت ٿيڻ تي سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن بدين جي عدالت طرفان ڄاڻايل جوابدار کي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ ٽريڪٽر جي ٽڪر ۾ نينگري کي چيپائي فوت، گهر ۾ ڪهرام

سليو واهه ۾ لنڪ روڊ تي حادثي ۾ صبيحت ڌيءَ محمد اقبال سولنگي فوت ٿي وئي

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

خيرپور(د ر) خيرپور لڳ سليو واهه ۾ لنڪ روڊ تي تيز رفتار ٽريڪٽر جي ٽڪر ۾ معصوم نينگري صبيحت ڌيءَ محمد اقبال سولنگي چيپائي ڇڏيو جيڪا موقعي تي فوت ٿي وئي جنهن جو لاش سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته واقعي جي اطلاع تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي

ڪراچي: امدادي ڪارروائيون ختم ٿيڻ بعد سڙي ويل گل پلازا جو ڏيک

ٽرڪول بلاڪ 2 جي ڳوٺاڻن جو ريسيٽل نه ٿيڻ تي ڪٽ، فيبروري کان تحريڪ جو اعلان

ڳوٺ ٽارير هاليپوٽا 12 سال گذرڻ باوجود ريسيٽل نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن پاران ڪٽ جو انعقاد

متبادل جڳهه تي منتقل نه ٿيڻ ۽ بنيادي سهولتن کان محرومي سبب زندگي مشڪل ٿي وئي آهي: ڳوٺاڻا

پيئڻ جو پاڻي زهريلو، اسڪول ۽ صحت جون سهولتون اڻلڀ، روڊ ٽٽل، سهولتون ڏنيون وڃن

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:سڪندر علي بجير) ٽرڪول بلاڪ ٻه جي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڳوٺ ٽارير هاليپوٽا جي رهواسين 12 سال گذرڻ باوجود متبادل جڳهه تي منتقل نه ڪرڻ ۽ بنيادي سهولتن کان محروم رکڻ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

عبرت راڻي پور جي رپورٽر صحافي عبدالخالق گلال جي گاڏي مان چور بيٽري ڪڍي ويا

راڻي پور(ن ع) راڻي پور قومي شاهراه تي قائم سينئر صحافي عبدالخالق گلال جي هنڊا شوروم جي ٻاهران بيٺل ڪلٽس ڪار مان بيٽري نامعلوم چور ڪاهي فرار ٿي ويا واقعي جي ٿاڻي تي اين سي داخل، جڏهن ته راڻي پور ايس ايڇ او جاءِ واردات تي پهچي تفصيل ورتا جنهن بعد چوري ٿيل بيٽري واپس ڪرڻ جي يقين ڏياڻي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص: گرفتار ڪيل جوابدار لاڪپ ۾ بند آهي

اسسٽنٽ ڪمشنر ڇاڇرو آفيس اندر حملو، هوائي فائرنگ، ڌمڪيون

اسسٽنٽ ڪمشنر ڇاڇرو تي آفيس اندر 10 ڄڻن حملو ڪيو، هوائي فائرنگ پڻ ڪئي

ڇاڇرو پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي، ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي پڻ گاڏين جي چيڪنگ ۾ مصروف

مٺي (رپورٽ: ننڌلال لوهاڻو) اسسٽنٽ ڪمشنر ڇاڇرو محمد عثمان خاصخيلي تي سندس آفيس اندر 10 ڄڻن حملو ڪري ڇڏيو حملي دوران جوابدارن هوائي فائرنگ ڪئي گارگنڊ ڪئي ۽ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون واقعي جي رپورٽ ٿاڻي ڇاڇرو ۾ داخل ڪئي وئي آهي تفصيل موجب واقعو 28 جنوري 2026 ع تي ڏينهن جو هڪ وڳي پيش آيو جڏهن اسسٽنٽ ڪمشنر محمد عثمان خاصخيلي ڇاڇرو شهر جي مين بازار ۾ ٽريفڪ پوليس اهلڪارن سان گڏ غير قانوني طور بيٺل گاڏين ۽ پاري ٽرئفڪ کي وارننگ ڏئي رهيو بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص: حساس ادارن ۽ سياسي شخصيتن جا نالا استعمال ڪري بليڪ ميل ڪندڙ هڪ ٻيو گرفتار

رضا رند کي پهرين گرفتار ٿيل همايون مصطفيٰ گجر جي نشاندهي تي گرفتار ڪيو ويو، عدالت مان ٽن ڏينهن جو ريمانڊ حاصل

پوليس جاچ جو دائرو وڌائي ڇڏيو، رضا رند جي موبائل فون مان بينا ۽ سي سي ٽي وي رڪارڊنگ هٿ

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص ۾ حساس ادارن ، سياسي شخصيتن ۽ پوليس سميت ٻين ادارن جي عملدارن جي نالي ۾ شهرين کي هراسان ڪري بليڪ ميل ڪندڙ گروهه جو هڪ ٻيو اهم ڪارندو رضا رند پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي ، سندس گرفتاري پهرين گرفتار ٿيل همايون مصطفيٰ گجر جي نشاندهي تي ڪئي وئي آهي ، جڏهن ته گرفتار جوابدار رضا رند کي پوليس عدالت ۾ پيش ڪيو ۽ عدالت کيس ٽن ڏينهن جي ريمانڊ تي پوليس بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: نئين سبزي منڊي ۾ بصرن جون بوريون وڪري لاءِ رکيل آهن

محرابپور ۾ صحافي خادم حسين سومرو جو بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

محرابپور (ت-ر) پريس ڪلب ڦل جي خزانچي صحافي خادم حسين سومرو بااثر اسڪائر جي زيادتين ڌمڪائڻ خلاف احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ته رڪشا اسڪائر غلام نبي ڦل ڏانهن پئسا رهيل آهن جيڪي ڏيڻ بجاءِ ڌمڪائي رهيو آهي هن چيو ته بااثر اسڪائر غلام نبي ڦل گذريل هڪ سال کان ٽلهن آسرن ۾ رکڻ بعد هاڻ سچرجي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين جا آر او پاڻي جا پلانٽ مهيني کان بند، رهواسين پاران نوٽيس جو مطالبو

ڳڙهي ياسين (ن ع) شهر جا آر او پاڻي جا پلانٽ مرمتي ڪم نه ٿيڻ ۽ سار سنڀال نه ٿيڻ سبب هڪ مهيني کان بند،شهري پريشان ڳڙهي ياسين شهر جي سجاڳ ڌرين پاران آر او پلانٽ فعال ڪرائي ڏيڻ جي گهر ڳڙهي شهر ۾ پبلڪ هيلٿ کاتي جي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ لکين رپين جي ڪجين جي ٻارداڻي کي نامعلوم شرپسندن باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو

خيرپور(د ر) خيرپور لڳ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد واري ڳوٺ ۾ غلام شبير ڦليوٽو جي ڪجين جي ٻارداڻي کي نامعلوم شرپسندن باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو آباد گار بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب دادو سيد امداد علي شاهه جي کلي ڪچهري

شهرين ۽ ڳوٺاڻن هاري ڪارڊ، بي آءِ ايس پي ٿمسطن، صفائي، گئس ۽ بدامني جون شڪايتون ڪيون

عوام جا جائز مسئلا حل ڪرڻ ادارو جو مقصد آهي، سرڪاري شعبن جون شڪايتون مليون آهن: امداد علي شاهه

ميهڙ(ن ع) ريجنل ڊائريڪٽر محتسب دادو سيد امداد علي شاهه جي مختيارڪار آفيس ميهڙ ۾ کلي ڪچهري رکي وئي کليل ڪچهري ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ غلام فاطمه گهلو , زراعت , صحت , تعليم , روينيو , پوليس , گئس , بجلي , سنڌ بينڪ سميت ٻين کاتن جي آفيسرن مختيارڪار ميهڙ پرويز ملڪ , ايگريڪلچر آفيسر لياقت سولنگي , ايم ايس تعلقه اسپتال ميهڙ ڊاڪٽر عبدالوحيد دريائي , سئي سدرن گئس آفيسر علي اڪبر سوڍر، بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

مسوپرگڙهي صحافي غلام مصطفيٰ بروهي جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

جنازي نماز ۾ سوين ماڻهن، صحافين، سياسي ۽ سماجي شخصيتن شرڪت

مرحوم کي اباڻي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو، علائقي ۾ سوڳ جو ماحول ڇانيل

مسوپرگڙهي (ن ع) مسوپرگڙهي جي سينئر صحافي غلام مصطفيٰ بروهي جي والد جو لاڏاڻو جنازي نماز ۾ سوين ماڻهن جي شرڪت ڪئي تفصيل موجب : مسوپرگڙهي جي سينئر صحافي غلام مصطفيٰ بروهي جي والد عبدالله بروهي ڪجهه عرصي کان بيمار رهڻ بعد 75 سالن جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ علائقي جي سوين ماڻهن معززن بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

صحافي جان محمد خاصخيلي جي والد جي لاڏاڻي تي تعزيت جو سلسلو جاري

لياقت علي شاهاڻي، ڊاڪٽر پرڪاش مالهي ۽ نيباهو پورا جي نمائندن تعزيت ڪئي

حيدرآباد (اسحاق رپورٽر)صحافي غلام حسين خاصخيلي صحافي جاني خاصخيلي صحافي جان محمد خاصخيلي سان قاضي احمد شهر ۾ تعزيت جوسلسلو جاري پاڪستان پيپلزپارٽي ڪلچرل ونگ سنڌ جي سيڪريٽري جنرل لياقت علي شاهاڻي حيدرآباد جي ڊاڪٽر پرڪاش مالهي يونين بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ لڳ پاڇين سان ڀريل رڪشو ڪلٽي، نوجوان فوت، والد زخمي

ڪچي اسٽاپ لکو موري ويجهو رڪشي جي چين ۾ لوئي اچڻ سبب بي قابو ٿي ڪلٽي ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ اشوڪ اوڏ موقعي تي ئي فوت سندس والد جيرام اوڏ زخمي ٿي پيو

لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ڪارروائي مڙهه وارثن جي حوالي

عمرڪوٽ (د ر) عمرڪوٽ جي ڪچي اسٽاپ لکو موري ويجهو رڪشي جي چين ۾ لوئي اچڻ سبب پاڇين سان ڀريل رڪشو بي قابو ٿي ڪلٽي ٿيڻ سبب 30 ورهين جو نوجوان اشوڪ اوڏ موقعي تي ئي فوت بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ ناري تصويرن جي نمائش ڏسي رهي آهي

خيرپور لڳ دستي برادريءَ جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو، 2 ڄڻا زخمي

ڳوٺ ڀنڊڻ ۾ پلاٽ جي مالڪي تان جهيڙي ۾ ظفر ۽ علي نواز زخمي ٿي پيا

خيرپور(د ر) خيرپور لڳ ڳوٺ ڀنڊڻ ۾ پلاٽ جي مالڪي تان دستي برادريءَ جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ڏنڊا ۽ سوٽا لڳڻ ڪري 2 ظفر علي دستي علي نواز دستي سخت زخمي ٿي پيا آهن جن کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڏنڊا لڳڻ ڪري ظفر علي دستي جا 4 ڏند ڀڄي پيا.

ٽنڊوآدم ۾ ٻن ڏينهن وارو شهيد محترمه بينظير ڀٽو اسپورٽس فيسٽيول 2026 شروع

فيسٽول ۾ تعلقي 18 سرڪاري، نجي گرلز ۽ بوائز اسڪولن جي رانديگرن حصو ورتو

رانديون جون صحتمند سرگرميون نوجوان نسل لاءِ انتهائي اهم آهن: ملڪ امام الدين شوقين

ٽنڊوآدم (ن ع) سنڌ حڪومت جي رانديون ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي هدايتن تي ضلعي اسپورٽس کاتي سانگهڙ پاران شهيد محترمه بينظير ڀٽو اسپورٽس فيسٽيول 2026 جي سلسلي ۾ ٻن ڏينهن وارا راندين جا مقابلا ٽنڊوآدم جي اسپورٽس اسٽيڊيم ۾ شروع ٿي ويا. ٻن ڏينهن واري هن فيسٽيول دوران فٽبال، بيڊمنٽن، ايٿليٽڪس، ڪرڪيٽ، والي بال، رسي ڇڪڻ (ٽگ آف وار)، ٽيبل ٽينس سميت مختلف راندين جا مقابلا منعقد ڪيا پيا وڃن جن ۾ تعلقي ٽنڊوآدم جي 18 سرڪاري ۽ نجي گرلز ۽ بوائز اسڪولن جا رانديگر ڀرپور بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

DEPARTMENT
BHUTTO
2026
AIRS DEPARTMENT
ENAZIR BHUTTO

ٽنڊوآدم: شهيد محترمه بينظير ڀٽو اسپورٽس فيسٽيول ۾ سينيٽر امام الدين شوقين شيلڊون ورهائي رهيو آهي

سانگهڙ ۾ ٽي ڏينهن اڳ زخمي ڊاڪٽر سليم آرائين ڪراچي اسپتال ۾ فوت

واقعي تي شهرين،سياسي سماجي ۽ چيمبرز آف ڪامرس اڳواڻن پاران احتجاج جو اعلان

ڊاڪٽر سليم جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ خميس جي ڏينهن شهر ۾ هڙتال ڪئي ويندي: اڳواڻ

سانگهڙ (رپورٽ : اميربخش ٻڙدي) سانگهڙ ۾ ٽي ڏينهن اڳ نامعلوم موٽر سائيڪل هٿيارٻندن ڊاڪٽر سليم آرائين کي سانگهڙ شهر جي رحمت شاهه چوڪ ۾ گوليون هڻي زخمي ڪيو هو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نوابشاهه ريفر ڪيو ويو هو بعد ۾ اتان ڪراچي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي علاج هلندڙ هو علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو جنهن جو لاش سانگهڙ آندو پيو وڃي اُن وفات تي سانگهڙ شهرين،سياسي سماجي اڳواڻن چيمبرز آف ڪامرس جي اڳواڻن مذمت ڪندي چيو آهي ته اسان اڄ سٺي شخصيت کان محروم ٿي ويا سين پاڪ ڪيس جنت ۾ بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پوليس موبائل ڪلٽي ٿيڻ سبب گرفتار ڪيل 4 جوابدار فرار، اهلڪار زخمي

پٺاڻي نگر پوليس جوابدارن کي سڪرنڊ مان آڻي رهي هئي ته بريڪ فيل سبب موبائل ڪلٽي ٿي

حادثي سبب گرفتار ٿيل جوابدار فرار ٿي ويا، اي ايس آءِ سميت 3 اهلڪار زخمي، اسپتال منتقل

جوابدارن جي گرفتاري لاءِ نفري موڪلي سرچ آپريشن ڪيو پيو وڃي: ايس ايس پي حيدرآباد

حيدرآباد(ڪرائيم رپورٽر) حيدرآباد جي پٺاڻي نگر ٿاڻي جي پوليس مين هاءِ تي ڪلٽي ٿيڻ سبب سڪرنڊ مان گرفتار ڪيل 4 جوابدار فرار ٿي ويا جڏهن اي ايس آءِ سميت 3 اهلڪار زخمي ٿي پيا آهن ڪالهه پٺاڻي نگر ٿاڻي جي پوليس سڪرنڊ مان ڪيس ۾ گهربل جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪٺي اچي رهي هئي ته چلگري ٿاڻي جي حد منڊا موري وٽ پوليس موبائيل جي بريڪ فيل ٿيڻ سبب ڪلٽي ٿي پئي جنهن سبب گرفتار جوابدار فرار ٿي ويا جڏهن ته پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال داخل ڪيو ويو آهي زخمي اهلڪارن ۾ ايس بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٿرپارڪر: غريبن لاءِ سستي اگهه تي اٽو وڪرو ڪرڻ جا اسٽال قائم

مٺي، اسلام ڪوٽ، ڏاهلي، ۽ ٻين شهرن ۾ اٽ گاڏين تي مشتمل قافلو روانو

سستي اگهه تي اٽو وڪرو جو سلسلو مستقبل ۾ به جاري رهندو: ڊپٽي فوڊ ڪنٽرولر

نئون ڪوٽ (ن ع) صوبائي وزير خوراڪ جي هدايتن ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جي حڪم تي ٿر فلور ملز جي تعاون سان ٿرپارڪر ضلعي جي مختلف شهرن ۾ غريب ۽ مستحق ماڻهن جي سهولت لاءِ سستي اگهه تي اٽو وڪرو ڪرڻ جا اسٽال قائم ڪيا ويا آهن.ان سلسلي ۾ مٺي، اسلام ڪوٽ، ڏاهلي، ڇاڇرو ننگرپارڪر ڪلوئي سميت ٻين شهرن ۾ اٽو جي فراهمي لاءِ باقاعده انتظام ڪيا ويا آهن جتي ماڻهن کي سرڪاري طور مقرر ڪيل گهٽ اگهه تي اٽو مهيا ڪيو پيو وڃي جنهن سان مهانگائي جي ستايل عوام کي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

نئونڪوٽ: ٿر فلور مل پاران سستي اٽي جون گاڏيون ٿر ڏانهن روانيون ڪيون پيون وڃن

ٽنڊو غلام حيدر لڳ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا زخمي

دريا خان ورڙ ۾ گاڏي بيهارڻ جي معاملين تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

لٺيون لڳڻ سبب علي اڪبر، سجاد ۽ علي اختر زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

ماتلي (ن ع) ٽنڊو غلام حيدر ٿاڻي جي حد درياءَ خان ورڙ ۾ گاڏي بيهارڻ جي معاملي تان ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا لٺيون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا آهن جن کي مقامي اسپتال سان طبي امداد ڏيڻ کان پوءِ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي ٽنڊو غلام حيدر ٿاڻي تي جوابدار خلاف فرياد داخل ڪرايو ويو آهي . جهيڙي ۾ زخمي ٿيلن ۾ 15 ورهين جو علي اڪبر ورڙ 14 ورهين جو سجاد ۽ 11 ورهين جو علي اختر شامل آهن . سول اسپتال حيدرآباد منتقل ٿيڻ کان اڳ پنهنجي پيءُ علي اڪبر ورڙ سان گڏ پريس ڪلب پهچي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ اٽو 150 روپيا ڪلو وڪرو، چڪي مالڪن ۽ انتظاميه ۾ تڪرار

سرڪاري گودامن مان ڪٽڪ جي بليڪ وڪرو ۽ مقرر ڪيل ڪوٽا ناڪافي قرار

اي سي جا چڪين تي ڇاپا، مقرر اگهه تي اٽو وڪرو ڪرڻ جي هدايت

118روپيا في ڪلو ڪٽڪ خريد ڪرڻ بعد 107 تي وڪرو ناممڪن آهي: چڪي مالڪ

عمرڪوٽ (د ر) ڪنري تعلقي سميت ضلعي عمرڪوٽ ۾ انتظامي نااهلي سبب ڪٽڪ جو اٽو 150 روپيا ڪلو ٿي ويو پهرين 115 کان 125 روپيا ڪلو وڪامجندڙ وارو اٽو اوچتو مهانگو ڪري 130 کان 150 روپيا في ڪلو وڪرو ٿئي پيو اٽي ريٽ کي ڪنٽرول ڪرڻ تان انتظاميه ۽ چڪي مالڪن ۾ تڪرار ۾ پيدا ٿي ويو ۾ چڪي وارا پنهنجي هوڏ تي قائم آهن ،سرڪاري ڪٽڪ ۾ مبينه ڪرپشن تان گذريل هفتي سيڪريٽري خوراڪ پاران ڊي ايف سي عمرڪوٽ کي معطل ڪري نئون ڊي ايف سي مقرر ڪرڻ جو جو فائدو نه ٿيو ذريعن بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

نيوسعيدآباد عدالتي حڪم باوجود ڪيس داخل نه ٿيڻ تي شهري جو احتجاج

عدالتي حڪم جاري ٿيڻ پر نيوسعيدآباد پوليس ڪيس داخل نٿي ڪري: لالا رمضان

پوليس عملدارن خلاف ڪيس داخل نه ڪيو ويو ته ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

نيوسعيدآباد (ت ر) نيوسعيدآباد جي شهري تي پوليس پاران تشدد ڪرڻ وارو معاملو پوليس پاران عدالتي حڪم باوجود ڪيس داخل نه ڪرڻ خلاف شهري پاران نيوسعيدآباد ٿاڻي اندر احتجاج ڪيو ويو ڪجهه ڏينهن پهرين شهري اتحاد ۽ سروري تنظيم جي مقامي اڳواڻ فقير لالا رمضان ڪاڪا کي گرفتار ڪرڻ بعد اڳوڻي ايس ايڇ او نادر علي پٽي ۽ عملي پاران ڪيس سخت تشدد ڪرڻ بعد سندس تذليل ڪئي وئي هئي جنهن بعد لالا رمضان ڪاڪا جي پاءُ گل شير ڪاڪا اهڙي پٽيشن هالا جي عدالت ۾ داخل ڪرائي وئي هئي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

چيلهار: نئين RHCبلڊنگ باوجود اسپتال بي فائده بڻيل

رورل هيلٿ سينٽر منجهند 3 کان صبح 8 ٿائين صرف ايمرجنسي مريضن لاءِ ٿي کليل

بلڊنگ ۾ ٺيڪيدارن ناقص مٽريل استعمال ڪيو نيب ۽ اينٽي ڪرپشن جانچ ڪن:ذريعا

چيلهار(ن ع) چيلهار اسپتال کي RHCجو درجو مليل ٽوڙي بلڊنگ ڍهيل هئڻ باوجود بي BHUطور هلڻ هلڻ لڳي رورل هيلٿ سينٽر 20 هزار کان مٿي آبادي لاءِ منجهند 3 کان صبح 8 ٿائين حادثاتي مريض ايمرجنسي طور بيمار مريض رورل هيلٿ سينٽر پهچي وڌيڪ بيمار ٿيو وڃن انڪري منجهند 3 کان صبح 8 ٿائين سواءِ ڊليوري جي بي ڪنهن بي قسم جو علاج نٿو ڪيو وڃي ان حوالي چيلهار جي مقامين ساجهه وندن جو چوڻ آهي ٿر قديمي شهر چيلهار جي نئين RHCبلڊنگ ۾ ٺيڪيدارن ڏاڍڪو ٺوڪو ڏئي رورل هيلٿ سينٽر جي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران عورتن جي رقم مان ڪٽوتي ڪندڙ ٽن ڄڻن کي گرفتار ڪيو

شڪايتن تي لقمان سر نالي ويجهو ڊرائيز مافيا هڪ گهر ڇاپو هڻي گرفتاريون ڪيون: پوليس

هڪ ڊرائيز مافيا ۽ ٻن ايجنٽن کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري جاچ شروع ڪئي آهي

خيرپور(د ر)خيرپور بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس جي ڪارروائي بينظير انڪم سپورٽ جي پئسن مان ڪٽوتي ڪندڙ ٻن ايجنٽن کي گرفتار ڪري ورتو لقمان سر نالي ويجهو ڊرائيز مافيا هڪ گهر اندر بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط هلائي رهيو هو جتي ڊرائيز مافيا پاران مختلف عورتن جي قسط مان هڪ هزار کان ٻه هزار ٿائين غيرقانوني ڪٽوتي ڪري رهيو هو بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: پاڻي ۾ ڪري پيل چنگچي رڪشا ٻي طرف فوت جو لاش پيل آهي

ڪڪڙ پرسان 2 سال اڳ خوني تڪرار جو جرڳو هڪ ڪروڙ 96 لک روپيا ڏنڊ

ذوالفقار علي ۽ محمد رمضان جي خون جو جرڳو جهانگيرا باجارا لڳ سردار حاڪم خان نوحاڻي جي سرپنچي ۾ ٿيو

غلام مصطفيٰ قمبراڻي واري ڌر ڏوهي قرار، في خون 98 لک روپيا ڏنڊ مقرر، جوابدار ڌر رقم هڪ هفتي اندر ادا ڪندي

پاڪ ڪتاب تي هٿ رکڻ سان ٻنهي ڌرين اختلاف ختم ڪري امن قائم ڪرڻ جو اعلان، علائقي ۾ خوشي جي لهر ڇانئيل

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ پرسان 2 سال اڳ قمبراڻي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار دوران جهيڙي ۾ مارجي ويل ٻن خونن جو جرڳو ٿيو جنهن مجموعي طور هڪ ڪروڙ 96 لک روپيا ڏنڊ وڌو ويو ڌرين کي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ اسماعيل سميجو قتل ڪيس جو مک جوابدار الهداد سميجو جي گرفتار ظاهر

جوابدار جي گرفتاري سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان عمل ۾ آندي وئي: ايس ايس پي

جوابدار جو جسماني ريمانڊ حاصل ڪرڻ کان پوءِ وڌيڪ ڪيس جي جاچ ڪئي ويندي

رهيل ٻن اڻ ڄاتل جوابدارن کي به جلد ظاهر ڪري گرفتار ڪيو ويندو

عمرڪوٽ (د ر) عمرڪوٽ ۾ نوجوان اسماعيل سميجو کي بي رحمي سان ڳلو ڪپي قتل ڪرڻ واري افسوسناڪ واقعي جو ڊراپ سين ٿي ويو آهي، پوليس جديد جاچ ذريعن ۽ سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي مدد سان واقعي جي مک جوابدار الهداد سميجو جي گرفتار ظاهر ڪري ڇڏي ايس ايس پي عمرڪوٽ عذير احمد ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته هن بي رحمائي قتل واقعي نه صرف عمرڪوٽ ۾ سڄي سنڌ ۾ خوف ۽ هراس جي فضا پيدا ڪري ڇڏي هئي،هن پريس ڪانفرنس جو مقصد اهو خوف ختم ڪرڻ آهي عمرڪوٽ پوليس بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ : ايس ايس پي عمرڪوٽ قتل ڪيس ۾ گرفتار ڪيل جوابدار جي گرفتار بابت ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ساڪرو جو پورهيت ڪراچي سبزي منڊي مان پراسرار نموني گم، وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر

ميرپور ساڪرو(ن ع) ساڪرو جو پورهيت ڪراچي سبزي منڊي مان پراسرار نموني گم وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر ميرپور ساڪرو جي ڳوٺ جان محمد شيخ جو رهواسي پورهيت گذريل ڏينهن کان ڪراچي مان گم وارث پريشان آهن پورهيت سليم ملاح ڪراچي سبزي منڊي مان گم ٿي ويو آهي وارثن اغوا جو شڪ ظاهر ڪري ڇڏيو بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو ۾ پورهيت جي ڪکائين جهڳي کي باهه، الهه تلهه رک

ٽنڊوباگو (ت ر) ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ نمبر 2 مير محلي ۾ منظور علي خاصخيلي جي ڪکائين گهر کي اوچتو بجلي جي تار مان باهه لڳي وئي، گهر ۾ پيل سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو جنهن ۾ هنڌ بسترا ڪتون ڪپڙا ۽ روڪ رقم پڻ سڙي وئي آهي پورهيت جا معصوم ٻار سخت سردي ۾ کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۽ پرپاسي بدامني تي ڪنٽرول نه ٿيو، هٿيارٻند نوجوان کي زخمي ڪري لکين رپيا ڦري ويا

عادلپور لنڪ روڊ تي ٽي موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻندن اعجاز مهر کي گوليون هڻي 38 لک رپيا ڦري ويا

زخمي کي اسپتال آندو ويو جتان نازڪ حالت هجڻ تي رحيميارخان جي اسپتال منتقل ڪيو ويو

گهوٽڪي(رپورٽ: اقبال صديقي) گهوٽڪي عادلپور لنڪ روڊ تي ٽي موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻند ڏينهن ڏٺي جو اعجاز مهر کان 38 لک رپيا ڦر ڪري مزاحمت ڪرڻ تي کيس گوليون هڻي زخمي ڪرڻ بعد فرار بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

راڻيپور مان مبينا چوري الزام ۾ ٽن ٻارن کي پڪڙي پوليس حوالي ڪيو ويو

دڪان مان 80 کان 90 هزار رپيا چوري ڪندي نينگر سميت ٽن ڄڻن کي پڪڙيو آهي: دڪاندار

چوري ڪرڻ لاءِ نه پر پڙهڻ لاءِ دڪان تي آياسين ته پڪڙيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: متاثر

راڻي پور(ن ع) راڻيپور جي پراڻي بس اسٽينڊ وٽ نظر پٺاڻ جي ڪرياني جي دڪان تي مبينا چوري جي الزام هيٺ معصوم ٻار ۽ ٻه نياڻيون پڪڙجڻ جو واقعو پيش آيو چوري الزام هيٺ آيل نينگريون ڏانهون رڙيون ۽ ڪوڪون ڪنديون رهيون اسان چور ناهيون جنهن بعد ڪنهي ڄڻن کي پوليس حوالي ڪيو ويو آن موقعي تي متاثر دڪان مالڪ نظر پٺاڻ الزام لڳائيندي ٻڌايو ته سندس ڪرياني جي دڪان مان 80 کان 90 هزار رپين هي ڪٿي چٽا چوري ڪري رهيا هئا ڪين کي چوري ڪندي ڏسي ورتوسين ۽ ڪين کي هٿيڪو ڪيو ۽ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

راڻيپور: گرفتار ڪيل جوابدارن کي عدالت ۾ آندو پيو وڃي

راڌڻ لڳ نوجوان گهريلو ناراضگي سبب زهريلي دوا پي ڇڏي، اسپتال منتقل

راڌڻ (ن ع) راڌڻ لڳ پرسان ڳوٺ چانڊ زرداري جي رهواسي نوجوان گلشير علي زرداري ولد محمد صابر گهريلو ناراضگي سبب زهريلي دوا پي ورتي، جنهن کي ترت راڌڻ جي سرڪاري اسپتال آندو ويو،مقامي ماڻهن موجب مريض کي اسپتال آڻڻ باوجود ٻن ڪلاڪن ڏائين هو تڙپندو رهيو پر اسپتال ۾ ڪو به ڊاڪٽر موجود نه هو وارثن جي دانهن ۽ فريادن باوجود طبي عملي طرفان ڪا به فوري مدد نه بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سنجهورو لڳ قتل ٿيل ارشد ڪورڪاڻي جو ڪيس عملدارن خلاف داخل ڪرائڻ جو حڪم

ايڊيشنل سيشن جج سانگهڙ صدام حسين ڪورڪاڻي جي درخواست تي حڪم جاري ڪيو

عدالت ڊي ايس پي، ايس ايڇ او سميت 5 عملدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو

سنجهورو (رپورٽ خادم حسين خاصخيلي) ڪجهه ڏينهن اڳ سنجهورو لڳ ڪنگ پٽي موري پرسان سنجهورو پوليس چيڪنگ دوران پراسرار نموني گولي لڳڻ ڪري قتل ٿيل نوجوان ارشد عرف ارشو ڪورڪاڻي جي سؤٽ صدام حسين ڪورڪاڻي جي درخواست تي داخل ٿيل 22 اي سڪس رن تح28/1/2026 تي جناب ايڊيشنل سيشن جج سانگهڙ غلام قادر ٿيبون جي عدالت ، ڊي ايس پي سنجهورو عابد بروهي ، ايس ايڇ او سنجهورو رحم حسين واسوڻو ، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر علي حسن بروهي ، وڏو منشي آصف راجپوت ، ۽ سپاهي سرفراز شيخ مڱڻ ، ايف آءِ اي ڪرائم سرڪل نواب شاهه کي حڪم بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: چوڙي مارڪيٽ ۾ ڪاريگر چوڙيون ٺاهي رهيو آهي ٻي طرف دڪانن تان چوڙيون وڪرو ڪيون پيون وڃن

هالا ۾ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ۽ اربن ريجنل پاليسي پلاننگ ونگ جي اهتمام هيٺ سيمينار

سيمينار ۾ اقراءِ جنت، ڊاڪٽر مظاهر، سينيئر سرڪاري عملدارن، پلاننگ ڪنسلٽنٽن، سياسي نمائندن جي شرڪت

مقامي سطح تي عوامي شموليت ۽ اسٽيڪ هولڊرز جي صلاح مشوري سان ئي منصوبو تيار ٿي سگهي ٿو:ذوالفقار ڪنڀار

هالا، ٽنڊو آدم، ڪوٽڙي ۽ مورو سميت ڪيترن شهرن تي ٽئين مرحلي تحت ڪم جاري آهي: بابر علي شاهه

هالا (ت ر) هالا جي مستقبل جي ماسٽر پلان بابت اهم سيمينار منعقد سنڌ حڪومت جي پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ۽ اربن ريجنل پاليسي اينڊ اسٽريٽجڪ پلاننگ ونگ جي اهتمام هيٺ هالا شهر جي مستقبل جي ماسٽر پلان بابت هالا جيمخانه ۾ هڪ اهم سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ هالا کي ماڊل بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو جو برک زميندار حاجي راڻون خان جمالي سو سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو

ٽنڊوباگو (ت ر) ايريا واٽر بورڊ ضلع بدين جو چيئرمين حاجي سائين بخش جمالي نورمحمد جمالي سر دار غلام رسول جمالي رئيس عطاحسين



بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

اوڏيرولال: ڳوٺاڻن جو ترقياتي ڪمن ۾ ڪرپشن خلاف احتجاج

حاجي غلام رسول ۽ طاهر هنگورو ۾ سي سي بلاڪ ۽ روڊ جا ڪم اڌ آهن: مظاهرين

ٺيڪيدار ارشد اڱڙ آفيسرن سان ٺاهه ڪري ڪروڙين رپين جي ڪرپشن ڪري ٻين نوٽيس ورتو وڃي

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرو لعل لڳ ڳوٺ حاجي غلام رسول هنگورو ۾ طاهر هنگورو ۾ سي سي بلاڪ ۽ روڊ ڇهن سالن کان مڪمل نه ٿي سگهيو ڳوٺاڻن جو ڪائونسلر ممتاز چنو منور هنگورو غلام نبي چنو واحد بخش چنو زبير هنگورو غلام حيدر چنو صحافين اڳيان دانهيندي الزام هنيو آهي ته 2022 ۾ ڳوٺ طاهر هنگورو سي سي بلاڪ ڳوٺ حاجي غلام رسول هنگورو ۾ سي سي بلاڪ ۽ روڊ جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو آهي ٺيڪيدار ارشد اڱڙ آفيسرن سان ملي ٺاهه ڪري ڪروڙين رپين جي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص ۾ بجلي شارٽ سرڪٽ مان ڪپڙن جي گودام کي باهه

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص شهر ۾ لال مندر واري پاڙي ۾ ڪپڙن جي هڪ گودام ۾ اوچتو بجلي جي شارٽ سرڪٽ سبب باهه لڳي وئي باهه سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ، مقامي رهواسين گودام ۾ ڪم ڪندڙن کي ڪڍي بچائي ورتو ، باهه گودام جي بيسمينٽ ۾ لڳي هئي ، باهه لڳڻ جي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ اٽو مقرر ڪيل سرڪار اگهه تي وڪرو ٿي نه سگهيو

واپاري 130 روپيه في ڪلو اٽو وڪرو ڪرڻ لڳا، سرڪاري اسٽال پڻ قائم نه ٿيا

37ڪلو واري ڪٽو 4600 روپيه ۽ في ڪلو 130 روپيه سرعام وڪرو پيو ٿي:شهري

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ سرڪار جي خوراڪ کاتي طرفان 107 روپيه في ڪلو اگهه واري اعلان تي عمل ٿي نه سگهيو ، واپاري 130 روپيه في ڪلو اٽو وڪرو ڪرڻ لڳا ، ٽنڊو محمد خان ۾ سرڪار جي خوراڪ کاتي جي طرفان سرڪار جي مقرر ڪيل 107 روپيه في ڪلو اگهه تي اٽي جي وڪري تي ڪو به عمل ٿي نه سگهيو آهي نه وري ٽنڊو محمد خان ۾ خوراڪ کاتي طرفان سستي اٽي لاءِ ڪي اسٽال لڳايا ويا آهن ، واپاري شهري علائقي ۾ اٽي جي 37 ڪلو واري ڪٽي تي 4600 روپيه ۽ في ڪلو 130 روپيه سرعام وڪرو بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

نئون ڳوٺ پوليس ڪارروائي، فراڊ ڪيس ۾ گهربل جوابدار گرفتار

نئون ڳوٺ(ن ع)نئون ڳوٺ پوليس جي ڪارروائي ڪيس ۾ گهربل هڪ جوابدار گرفتار ڪري ورتو آهي، نئون ڳوٺ فراڊ ڪيس ۾ گهربل ڪراچي سان روپوش ڄاڻايل جوابدار محمود علي کي دادو پوليس پاران درگاهه مخدوم سعدي موسائي جي مسافر خاني مان گرفتار ڪرڻ جي دعوي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: يوسي لباڻو ۾ محتسب سيڪريٽريٽ پاران کلي ڪچهري ۾ ماڻهن جا مسئلا ٻڌي رهيا آهن

گمبٽ ٿاڻي آڏو سرڪاري پلاٽ تي قبضو ڪندڙ هڪ ڄڻو گرفتار

ايڊيشنل سيشن جج گمبٽ قبضي واري هنڌ پهچي دورو ڪيو

ايس ايڇ او کي جوابدار تي ڪيس داخل ڪري ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ جي هدايت

خيرپور(د ر) گمبٽ ٿاڻي اڳيان سرڪاري زمين تي مبينا قبضي ڪرڻ خلاف ايڊيشنل سيشن جج گمبٽ قبضي واري هنڌ پهچي دورو ڪيو هڪ ڄڻو گرفتار ايس ايڇ او کي جوابدار تي ڪيس داخل ڪري ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ جي هدايت. ڪيس داخل نه ٿي سگهيو ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او گمبٽ بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: هڪ شاگرديائي ڪرڪيٽ ميچ دوران آئوٽ ٿي رهي آهي

نوابشاهه ۾ بيوه ۽ مستحق عورتن کي ملندڙ وظيفي مان ڪٽوتي جاري، احتجاج

مستحقن ذنع خاتون، مسمات گوري، مسمات عابده، مسمات مومل ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ٻه هزار ڪٽوتي ڪري اسان مسڪينن جي حق تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي، نوٽيس ورتو وڃي

نوابشاهه (د ر) نوابشاهه شهر جي مختلف علائقن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت غريب، بيوه ۽ مستحق عورتن کي ملندڙ وظيفي جي قسط مان ڊرائيس هلائيندڙن پاران غيرقانوني طور ٻه کان ٽي هزار رپين جي ڪٽوتي ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي ان حوالي سان متاثر عورتن بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪپرو جي سينيئر صحافي ممتاز بوزدار جي پيءُ لاڏاڻو ڪري ويو

ڪپرو(ن ع) ڪپرو جي سينيئر صحافي ممتاز بوزدار جي پيءُ اعظم بوزدار جي گهر واري ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد وفات ڪري وئي مرحوم جي جنازي نماز ڳوٺ طيب بوزدار لڳ ڪپرو ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز سياسي سماجي اڳواڻ صحافين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي مرحوم کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ زيبسٽ يونيورسٽي ڪئمپس جو 20 هون ڪانووڪيشن، ڊگريون ڏنيون ويون

مقامي هال ۾ ڪرايل ڪانووڪيشن ۾ مجموعي طور 225 گريجوئيٽ کي ڊگريون ڏنيون ويون

زيبسٽ يونيورسٽي ڀٽو خاندان جي ملڪ جي عوام لاءِ تعليمي خدمت جو ثبوت آهي: ڪمشنر

لاڙڪاڻو (س ر) لاڙڪاڻي زيبسٽ يونيورسٽي ڪئمپس لاڙڪاڻو جو 20 هون ڪانووڪيشن مقامي هال ۾ ڪرايو ويو جنهن ۾ خاص مهمان ڪمشنر لاڙڪاڻو طاهر حسين سانگي، نائب صدر ڊاڪٽر محمد الطاف مڪاڻي هيڊ آف ڪئمپس لاڙڪاڻو ڊاڪٽر زاهده ابڙو نائب صدر ايڊمن بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ منشيات فروشن خلاف پوليس ڪارروائي، منشيات هٿ، 9 جوابدار گرفتار

ٽنڊو محمد خان(د ر) ٽنڊو محمد خان ۾ منشيات فروشن خلاف پوليس جي ڪاروائي ، 9 جوابدار منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوي ، ٽنڊو محمد خان پوليس مختلف علائقن مان چڙهائيون ڪري ڇاپا هڻي منشيات جي الزام ۾ 9 جوابدارن هر هڪ احمد خان چانڊيو ، منير خاصخيلي ، گل محمد ٻڙدي ، بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

نوري آباد ۾ فائر سيفٽي بابت گڏيل انسپيڪشن ۽ آگاهي مهم هلائي وئي

اسسٽنٽ ڪمشنر، ريسڪيو 1122، سول ڊفينس ۽ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جا

حفاظتي قاعدن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ادارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي:

نوري آباد(ن ع) انساني جاني ۽ مالي نقصان کان بچاءَ جي مقصد سان اسسٽنٽ ڪمشنر آصف سومرو جي اڳواڻي ۾ نوري آباد ۾ فائر سيفٽي جي حوالي سان گڏيل انسپيڪشن ۽ آگاهي مهم هلائي وئي مهم دوران اسسٽنٽ ڪمشنر ٿاڻو بولا خان/ حبيب الله راهمون اسٽيشن هائوس انچارج نوري آباد ريسڪيو 1122 جي آفيسر پرويز احمد، سول ڊفينس حيدرآباد جي انسپيڪٽر بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.